ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
حڪومتي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اڱارو 17 مارچ 2026ع 27 رمضان المبارڪ 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (213)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

آمريڪي اتحادي آبنائي هرمز جي بحران ۾ اسان جي مدد نہ ڪئي تہ نيٽو خراب مستقبل کي منهن ڏيندو: صدر ٽرمپ

برطانيا، فرانس، جاپان ۽ آسٽريليا پاران آبناءِ هُرمز کولرائڻ لاءِ آمريڪي صدر جي اپيل رد، ٽرمپ جي نيٽو اتحادين کي ڌمڪي

جاپان ۽ آسٽريليا آبناءِ هرمز جي سيڪيورٽي لاءِ پنهنجا سامونڊي جنگي جهاز موڪلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، اسان آبناءِ هرمز ۾ پنهنجو جنگي جهاز موڪلڻ جو ارادو نٿا رکون: آسٽريلوي وزير

ايران جي موجوده صورتحال کي نظر ۾ رکندي جپان ميرٽائم سيڪيورٽي آپريشن شروع ڪرڻ جو ڪو ارادو نٿو رکي، خطي ۾ جنگ جي صورتحال ۽ ڇڪتاڻ سبب سيڪيورٽي خدشا آهن: جاپان

ايران تي آمريڪا ۽ اسرائيل جا حملا نيٽو جي جنگ ناهن. نيٽو دفاعي اتحاد اهڙي صورتحال کي ذهن ۾ رکي نہ ٺاهيو هو جهڙي صورتحال هن وقت وچ اوڀر ۾ نظر اچي پئي: برطانوي حڪومت

نيٽو 1949 ۾ آمريڪا ۽ برطانيا سميت 12 ملڪن گڏجي قائم ڪيو هو ۽ ان جو هڪ اهم اصول آرٽيڪل پنج آهي جنهن موجب هڪ ملڪ تي حملو سمورن ملڪن تي حملو تصور ڪيو ويندو

مناسب اهو ئي آهي تہ اهي ماڻهو جيڪي آبنائي هرمز مان فائدو کڻي رهيا آهن ان ڳالهہ کي يقيني بڻائڻ ۾ مدد ڪن تہ اتي ڪجهہ خراب نہ ٿئي، ڪجهہ اتحادين رابطو ڪيو آهي: صدر ٽرمپ

لنڊن/دبئي/پيرس (مانيٽرنگ ڊيسڪ) برطانيا، فرانس، جاپان ۽ آسٽريليا آبناءِ هُرمز کولرائڻ لاءِ آمريڪي صدر جي اپيل رد ڪري ڇڏي، جنهن تي صدر ٽرمپ ڪاوڙجي پيو ۽ نيٽو اتحادين کي سنڌن انجام خراب ٿيڻ جي ڌمڪي ڏني آهي رپورٽ موجب برطانيا آبناءِ هرمز لاءِ بحري جنگي جهاز موڪلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي ۽ برطانوي وزيراعظم ڪيئر اسٽارمر ٽرمپ کي "نو" چئي ڇڏيو آهي اخبار موجب، برطانوي وزيراعظم ڪيئر اسٽارمر آبناءِ هرمز کولڻ لاءِ ٽرمپ جي مدد واري اپيل رد ڪندي چيو آهي تہ برطانيا ان لاءِ تيار ناهي. جاپان ۽ آسٽريليا آبناءِ هرمز جي سيڪيورٽي لاءِ پنهنجا سامونڊي جنگي جهاز موڪلڻ کان بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت ۾ اعليٰ سطحي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

سعودي ۽ يو اي اي ايراني حملن کي عرب خودمختياري ۽ عالمي قانونن جي ڀڃڪڙي قرار ڏئي ڇڏيو

دبئي (م د) گڏيل عرب امارتن جي صدر محمد بن زايد آل نهيان ۽ سعودي ولي عهد محمد بن سلمان وچ ۾ ٽيليفونڪ رابطو ٿيو جنهن دوران علائقي جي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

پيٽروليم مصنوعات جي مقرر اگهن تي وڪرو يقيني بڻايو وڃي، ذخيري اندوزن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي: وزيراعظم

وزيراعظم جي صدارت ۾ عالمي سطح تي ڇڪتاڻ جي ڏس ۾ ملڪي معيشت جي استحڪام ۽ عوام کي رليف ڏيڻ جي لاءِ قدمن جي حوالي سان جائزہ اجلاس ٿيو

حڪومت عالمي سطح تي جاري ڇڪتاڻ جي ڏس ۾. ڪنهن بہ قسم جي صورتحال کي منهن ڏيڻ جي لاءِ تيار آهي. عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻنداسين: شهباز شريف

تازي عالمي صورتحال ۾ عوام کي رليف ڏيڻ جي حوالي سان ٺوس قدمن تي پڻ مشاورت جاري آهي. حڪومت جي رٿ سر فيصلن جي ڪري هن وقت ملڪ ۾ پيٽروليم مصنوعات جو مناسب مقدار موجود آهي

بدلجندڙ عالمي صورتحال جي ڏس ۾ ملڪ ۾ معاشي استحڪام قائم ڪرڻ جي لاءِ وقت سر ناهيل ڪميٽي جي فيصلن جي ڪري عوام جي لاءِ تيل جي مسلسل فراهمي ممڪن ٿي

تيل جي مسلسل فراهمي ۽ ان جي مقرر قيمت تي وڪري کي يقيني بڻائڻ لاءِ پاڪ ايپ ۾ صارفين لاءِ فيچر شامل ڪيو ويو آهي اهي ڪٿي بہ تيل جي عدم دستيابي يا مهانگي اگهن تي وڪري بابت شڪايت ڪري سگهن ٿا

اجلاس ۾ وزيراعظم کي ملڪ ۾ موجود تيل جي ذخيرن، بارڻ جي گهرج پوري ڪرڻ جي لاءِ پيٽروليم مصنوعات جي درآمدات ۽ عوام کي عالمي ڇڪتاڻ جي ڏس ۾ رليف ڏيڻ جي حوالي سان قدمن تي بريفنگ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پيٽروليم مصنوعات جي مقرر اگهن تي وڪري يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي تہ حڪومت عالمي سطح تي جاري ڇڪتاڻ جي ڏس ۾ ڪنهن بہ قسم جي صورتحال کي منهن ڏيڻ جي لاءِ تيار آهي وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ عالمي سطح تي ڇڪتاڻ جي ڏس ۾ ملڪي معيشت جي استحڪام بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف موجوده صورتحال بابت گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

آمريڪا کي ايران خلاف جنگ جي غلطي جي احساس ٿيڻ تائين ويڙهہ جاري رهندي: عباس عراقچي

صدر ٽرمپ کي اهو احساس ٿيڻ گهرجي تہ هڪ غيرقانوني جنگ ايران تي مڙهي وئي آهي: پرڏيهي وزير

ان جنگ جي متاثرن کي معاوضو بہ ملڻ گهرجي، ايران وٽ آمريڪا سان ڳالهين جو ڪو جواز موجود ناهي

تهران (اي پي پي) ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي چيو آهي تہ ايران ان وقت بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

برطانيا جو ايران خلاف جنگ جو حصو نہ بڻجڻ جو اعلان

آبناءِ هرمز کي کولرائڻ سولو ڪم ناهي پر ان کي جلد بحال ڪرڻ گهرجي: برطانيا

لنڊن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) برطانوي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسرائيلي فوج پاران شهيد آيت الله خامنه جي استعمال هيٺ جهاز تباهه ڪرڻ جي دعويٰ

تل ابيب (م د) اسرائيلي فوج دعويٰ ڪئي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ايران سان ڳالهين ڪانپوءِ پارٽي جهازن کي آبناءِ هرمز مان گذرڻ جي اجازت

ايران ۾ آمريڪا ۽ اسرائيل جا ميزائيل حملا، ڪيئي عمارتون تباهہ، 15 شهري شهيد

وچ اوڀر ۾ ايران، آمريڪا ۽ اسرائيل وچ ۾ ڇڪتاڻ انتهائي رخ اختيار ڪري ورتو، اصفهان ۽ شيراز تي بمباري

آبناءِ هرمز جي سيڪيورٽي، علائقائي سفارتڪاري ۽ نون سيڪيورٽي واقعن بابت اهم اپڊيٽون سامهون اچڻ لڳيون

تهران/واشنگٽن/تل ابيب (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وچ اوڀر ۾ ايران، آمريڪا ۽ اسرائيل وچ ۾ ڇڪتاڻ انتهائي رخ اختيار ڪري ورتو آهي، اسرائيلي جهازن ايران جي شهر اصفهان، شيراز تي ميزائلن ۽ بمن سان بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ٽرمپ ۾ همت آهي تہ آمريڪي فوج ايراني نار طرف موڪلي ڏيکاري: پاسدارن انقلاب

ايران اجا تائين اهي ميزائل استعمال نہ ڪيا آهن جيڪي جون 2025 ڪانپوءِ تيار ڪيا ويا آهن

ٽرمپ چيو هو تہ آمريڪا ايراني سامونڊي تباهہ ڪري ڇڏي آهي، جيڪڏهن ايئن آهي تہ آمريڪي صدر مڙسي ڏيکاري

تهران (م د) پاسدارانِ انقلاب جي ترجمان جنرل علي محمد چيو آهي تہ ايران اجا تائين اهي ميزائل استعمال ڪري رهيو آهي جيڪي هن ڏهہ سال اڳ تيار ڪيون هيون هن چيو تہ ايران اجا تائين اهي ميزائل بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

آمريڪا پاران آبناءِ هرمز ۾ جهازن جي حفاظت لاءِ گهڻ ملڪي اتحاد جو منصوبو تيار ڪرڻ جي دعويٰ

ٽرمپ انتظاميا طرفان ان منصوبي جو اعلان هلندڙهفتي جي شروعات ۾ متوقع آهي: آمريڪي اخبار جي رپورٽ

واشنگٽن (م د) ٽرمپ انتظاميا آبناءِ هرمز وٽان گذرندڙ سامونڊي جهازن جي حفاظت لاءِ گهڻ ملڪي اتحاد ٺاهڻ جو منصوبو تيار ڪري ورتو آهي. آمريڪي اخبار موجب، ٽرمپ انتظاميا طرفان ان منصوبي بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صوبائي وزير ناصر شاهہ، ايم اين اي شازيہ عطا مري ۽ راجا رزاق پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري سان گڏ بيٺل آهن

صحافي برادري جي مسئلن جي حل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهنداسين: وفاقي حڪومت

حڪومت صحافين جي ڀلائي ۽ ميڊيا جي مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن تعاون جاري رکندي: وزير اطلاعات

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي تہ نيشنل پريس ڪلب صحافين جو مضبوط آواز آهي. صحافي برادري جي مسئلن جي حل لاءِ اطلاعات واري وزارت بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

اهل تشيع سحري	اهل تشيع افطاري	اهلسنت سحري	اهلسنت افطاري	شهر
05:15	06:51	05:23	6:42	ڪراچي
05:09	06:46	05:18	06:37	حيدرآباد
05:06	06:43	05:15	06:34	سکر

ڪراچي ۾ ڪالعدم تحريڪ طالبان فتنہ الخوارج جو اهم دهشتگرد گرفتار

سي ٽي ڊي سنڌ ۽ حساس ادارن مليرَ ۾ ڪارروائي ڪندي دهشتگرد احسان الله کي سوگهو ڪيو

سنڌس قبضي مان هينڊ گرنيڊ برآمد ڪيو ويو، ڪيمپ فورسز تي حملو ڪرڻ جو ٽاسڪ مليل هو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سي ٽي ڊي سنڌ ۽ حساس ادارن گڏجي مليرَ ۾ هڪ گڏيل انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو جنهن دوران ڪالعدم تحريڪ طالبان پاڪستان (فتنہ الخوارج) جو هڪ اهم دهشتگرد گرفتار ڪيو ويو گرفتار دهشتگرد احسان بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ٽنڊو الهيار: پ پ ايم اين اي ذوالفقار ستار بڇاڻي پ پ عورت ونگ جي صدر فريال ٽالپر سان گڏ بيٺل آهي

ڀارت جي سرڪاري اسپتال ۾ باهہ لڳڻ سبب 10 ڄڻا اجل جو شڪار

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارت جي اوڀرندي رياست اڙيسہ ۾ واقع سرڪاري اسپتال ۾ بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم بچت مهم تي عملدرآمد جي نگراني لاءِ آءِ جي کي ٽاسڪ سونپي ڇڏيو، نوٽيفڪيشن جاري

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف ڪفايت شعاري مهم تي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

سنڌ سرڪار شب قدر 27 رمضان تي صوبي ۾ عام موڪل جو اعلان ڪري ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ سرڪار شب قدر 27 رمضان تي صوبي ۾ سرڪاري بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

خوراڪ کاتي ۾ خردبرد ڪندڙ ڪشمور جو فوڊ انسپيڪٽر نوڪري تان برطرف

انچارج بي آر سي فوڊ انسپيڪٽر ڪشمور محمد يوسف ملڪ کي ڪيترائي ڀيرا شوڪاز نوٽيس جاري ڪيا

هن ڪنهن بہ نوٽيس جو جواب نہ ڏنو ۽ سيڪريٽري خوراڪ اڳيان ڪا به وضاحت پيش نہ ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) خوراڪ کاتي ۾ بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

اي پي اين ايس جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو اجلاس گذريل سال جي سالياني رپورٽ ۽ حسابن جي منظوري

ڪميٽي اي پي اين ايس جو سالياني عام اجلاس 31 مارچ تي ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو

سرمد علي جي صدارت ۾ ٿيل اجلاس ۾ محمد اطهر قاضي، قاضي اسد عابد، شهاب زبيري ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ڪراچي(بيورو رپورٽ) اي پي اين ايس جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو اجلاس ڪراچي ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ ميمبرن متفق طور تي سال 2025-2026 جي سالياني رپورٽ ۽ حسابن جي منظوري ڏني ۽ موجوده بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سيد سرمد علي جي صدارت ۾ اي پي اين ايس جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

سعودي بچاءَ واري وزارت جي 60 کان وڌيڪ ڊرونز روڪڻ جي دعويٰ

دبئي انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي لڳل باهہ تي ضابطو آندو ويو آهي: اختياريون

رياض (م د) سعودي عرب جي بچاءَ واري وزارت دعويٰ ڪئي آهي تہ ملڪ جي ايئر ڊفينس سسٽم 60 کان وڌيڪ ڊرونز کي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

دبئي ايئرپورٽ ويجهو ڊرون حملي سبب باهہ لڳي وئي، اڏامون معطل

ايئرپورٽ تي ڊرون حملي دوران ٻارڻ واري ٽينڪ کي نشانو بڻايو ويو

احتياطي اپاءَ طور دبئي انٽرنيشنل ايئرپورٽ تان عارضي طور اڏامون معطل

دبئي (م د) دبئي ايئرپورٽ جي ويجهو ڊرون حملي سبب باهہ لڳي وئي جنهن کي وسائڻ جون ڪوششون جاري آهن. دبئي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار سان وقتي آمريڪي ناظم الامور جي ملاقات

پاڪستان ۽ آمريڪا جي ٻطرفي لاڳاپن ۽ خطي جي صورتحال تي ڳالهيون

ٻنهي اڳواڻن خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي فروغ جي فوري ضرورت کي اجاگر ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ڪالهہ سومر ڏينهن وقتي آمريڪي ناظم بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي حمايت تي ٿورائتا آهيون: ايراني پرڏيهي وزير

آمريڪا ۽ صهيوني حڪومت جي اڳرائيءَ جي مقابلي ۾ ايڪي جو اظهار ڪريون ٿا

تهران (م د) ايران جي پرڏيهي وزير عباس بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

سکر: پ پ ايم اين اي سيد خورشيد شاهہ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ايران سان ڳالهيون ڪري رهيا آهيون، پر مون کي نٿو لڳي تہ تهران ڳالهين لاءِ تيار آهي: ٽرمپ

آبناءِ هرمز بابت 7 ملڪن سان رابطي ۾ آهيون ۽ انهن کان آبناءِ هرمز جي حفاظت ۾ مدد جو مطالبو ڪيو آهي

اسرائيل بہ آبناءِ هرمز کي محفوظ بڻائڻ لاءِ آمريڪا سان گڏ ڪم ڪري رهيو آهي، ٻين ملڪن کي مدد جو چيو آهي

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي تہ اسان ايران سان ڳالهيون ڪري رهيا آهيون پر مون کي نٿو لڳي تہ ايران بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ سي ٽي ڊي جي ڪارروائي، بي ايل ايف جو اهم اڳواڻ گرفتار، هٿيار هٿ

ايئرپورٽ روڊ ويجهو ڪرائي تي ورتل فليٽ تي ڇاپو هڻي جوابدار امجد گهراڻ کي گرفتار ڪيو ويو

جوابدار وٽان ريموٽ آءِ اي ڊي جا پرزا، حساس هنڌن جا نقشا ۽ پارٽي نمبر سان هلندڙ سيٽلائيٽ فون هٿ آيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سي ٽي ڊي سنڌ خفيه ادارن سان گڏجي ڪراچي مان بي ايل ايف جي سربراهہ الله نذر جو رائيٽ هينڊ بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

گل پلازا سانحي جي جاچ جاري، واٽر ڪارپوريشن جي سربراهہ جواب جمع ڪرائي ڇڏيا

پلازا ۾ باهہ لڳڻ دوران سٺ قانوني فائر هائيڊرنٽس تان پاڻي فراهم ڪيو ويو: سي اي او احمد علي صديقي

واقعي واري جاءِ تائين فاصلو، تعميراتي ڪم ۽ ٽريفڪ جام هجڻ سبب مشڪلاتون پيش آيون: موقف

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گل پلازا حادثي تي عدالتي ڪميشن وٽ واٽر ڪارپوريشن جي سي اي او احمد علي صديقي سوالنامي جا جواب جمع ڪرائي ڇڏيا. گل پلازا ۾ باهہ لڳڻ دوران سٺ قانوني فائر هائيڊرنٽس تان بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

مليرَ ۾ مبينا پوليس مقابلي ۾ ٽن نوجوانن جي مارجڻ جي شفاف جاچ جو حڪم

مقامي عدالت ۾ پوليس حراست ۾ نوجوان حمدان جي مارڻ خلاف درخواست تي ٻڌڻي ٿي

مبينا مقابلي ۾ مارٿ سي ٽي ڊي اهلڪار کي ڪا بہ پرسنڊنگ نہ ڏني وڃي: عدالت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شاهہ لطيف ٽائون ۾ مبينا مقابلي دوران ٽن نوجوانن مارجي وڃڻ ۽ هن معاملي جي عدالتي ٻڌڻي ڪئي وئي پوليس حراست ۾ نوجوان حمدان جي مارڻ خلاف درخواست تي ٻڌڻي ٿي، جنهن بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ٽنڊو الهيار، شڪارپور، سکر، خيرپور ۽ روهڙي ۾ بہ پيپلز بسون هلايون وينديون: شرجيل ميمڻ

ڪراچي ۾ ٽرانسپورٽ کاتي ماحول دوست اي وي بسن جو نئون روٽ اڄ کان شروع ڪيو پيو وڃي

ٽرانسپورٽ کاتي جي صوبائي وزير پ پ چيئرمين سان ملاقات ڪري کاتي جي ڪارڪردگي بابت آگاهي ڏني

بلديات کاتي جي وزير ناصر شاهہ ۽ ايم اين اي شازيہ مري پڻ پارٽي چيئرمين سان ملاقاتون ڪيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان بلاول هائوس ۾ سنڌ جي سينيئر وزير بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري سان گڏ بيٺل آهي

مليرَ جي ماڻهن هر آمريت ۾ پيپلزپارٽي جو ساٿ ڏنو آهي: بلاول ڀٽو زرداري

پ پ ضلعي صدر ۽ ايم پي اي راجا رزاق بلوچ پارٽي چيئرمين سان ملاقات ڪئي

ضلعي ۾ يونيورسٽي ۽ ميڊيڪل ڪاليج ۽ پاڻي جي کوٽ ختم ڪرڻ لاءِ ڊيم تعمير ڪرڻ جي درخواست پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان پ پ ضلع مليرَ جي صدر ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اضافي ڪرٽيڪل رسپانس فورسز کي فوري طور تي تربيت ڏني ويندي: آءِ جي سنڌ

اجلاس ۾ بين الاقوامي ۽ ملڪي صورتحال ۽ امن امان جي ممڪن خدشن جو جائزو ورتو ويو

ايمرجنسي سروسز ڊويزن ۽ زونل سطح تي ڪرٽيڪل رسپانس فورسز کي هر وقت تيار رکڻ جو فيصلو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

باجوڙ سيڪٽر ۽ ڪرم سيڪٽر ۾ افغان طالبان جون پوسٽون تباهہ، ڪيترائي دهشتگرد مارجي ويا

پاڪ فوج جي افغان طالبان ۽ فتنہ الخوارج خلاف آپريشن غضب للحق تحت فيصلائتيون ۽ اثرائتيون ڪارروايون

پاڪ فوج، پاڪ افغان سرحد تي گائيڊڊ ميزائل ذريعي بہ افغان طالبان جي پوسٽن کي نشانو بڻايو علائقي ۾ ڪليئرنس آپريشن

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪ فوج جي افغان طالبان ۽ فتنہ الخوارج خلاف آپريشن غضب للحق تحت فيصلائتين جوابي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

صدر آصف علي زرداري پاران رحيم يار خان ۾ هڪ نجي ائٿيڪڙي واري جڳهہ تي پيش ايندڙ افسوسناڪ حادثي تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري رحيم يار خان ۾ هڪ نجي ائٿيڪي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سانحن ۽ حادثن تي واويلا ڪرڻ جماعت اسلامي جي سياسي آڪسيجن آهي: سعديہ جاويد

حب ڪينال، سيف سٽي پراجيڪٽ ۽ بسون جا سڀ منصوبا پيپلز پارٽي جا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪوئيٽا: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي بلوچستان جي وڏي وزير سرفراز بگٽي سان ملاقات ڪري رهيو آهي

مٺي: ڊاڪٽر ڪريم شيخ معاملي تي پوليس پاران عدالت ۾ جمع ڪرايل رپورٽ وارثن رد ڪري ڇڏي

اسان لاش کڻڻ وقت انتظاميا کي چيو هو تہ هينئر اسان ڏيون ٿا تدفين ڪانپوءِ اسان ڪارروائي ڪرائينداسين: وارث

انتظاميا ۽ سب انسپيڪٽر پاران ڏنل ٽالن جي دفاع جي ڪوشش ڪئي آهي، ڪيس داخل ڪرائينداسين

پوليس پاران 174 جي تحت ڪارروائي کي منسوخ ڪري رهيا آهيون وارثن جي مرضي موجب ڪارروائي ٿيندي: ايس ايس پي

مٺي(رپورٽ: ننڊلال لوهاڻو) مٺي پوليس واقعي کي اتفاقي حادثو قرار ڏيندي 174 جي رپورٽ عدالت ۾ جمع ڪرائي جوابدارن کي بچائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. ذريعن موجب پوليس مٺي پڳت بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

مٺي: ڊاڪٽر ريتا احتجاج دوران ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

اسپتال مان ڪيترين ڊاڪٽرياڻين آهن جيڪي ڊيوٽي نٿيون ڪن: ڊاڪٽر ريتا

انتظاميا چوي ٿي تہ ڪم اچي نہ اچي اوهان کي هر مريض جو علاج ڪرڻو پوندو

اسان چار پنج وومين ميڊيڪل آفيسر آهيون جيڪو ڪم ڪيون ٿيون

مٺي: مٺي اسپتال جي انتظاميا جي لاپرواهي ، ڊاڪٽرياڻين کي هيسائڻ ۽ من پسندن کي ڇوٽ ڏيڻ متعلق مٺي اسپتال بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڊاڪٽر عبدالڪريم شيخ واقعي خلاف اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن بائيڪاٽ ڪيو ويو

پي ايم اي پاران ڊاڪٽر حفيظ دل آڪٽر آيا، دليپ ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ احتجاج ڪيو

ڊاڪٽر ڪريم واقعي جي شفاف نموني انڪوائري ڪرائي ملوث ماڻهن کي سزا ڏني وڃي

مٺي: پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ٿرپارڪر پاران ڊاڪٽر عبدالڪريم شيخ جي المناڪ موت تي ٿرپارڪر جي سمورين بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

مٺي: معطل ڪيل ڊاڪٽر هريش جڳاڻي، عبدالمالڪ نوهڙيو ۽ ڊاڪٽر موهن لال کٽري

گورنر سنڌ شريف ماڻهو آهي وٽس ڪو بہ اختيار ڪونهي بس گڏو بنائي ويهاريو ويو آهي: سيد ذوالفقار علي شاهہ

بلوچ شاهہ ڪريم (ن ع) پاڪستان تحريڪ بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

سرجن ڊاڪٽر هريش جڳاڻي، ڊاڪٽر عبدالمالڪ نوهڙيو ۽ ڊاڪٽر موهن لال کٽري معطل، نوٽيفڪيشن جاري

مٺي: صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ايڪسائيز کاتي ۾ بچت قدمن تحت سرڪاري گاڏين کي عارضي طور بيهارڻ جا حڪم

کاتي ۾ ڪجهہ اعليٰ آفيسرن کي ملندڙ فيول الائونس ۾ مهيني لاءِ 50 سيڪڙو گهٽايو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ سرڪار جي هدايتن تي ايڪسائيز ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول کاتي ۾ بچت جي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

مختلف شهرن ۾ پاڻي جي فراهمي وارين اسڪيمن کي هنگامي بنيادن تي فعال ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير جو خاص مددگار محمد سليم بلوچ چيو آهي تہ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کاتي جي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 | وزيراعظم

۽ عوام کي ريليف ڏيڻ جي لاءِ قدمن جي حوالي سان جائزه اجلاس ڪالهه سومر ڏينهن ٿيو جنهن ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار، ناڻي وارو وزير محمد اورنگزيب، اقتصادي معاملن وارو وفاقي وزير احد خان چيمه، پيٽروليم وارو وفاقي وزير علي پرويز ملڪ، اطلاعات ۽ نشريات وارو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ، آءِ ٽي واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه، ناڻي وارو مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني ۽ لاڳاپيل ادارن جا اعليٰ آفيسر شريڪ هئا. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو ته تازي عالمي صورتحال جي ڏس ۾ عوام کي ريليف ڏيڻ جي حوالي سان وڌيڪ قدمن تي پڻ مشاورت جاري آهي. حڪومت جي وقت سر فيصلن جي ڪري هن وقت ملڪ ۾ پيٽروليم مصنوعات جو مناسب مقدار موجود آهي. وزيراعظم چيو ته بدلجندڙ عالمي صورتحال جي ڏس ۾ ملڪ ۾ معاشي استحڪام قائم ڪرڻ جي لاءِ وقت سر ڪاهيل ڪميٽي جي فيصلن جي ڪري عوام جي لاءِ تيل جي مسلسل فراهمي ممڪن ٿي. هن چيو ته قومي سطح تي ڪفايت شعاري ۽ بچت جي لاءِ قدمن جو لاڳو ٿي چڪو آهي ۽ وڌيڪ تي ڪم جاري آهي. ڪفايت شعاري ۽ بچت جي سمورن لاڳو قدمن تي عملدرآمد يقيني بڻائڻ جي لاءِ ٽرڏ پارٽي آڊٽ جي هدايت اڳ ۾ ئي جاري ڪئي وئي آهي. هن معاشي استحڪام ۽ عوام جي لاءِ ريليف کي حڪومت جي اولين ترجيح قرار ڏيندي چيو ته سمورا قدم نه رڳو فوري ريليف ۾ ڊگهي مدي واري معاشي استحڪام کي نظر ۾ رکندي کنيا پيا وڃن. وزيراعظم چيو ته پاڪستان حڪومت عالمي سطح تي جاري چڪتاڻ جي ڏس ۾ ڪنهن به قسم جي صورتحال کي منهن ڏيڻ جي لاءِ تيار آهي. هن پيٽروليم مصنوعات جي ورچ ڪنڊڙ ڪمپنين کي حڪومت جي مقرر اگهن تي تيل جو وڪرو يقيني بڻائڻ ۽ ان معاملي ۾ شفافيت برقرار رکڻ جي هدايت ڪئي. اجلاس ۾ وزيراعظم کي ملڪ ۾ موجود تيل جي ذخيرن، بارڊ جي گهرج پوري ڪرڻ جي لاءِ پيٽروليم مصنوعات جي درآمدات ۽ عوام کي عالمي چڪتاڻ جي ڏس ۾ ريليف ڏيڻ جي حوالي سان قدمن تي بريفنگ ڏني وئي جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته پاڪستان حڪومت تيل جي مقرر قيمت تي وڪري جي مسلسل نگراني ڪري رهي آهي. تيل جي مسلسل فراهمي ۽ ان جي مقرر قيمت تي وڪري کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ پاڪ ايپ ۾ صارفين جي لاءِ فيچر شامل ڪيو ويو آهي. هاڻي صارفين پاڪ ايپ جي ذريعي ملڪ ۾ ڪٿي به تيل جي عدم دستيابي يا مهانگي اگهن تي وڪري جي حوالي سان لاڳاپيل عملدارن کي آگاهه ڪري سگهن ٿا جنهن تي حڪومت پاران فوري قدم کنيا ويندا. اجلاس جي شرڪت ڪندڙن گذريل جمعي ڏينهن وزيراعظم پاران تيل جي قيمتن ۾ وڌيڪ اضافو نه ڪرڻ جي فيصلي کي ساراهيو.

بقايا 2 | عباس عراقچي

ڌائين ويڙهه جاري رکندو جيستائين آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ کي اهو احساس نه ٿئي ته ايران خلاف آمريڪا جي جنگ غلط آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق هن سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي پنهنجي پيغام ۾ چيو ته اسان جي طاقتور هٿياربند فوج ان وقت تائين حملا جاري رکندي جيستائين آمريڪي صدر کي اهو احساس نٿو ٿئي ته هن غيرقانوني جنگ جيڪا آمريڪين ۽ ايرانين ٻنهي تي مڙهي آهي اها غلط آهي ۽ اها ٻيهر ڪڏهن به ورجائڻ نه گهرجي. هن چيو ته ان جنگ جي معاشرن کي معاوضو به ملڻ گهرجي. ان کان اڳ آمريڪي ٽي وي چينل کي ڏنل انٽرويو ۾ ايران جي پرڏيهي وزير چيو ته ايران وٽ آمريڪا سان ڳالهين جو ڪو جواز موجود ناهي ۽ نه ئي هو آمريڪا سان ڳالهين جا خواهشمند آهن.

بقايا 3 | اعلان

وزيراعظم ڪيئر اسٽارمر چيو آهي ته ايران خلاف جنگ جو حصو نه بڻجنداسين پر خطي ۾ ساموندي اچ وڃ جي بحالي ۽ آبناءِ هرمز کولرائڻ لاءِ اتحادي ملڪن سان گڏجي ڪم ڪري رهيا آهيون. پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيئر اسٽارمر چيو ته آبناءِ هرمز کي کولرائڻ سولو ڪم ناهي پر ان کي جلد بحال ڪرڻ ضروري آهي. ان مقصد لاءِ اتحادين سان گڏجي قدم کڻي رهيا آهيون هن چيو ته آبناءِ هرمز جي معاملي تي هڪ عمل جوڳي منصوبي جي ضرورت آهي پر ان تي اڃا ڪو حتمي فيصلو ناهي ٿيو. آبناءِ هرمز جو معاملو نيٽو جو مشن نه بڻجندو سندس چوڻ هو ته وچ اوڀر ۾ جاري جنگ کي فوري طور ختم ٿيڻ گهرجي، ڇو ته جنگ سبب تيل اگهن ۾ واڌ ٿي آهي ۽ عالمي معيشت متاثر ٿي رهي آهي برطانيا تڪرار جي حل لاءِ ڪم ڪندو رهندو ۽ وقت ٻڌائيندو ته جنگ بابت برطانيا جو موقف درست هو.

بقايا 4 | دعويٰ

آهي ته هن ايران جي اڳوڻي سپريم ليڊر شهيد آيت الله علي خامنه اي جي استعمال هيٺ جهاز تباهه ڪري ڇڏيو آهي. پرڏيهي خابرو ادارن موجب، اسرائيلي فوج جو چوڻ آهي ته تهران جي مهرآباد ايئرپورٽ تي حملي دوران اهو جهاز تباهه ڪيو ويو.

بقايا 5 | شرجيل ميمڻ

شرجيل انعام ميمڻ صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه ۽ پارٽي جي مرڪزي سيڪريٽري اطلاعات ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر شازيه مري الڳ الڳ ملاقاتون ڪيون. شرجيل انعام ميمڻ ملاقات دوران چيئرمين کي ٽرانسپورٽ کاتي جي ڪارڪردگي بابت آگاهي ڏني. هن ٻڌايو ته ڪراچي ۾ عوام جي سهولت لاءِ بجليءَ سان هلندڙ بسن جو نئون رستو گلشن معمار کان ڪاور ڏائين شروع ڪيو پيو وڃي ان کان علاوه پيپلز بس سروس تحت ٽنڊو الهيار کان حيدرآباد، شڪارپور کان سکر ۽ خيرپور کان روهڙي جي وچ ۾ به بسون هلائڻ جو منصوبو تيار ڪيو ويو آهي. سيد ناصر حسين شاهه سان ملاقات دوران سنڌ جي سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي جڏهن ته بلدياتي ادارن ۾ چونڊيل نمائندن کي وڌيڪ اختيار ڏيڻ بابت قانونسازي تي پڻ ڳالهه ٻولهه ٿي ان موقعي تي بلاول ڀٽو زرداري هدايت ڪئي ته صوبائي مالياتي ڪميشن جو اجلاس جلد گهرايو وڃي. ان کان علاوه شازيه مري سان ملاقات دوران قومي اسيمبلي سان لاڳاپيل معاملن خاص طور تي قانونسازي ۾ پارٽي جي ڪردار تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. شازيه مري چيئرمين کي سانگهڙ ضلعي ۾ عوامي مسئلن جي حل لاءِ کنيل قدمن بابت پڻ آگاهه ڪيو. ٻئي طرف سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ اڄ کان ڪراچي ۾ اي وي بسن جو نئون روٽ شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. هڪ بيان ۾ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ٽرانسپورٽ کاتي پاران ماحول دوست اي وي بسن جو نئون روٽ سپاٽي اڱاري واري ڏينهن شروع ڪيو پيو وڃي. اي وي بس جو نئون روٽ شروع ٿيڻ سان لکين شهرين کي فائدو پهچندو. هن چيو ته اليڪٽرڪ بس سروس جو نئون روٽ سپاٽي گلشن معمار کان ڪاور ڏائين شروع ڪيو ويندو. جيڪو 32 ڪلوميٽرن تي مشتمل هوندو. نئون روٽ شروع ٿيڻ سان گلشن معمار، سرجاني ٽائون ۽ پرپاسي وارن علائقن جي رهواسين کي جديد، آرامده ۽ سستي سفري سهولت ملندي. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت شهرين کي معياري ۽ ماحول دوست پبلڪ ٽرانسپورٽ فراهم ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي. اليڪٽرڪ بسون نه رڳو آرامده ۽ جديد سهولتن واريون پر ماحول دوست به آهن. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت شهرين کي عالمي معيار جي ٽرانسپورٽ ڏيڻ لاءِ پرعزم آهي. مستقبل ۾ اي وي بس سروس جا نوان روٽ به متعارف ڪرايا ويندا. سندس وڌيڪ چوڻ هو ته ڪراچي جهڙي شهر ۾ عوامي ٽرانسپورٽ جي بهتري حڪومت جي اولينن ۾ شامل آهي. جديد اليڪٽرڪ بسون پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ سنڌ حڪومت جي ان ويزن جو حصو آهن.

بقايا 6 | بلاول ڀٽو زرداري

راجا رزاق بلوچ بلاول هائوس ۾ ملاقات ڪئي ملاقات دوران ضلع ملير جي تنظيمي صورتحال سان گڏ عوامي مسئلن ۽ انهن جي حل لاءِ کنيل قدمن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. راجا رزاق بلوچ چيئرمين پيپلزپارٽي کي ملير ۾ جاري ترقياتي منصوبن بابت پڻ بريفنگ ڏني راجا رزاق بلوچ ملير ۾ يونيورسٽي ۽ ميڊيڪل ڪاليج جي قيام، زراعت جي بهتري ۽ پاڻي جي ڪوٽ ختم ڪرڻ لاءِ ڊيم تعمير ڪرڻ بابت پڻ درخواست پيش ڪئي هن ملير جي ڳوٺن ۾ 30 سالن کان رهندڙ ماڻهن لاءِ زمين جي سدي ۾ واڌ ڪري کين مالڪاڻا حق ڏيڻ تي به زور ڏنو بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ملير ۾ زراعت جي بهتري ۽ پاڻي جي ڪوٽ ختم ڪرڻ لاءِ ڊيم جي تعمير بابت عيد کانپوءِ عمره تان واپسي تي صوبائي وزير آبپاشي کي جلد دورو ڪري رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي ويندي جڏهن ته ملير ۾ يونيورسٽي، ميڊيڪل ڪاليج ۽ ٻين تعليمي ادارن جي قيام لاءِ وزيراعليٰ سنڌ کي به هدايتون جاري ڪيون وينديون بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ملير سان اسان جي دلي محبت آهي ڇو ته ملير جي ماڻهن هر آمريت ۾ پيپلزپارٽي جو ساٿ ڏنو آهي. هن چيو ته ملير جي عوام پيپلزپارٽي سان محبت ڪري ٿي ۽ ملير کي ماڊل ضلعو بڻائڻ لاءِ سنڌ حڪومت ۽ ڪي ايم سي پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيون آهن هن وڌيڪ چيو ته ملير جي ماڻهن کي ڪنهن به صورت ۾ اڪيلو نه ڇڏيو ويندو ملاقات دوران بلاول ڀٽو زرداري راجا رزاق بلوچ کي پارٽي تنظيم وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ قدم کڻڻ جون هدايتون پڻ ڏنيون

بقايا 7 | آءِ جي سنڌ

عالم اوڍو سنڌ پوليس جي مختلف يونٽن ۾ قائم ڪوئيڪ ريسپانس فورسز (ڪيو آر ايف) جي آپريشنل تيارين، صلاحيتن ۽ دستياب سهولتن جي حوالي سان هڪ جائزو اجلاس جي صدارت ڪئي سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ ايڊيشنل آءِ جي پي ڪراچي ۽ آپريشنز ڊي آءِ جي هيڊ ڪوارٽرز اسٽيبلشمينٽ، سيڪيورٽي اينڊ ايمرجنسي سروسز آر آر ايف، ٽريننگ ۽ ويسٽ، ايسٽ زون ۽ اي آءِ جيز شرڪت ڪئي ايڊيشنل آءِ جي پي ڪراچي ۽ ڊي آءِ جي آر آر ايف ۽ ڊي آءِ جي ويسٽ اجلاس جي شرڪت ڪندڙن کي ڪوئيڪ ريسپانس فورسز جي موجوده صورتحال آپريشنل تيارين ۽ مستقبل جي ڪارروائي جي حوالي سان تفصيلي بريفنگ ڏني. اجلاس ۾ موجوده بين الاقوامي ۽ ملڪي صورتحال ۽ امن امان جي ممڪن خدشن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ۽ مختلف تجويزون پيش ڪيون ويون. موجوده صورتحال جي تناظر ۾، آر آر ايف، سيڪيورٽي اينڊ ايمرجنسي سروسز ڊويزن ۽ زونل سطح تي مختلف ڪوئيڪ ريسپانس فورسز کي هر وقت تيار رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو اجلاس ۾ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته اضافي ڪوئيڪ ريسپانس فورسز کي فوري طور تي تربيت ڏني ويندي، فساد مخالف سامان ۽ ضروري هٿيارن سان ليس ڪيو ويندو ڪيو ار ايف QRF اهلڪارن جي پيشيوراڻ تربيت ۽ جديد سامان سان انهن جي صلاحيتن کي وڌائڻ وقت جي ضرورت آهي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو چيو ته حساس هنڌن ۽ وڌيڪ خطري وارن علائقن ۾ QRF جي بروقت مقرري ۽ رسائي غير معمولي حالتن ۾ اثرائتو ثابت ٿئي ٿي ڪنهن به ناخوشگوار واقعي تي فوري ۽ اثرائتي پوليس جواب عوام جي اعتماد کي مضبوط ڪري ٿو ڪيو ار ايف QRF کي ڪمانڊ ۽ ڪنٽرول سسٽم تحت وڌيڪ ضم ڪيو وڃي ته جيئن جوابي وقت کي گهٽ ۾ گهٽ ڪري سگهجي.

بقايا 8 | مارجي ويا

ڪارروائين ۾ باجوڙ سيڪٽر ۽ ڪرم سيڪٽر ۾ پاڪ افغان سرحد وٽ افغان طالبان جي پوسٽن کي مڪمل تباهه ڪيو ويو ۽ ڪيترائي خوارجي مارجي ويا جڏهن ته ڪيترائي فرار ٿي ويا. سيڪيورٽي ذريعن موجب پاڪ فوج ڀرپور ڪارروائي ڪندي باجوڙ سيڪٽر ۾ پاڪ افغان سرحد سان لاڳاپيل افغان طالبان جي پوسٽن کي مڪمل تباهه ڪري ڇڏيو پاڪ فوج، پاڪ افغان سرحد تي گائيڊڊ ميزائل ذريعي به افغان طالبان جي پوسٽن کي نشانو بڻايو سيڪيورٽي ذريعن مطابق ڪرم سيڪٽر ۾ پاڪ فوج، افغان طالبان ۽ فتنه الخوارج جي اهم ٺڪاڻن کي نشانو بڻايو پاڪ فوج جي اثرائتي ڪارروائي جي نتيجي ۾ افغان طالبان ۽ فتنه الخوارج جون ڪيترين ئي پوسٽون تباهه ٿي ويون. انهن ڪارروائين دوران ڪيترائي خوارجي مارجي ويا جڏهن ته باقي فرار ٿي ويا. سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته آپريشن غضب للحق پنهنجا حدف حاصل ڪرڻ تائين جاري رهندو

بقايا 9 | سعديه جاويد

ترجمان سعديه جاويد امير جماعت اسلامي ڪراچي منعم ظفر جي پريس ڪانفرنس تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته جيڪڏهن جماعت اسلامي کي واقعي عوام ۽ رمضان المبارڪ جي پرواهه آهي ته سڀ کان پهرين ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ بند ڪري. هن چيو ته نيو حب ڪينال، سيف سٽي پراجيڪٽ ۽ بسون جن جو جماعت اسلامي ذڪر ڪري رهي آهي، اهي سڀ منصوبا پاڪستان پيپلز پارٽي جا آهن پر انهن منصوبن خلاف مسلسل پروپيگنڊا ڪيو پيو وڃي. سعديه جاويد چيو ته اڄ جون حالتون نعمت الله خان جي دور جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ بهتر آهن جڏهن ته سانحن ۽ حادثن تي واويلا ڪرڻ ئي جماعت اسلامي جي سياسي آڪسيجن بڻجي چڪو آهي هن چيو ته ميئر ڪراچي نه رڳو عملي طور ڪم ڪري ڏيکاريو آهي پر جماعت اسلامي جي ٽائون چيئرمينن جي نااهلي کي به بي نقاب ڪيو آهي جيالو ميئر ڪراچي شهر جي خدمت ۾ ڪندو ۽ انهن جي نام نهاد ايمانداري جو چورن به بند ڪندو سعديه جاويد چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ڪراچي جي خدمت ڪندڙ ۽ شهر کي ترقي ڏياريندڙ جماعت آهي، نه ته ٻين وانگر رڳو ڪوڙ ڳالهائڻ واري. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ڪراچي ۾ ترقياتي ڪم جاري رکندي ۽ ان سان مخالفن جي پريشاني ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو هن چيو ته جماعت اسلامي جي سياسي حالت اها آهي جو بجلي جهڙي وفاقي معاملي جو مطالبو به سنڌ حڪومت کان ڪيو پيو وڃي جڏهن ته ڪراچي ۾ جاري ترقياتي منصوبا جماعت اسلامي کي کٽڪي رهيا آهن. تنهن ڪري اهي روز نئون اعتراض ڪڻي سامهون اچن ٿا

بقايا 10 | ڏک جو اظهار

واري جڳهه تي پيش ايندڙ افسوسناڪ حادثي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي حادثي جي نتيجي ۾ فوت ٿيندڙ ۽ زخمي ٿيندڙن ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جون مستحق عورتون به موجود هيون ڪالهه سومر ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب صدر آصف علي زرداري فوت ٿيندڙ عورتن جي پونئيرن سان دلي تعزيت ۽ همدرديءَ جو اظهار ڪندي زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي صدر هدايت ڪئي ته زخمين کي هر ممڪن طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ متاثر خاندانن سان هر ممڪن تعاون ڪيو وڃي صدر بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن سينيٽر روبينه خالد کي فوري طور تي رحيم يار خان پهچڻ جي هدايت ڪئي ۽ لاڳاپيل عملدارن کي واقعي جي سمورن رخن جو جائزو وٺي رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي ته جيئن اڳتي اهڙن واقعن کان بچڻ جي لاءِ ضروري قدم يقيني بڻائي سگهجن

بقايا 11 | رد

ڪري ٻاهر سياسي ڌرين جي چوڻ تي معاملي کي دٻائڻ چاهي ٿي انهي جي ڪري اهڙي رپورٽ جمع ڪرائي وئي آهي پوليس جي جمع ڪرايل رپورٽ کي ڊاڪٽر ڪريم شيخ جي وارثن طرفان رد ڪيو ويو آهي ڊاڪٽر جي فرزند صادق ڪريم ۽ نياڻي عبدالمالڪ چيو آهي ته اسان لاش کڻي وقت انتظاميا کي چيو هو ته هيئنر اسان وڃون ٿا تدفين کانپوءِ اسان ڪارروائي ڪرائينداسين اسان کي خبر پئي ته اڄان جي انتظاميا ۽ سب انسپيڪٽر پاران ڊاڪٽر پاران ڏنل نالن جي دفاع جي ڪوشش ڪئي وئي آهي اسان ايف آءِ آر درج ڪرائينداسين ٻي طرف ايس ايس پي ٿرپارڪر جو چوڻ آهي پوليس پاران 174 جي تحت ڪارروائي کي منسوخ ڪري رهيا آهيون وارثن جي مرضي موجب ڪارروائي ٿيندي

بقايا 12 | ڊاڪٽر ريتا

۾ ڪم ڪندڙ ڊاڪٽريائي ڊاڪٽر ريتا جو چوڻ آهي ته هتي ڊاڪٽرن سان ڪافي مسئلا آهن اٺون وومين ميڊيڪل آفيسر آهيان مون ريڊيولاجسٽ جو ڪورس مڪمل ڪيو آهي اٺون ريڊيولاجسٽ آهيان مونکي اچڻ دوران سال ۾ ٽي چيو ويو ته ٽون ڊبليو ايم او آهين مونکي چيو ويو ته توکي اچي نه اچي توکي فيميل وارڊ به ڪرڻو آهي پيڊس ۽ گائني به ڪرڻي آهي توکي او پي ڊي به ڪرڻي آهي انتظاميا چيو ته مريضن کي ڪجهه به ٿئي مريضن جو فرق نٿو پوي اهي مرن ٿا جيئن ٿا ڪو مسئلو ناهي صرف اسپتال هلي ان ۾ به اسان چار پنج وومين ميڊيڪل آفيسر آهيون جيڪو ڪم ڪيون ٿيون رڪارڊ تي الاءِ ڪيترا ڊاڪٽر آهن جن کي فيور ڏني ويندي آهي اسان وٽ سورس ڪونهي اسان انهي ليول تي نٿا ڳالهائي سگهون هي ڊاڪٽر ايشن ڇڏي ويو انهي تي اسان ڳالهايون پيا اسان وٽ وومين ميڊيڪو ليگل مقرر آهي اها آفيشل ڊبليو ايم ايل او آهي ته پورو مهينو ڊيوٽي ڪري ايترا ڪيس نٿا اچن اسان چئون ته ڏهن چون ٿا اسان ان تي ايترو وڙن نٿا ڏئي سگهون اهو پيچي ويندي اسان چيو ته توهان هن کي چئو پوءِ جيڪڏهن هلي وڃي ته اسان ڪم ڪرڻ جي لاءِ ويٺا آهيون ۾ چون ٿا اسان ان کي ڪجهه نٿا ڪري سگهون. خبر ناهي انهي جو ڇا سبب آهي سياسي پريشر آهي يا ٻيو ڪجهه آهي ايڏو ته پريشر ۽ سسٽم خراب آهي هتي ڪجهه به ناهي انهي کان سواءِ آر ايچ سيز تي ڊليوري سسٽم آهي پر اهي هر مريض کي ملي ريفر ڪن ٿا انهن جا اسٽاف ايندا آهن هتي ڇڏي فوري نڪري ويندا آهن اهي ساڳي ايمبولينس ۾ واپس نڪري ويندا آهن

بقايا 13 | اي پي اين ايس اجلاس

اڳوڻين رهڻن جي وصولي لاءِ سيڪريٽريٽ جي ڪوششن جي واکاڻ ڪئي. ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبرن ملڪ ۾ پرنٽ ميڊيا ۽ صحافت جي آزادي جي صورتحال تي ويچار ڪيو اجلاس ۾ هيٺ ڄاڻايل ميمبرن شرڪت ڪئي سينيئر سرمد علي صدر محمد اطهر قاضي سيڪريٽري جنرل شهاب زبيري، بلاول فاروقي فوزيه شاهين، قاضي اسد عابد، نجم الدين شيخ، محمد يونس مهر سيد اڪبر طاهر جاويد مهر شمسي، عامر ملڪ طاهر قريشي، زاهده عباسي، مبشر مير، همايون گلزار شرڪت ڪئي جڏهن ته محسن بلال، نويد ڪاشف، محسن سيال، عنصر محمود ڀٽي، نويد چوڌري، بلال محمود، عدنان فيصل امتنان شاهد، ايس ايم منير جيلاني، فيصل زاهد ملڪ، محمد اويس خوشنود، عرفان اطهر ۽ محمد وسيم زوم ذريعي شرڪت ڪئي اجلاس ۾ طئه ڪيو ويو ته اي پي اين ايس جو ساليانو عام اجلاس 31 مارچ تي ڪراچي ۾ منعقد ٿيندو

بقايا 14 | بائيڪاٽ ڪيو ويو

تعلقي اسپتالن ۽ سول اسپتال مٺي ۾ او پي ڊي جي ٽوڪن بائيڪاٽ ڪري احتجاج ڪيو ويو بي ايم اي ٿرپارڪر جي اڳواڻن ڊاڪٽر حفيظ دل، ڊاڪٽر آيا، ڊاڪٽر دليپ نتداڻي، ڊاڪٽر صاحبڏنو جنججهي چيو ته ٿرپارڪر جي سول اسپتال ۾ ڊاڪٽرن سان ڪيترائي مسئلا موجود آهن ڊاڪٽر ڪريم جو واقعو انتهائي ڏکوئيندڙ آهي جنهن جي شفاف نمونيءَ انڪوائري ڪرائي ملوث ماڻهن کي سزا ڏني وڃي. هنن چيو ته ڊاڪٽر عبدالڪريم انتهائي شريف انتهائي شريف ريگيولر ڊيوٽي ڪندڙ سينيئر ڊاڪٽر هو.

بقايا 15 | نوٽيفڪيشن جاري

پيچوهو جي حڪم تحت سيڪريٽري صحت سنڌ سيد آصف حيدر پاران سول اسپتال مٺي جي لاڙڪاڻي واسي سينيئر ڊاڪٽر عبدالڪريم شيخ جي مبينه خودڪشي واري واقعي بعد سول اسپتال مٺي جي سول سرجن ڊاڪٽر هريش جڳاڻي، ڊاڪٽر عبدالمالڪ نوهڙيو ۽ ڊاڪٽر سوهن لال ڪتري کي پڻ معطل ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته اهي ٽيئي ڊاڪٽر ڪالهه کان وٺي ڊيوٽين کان غائب ۽ مفرور ٿي ويا آهن. جڏهن ته معطل ٿيل سول سرجن مٺي ڊاڪٽر هريش جڳاڻي جو خاندان اڳ ۾ ئي انڊيا ۾ رهيل آهي ۽ ٻن مهينن بعد پاڻ به رٽائر ٿيڻو هو.

بقايا 16 | سيد ذوالفقار علي شاهه

انصاف سنڌ جي نائب صدر سيد ذوالفقار علي شاهه چيو آهي ته عمران خان چاهي ته اڄ به ٻاهر اچي سگهي ٿو پر هو ڊيل ڪرڻ نه ٿو سعودي عرب سميت مختلف ملڪن جي زور ڀرڻ جي باوجود هو ڊيل ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي پر عمران خان جون ڪجهه شرطون آهن ته هو آزاد ٿيڻ بعد ڪجهه به نه ڪندو ته هو سياڻي جي آزاد ٿي سگهي ٿو. روزاني عبرت کي ڏنل خصوصي انٽرويو ۾ پ ٽ آءِ اڳواڻ سيد ذوالفقار علي شاهه جو چوڻ هو ته پ ٽ آءِ ۾ ڪجهه عناصر اهڙا به آهن جيڪي چاهن ٿا ته عمران خان ٻاهر نه اچي ڇو ته عمران جي ٻاهر اچڻ سان سندن سياست دفن ٿي ويندي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته اسٽيبلشمنٽ جون عمران خان سان لڪيل نه پر کليل ڳالهيون ٿينديون رهيون آهن پر عمران خان انهن سان ڳالهيون ڪرڻ گهري ٿو جن سان ڳالهيون ڪرڻ سان ڪجهه حاصل ٿئي باقي جن وٽ اختيار ئي نه آهن انهن سان هو ڳالهيون نه ٿو ڪرڻ گهري . پ ٽ آءِ رهنما هڪ سوال جي جواب ۾ ٻڌايو ته هو ۽ سندس پارٽي ملڪ ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جي مذمت ٿي ڪري پر ان دهشتگردي جو ملڪ خاتمو صرف ڳالهين ۾ آهي جنهن سان ملڪ ۾ ديرپا امن قائم ٿي سگهي ٿو . هن چيو ته سنڌ جو نئون گورنر ميان نواز شريف سان ملڻ ويو ته هو نه مليو ، گورنر شريف ماڻهو آهي وٽس ڪو به اختيار ڪونهي بس گڏو بنائي ويهاريو ويو آهي ، هن ايم ڪيو ايم جي الڳ صوبي واري مطالبي تي ڪلندي چيو ته هڪڙو ماڻهو ڪنهن وٽ مهمان ٿي اچي ۽ ٻئي ڏينهن چوي ته گهر منهنجو آهي ٽون ٻاهر نڪر ,مهاجرن کي ڪنهن جي آشيرواد هٿي ته اوهان الڳ صوبي جو شور مچايو هنن مچايو پر هنن کي قائدي بدران سندن گورنر ٿي هليو ويو سنڌ صدين کان هڪ هٿي آهي ۽ رهندي هي سنڌ ۾ نفرتون پکيڙڻ ٿا گهرن جنهن ۾ ڪامياب نه ويندا , پ پ ۽ نواز ليگ ۾ هلندڙ اتحاد برقرار رهندو يا نه واري سوال تي هن چيو ته هي ٻئي پارٽيون هڪ ٻئي جون ٽنگون ڪڇينديون رهيون آهن پر جڏهن مفاد گڏيل هوندو آهي ته ٻئي گڏ هونديون آهن انهن جو اتحاد مفادن جو اتحاد آهي جيسين مفاد هوندا تيسين گڏ هوندا , پ پ ۽ پ ٽ آءِ ۾ مستقبل ۾ ڪنهن امڪاني اتحاد بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ان جو فلحال ڪو به امڪان نه آهي بلڪ اسان چاهينداسين ته ذوالفقار علي جونيئر سان مستقبل ۾ اتحاد ٿئي باقي پ پ سان ڪو به اتحاد نه ٿيندو ,سنڌ ۾ مستقبل ۾ پ ٽ آءِ ۽ جي ڊي اي سويپ ڪنديون وزير اعلي به پ پ مخالف ايندو , هن پ پ جي ڪيل مبينه ڪرپشن تي ڳالهائيندي چيو ته جنرل ضياءَ پ پ کي يارهن سال لوڙهيو پر مستقبل ۾ اهي ٻاويهن سالن تائين لوڙهيندا پري نه وڃو صرف ٽنڊو محمد خان ضلعي ۾ جيڪا ڪرپشن ٿي آهي

بقايا 17 | حڪم

قدمن تحت آفيسرن جي فيول الائونس ۾ گهٽتائي ۽ سرڪاري گاڏين کي عارضي طور بيهارڻ جا حڪم جاري، حڪم نامي موجب سروسز جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ جي هدايتن تي ڪجهه اعليٰ آفيسرن کي ملندڙ فيول الائونس ٻن مهينن لاءِ 50 سيڪڙو گهٽايو ويو آهي فيصلو محمد سليم راجپوت پاران جاري ڪيو ويو جنهن تحت سيڪريٽري، ايڊيشنل سيڪريٽري، ڊپٽي سيڪريٽري ۽ سيڪشن آفيسرن سميت ڪيترن ئي آفيسرن جي فيول الائونس ۾ نمايان گهٽتائي ڪئي وئي، حڪم نامي ۾ اهو به چيو ويو آهي ته بچت قدمن تحت کاتي جي ڏهه سرڪاري گاڏين مان ڇهه گاڏيون ٻن مهينن لاءِ گرائونڊ ڪيون وينديون جن ۾ ٽويوٽا ڪرولا ۽ سوزوڪي ڪلٽس ماڊلز شامل آهن. اهي قدم سرڪاري خرچن ۾ گهٽتائي ۽ وسيلن جي بهتر استعمال کي يقيني بڻائڻ لاءِ کنيا ويا آهن

بقايا 18 | فعال

مختلف پاڻي جي فراهمي جي اسڪيمن کي هنگامي بنيادن تي فعال ڪيو ويو پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ جون اسڪيمون معمولي مرمت ۽ ضروري مشينري ۽ سامان جي عدم دستيابي سبب غير فعال ٿي رهيون هيون محمد سليم بلوچ سيڪريٽري پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، چيف انجنيئرز ۽ لاڳاپيل آفيسرن جو هڪ هنگامي اجلاس طلب ڪيو هو اجلاس ۾ مختلف ضلعن ۾ پاڻي جي فراهمي جي اسڪيمن جي غير فعالي، سببن ۽ بحالي تي غور ڪيو ويو حيدرآباد ڊويزن ۾ هنگامي بنيادن تي بحال ٿيل پاڻي جي فراهمي جون اسڪيمون حيدرآباد ۾ 6 ۽ ٽنڊو محمد خان ۾ 3 شامل آهن مٽياري ۾ 4، ٽنڊو الهيار ۾ 2، ٺٽي ۾ 3، سجاول ۾ 4 ۽ ڪراچي ۾ هڪ اسڪيم جامشورو ۾ 3 ۽ بدين ۾ 5 چالو ڪيو ويو آهي. شهيد بينظير آباد ۽ سکر ڊويزن ۾ پڻ ڪيترين ئي اسڪيمون چالو ڪيون ويون آهن انهن غير فعال اسڪيمن کي بحال ڪرڻ کي ترجيح ڏني وئي آهي جن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ خرچ جي ضرورت هئي، عوام کي صاف پاڻي فراهم ڪرڻ سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي. محمد سليم بلوچ چيو آهي ته اسان جلد ئي وڌيڪ غير فعال اسڪيمن کي بحال ڪنداسين ۽ عوام سان ڪيل واعدو پورو ڪنداسين.

بقايا 19 | جاچ جو حڪم

دوران ڊي آءِ جي اسپيشل برانچ ۽ ٻيا عملدار عدالت ۾ پيش ٿيا عدالت ڊي آءِ جي اسپيشل برانچ کي هدايت ڪئي ته معاملي جي هڪ مهيني اندر صاف ۽ شفاف جاچ مڪمل ڪئي وڃي عدالت حڪم ڏنو ته جاچ دوران مبينا مقابلي ۾ ملوث سي ڊي ٽي اهلڪار کي ڪا به پوسٽنگ نه ڏني وڃي عدالت آءِ جي سنڌ کي پڻ هدايت ڪئي ته هاءِ پروفائل ڪيسن ۾ سيڪيورٽي بابت ايس او پيز تيار ڪيا وڃن اهم ڪيسن ۾ حراست يا عدالتي تحويل دوران ملزمن جي حفاظت کي يقيني بڻايو وڃي عدالت ريمارڪس ڏنا ته جيڪڏهن حراست ۾ ماڻهو اهڙي طرح مارجي ويندا ته عوام ۾ خوف ۽ بيچيني وڌندي جاچ مڪمل ٿيڻ کان پوءِ رپورٽ جون نقول متاثر خاندان کي پڻ فراهم ڪيون وڃن رپورٽ ۾ واضح ڪيو وڃي ته ملزم پنهنجي ساٿين جي گولين سان مارجي ويا يا نه

بقايا 20 | جمع

پاڻي فراهم ڪيو ويو. فائر بريگيڊ کي باهه جو اطلاع رات 11:13 تي مليس اطلاع ملندي ئي ايمرجنسي تحت هائيڊرنٽس تان باؤزر روانا ڪيا ويا. شروعاتي طور نيپا، صفورا ۽ سخي حسن هائيڊرنٽس تان باؤزر روانا ڪيا ويا. باهه جي شدت وڌڻ بعد ٻين هائيڊرنٽس تان پڻ باؤزر طلب ڪيا ويا. رات 11:56 کان مسلسل پاڻي جي فراهمي جاري رهي. رپورٽ موجب فائر هائيڊرنٽس جي فعالي ۽ پاڻي جو پريشر واٽر ڪارپوريشن جي دائري اختيار ۾ ناهي، سانحي کان اڳ فائر بريگيڊ کي هائيڊرنٽس ۽ پاڻي جي فراهمي بابت خط لکيو ويو هو پر واٽر ڪارپوريشن طرفان ڪو جواب نه آيو. قانون موجب واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جو بنيادي ڪم شهر کي پاڻي فراهم ڪرڻ آهي جڏهن ته فائر فائٽنگ هائيڊرنٽس جي سنڀال ڪي ايم سي ۽ فائر بريگيڊ جي ذميواري آهي. واٽر ڪارپوريشن هنگامي صورتحال ۾ فائر بريگيڊ سان تعاون ڪندو آهي ۽ مرڪزي فائر اسٽيشن ۽ صدر فائر اسٽيشن کي روزانو ڇهه ڪلاڪ پاڻي فراهم ڪري ٿو. سي اي او رپورٽ ۾ چيو آهي ته حادثي واري جاءِ تائين فاصلو، پرپاسي تعميراتي ڪم ۽ ٽريفڪ جام سبب باهه تي ضابطو آڻڻ ۾ مشڪلاتون پيش آيون. گل پلازا بلڊنگ پلان سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (SBCA)عدالتي ڪميشن ۾ تحريري جواب جمع ڪرائي ڇڏيو. گل پلازا جو ابتدائي بلڊنگ اپروول پلان 1979 ۾ KDA طرفان جاري ڪيو ويو ايس بي سي اي SBCA رڪارڊ روم ۾ اصل فائل موجود ناهي. ابتدائي طور تي گل پلازا ۾ ڪيترين منزلون منظور ٿيون اهو معلوم ناهي. 1998 ۾ نظرثاني بلڊنگ پلان ۾ بيزمينٽ، گرائونڊ فلور ۽ ٽي معيون فلور منظور ڪيا ويا. 1998 ۾ گل پلازا ۾ 1043 دڪانن جي پلان تحت منظور ڪيو ويو. 2003 ۾ ايمنيٽي اسڪيم تحت 1102 دڪانن کي ريگيولرائز ڪيو ويو.

بقايا 21 | هٿيار هٿ

امجد گهراڻ کي گرفتار ڪري ورتو آهي هي گرفتاري خاران تربت ۽ ڪراچي ۾ ڪيترين هفتن تائين جاري رهندڙ انٽيليجنس ٽريڪنگ کان پوءِ عمل ۾ آندي وئي رات جو ٻن وڳي ڪراچي جي ايئرپورٽ روڊ ويجهو ڪرائي تي ورتل فليٽ تي ڇاپو هنيو ويو گرفتار امجد گهراڻ وٽان ريموٽ آءِ اي ڊي جا پرزا حساس تنصيبات جا نقشا، ۽ پارٽي نمبر سان هلندڙ سيٽلائيٽ فون به برآمد ٿيا. ابتدائي تفتيش ۾ امجد گهراڻ اعتراف ڪيو آهي ته هو ۲۰۲۲ ۾ سرحد پار ريپبات ۾ قائم خفيه ڪيمپ ۾ بارودي سرنگ ۽ ڊرون بومبنگ سيکاريو هو هو پارٽي فنڊنگ سيل جي ذريعي هرٽي مهينا حوالا چينل کان رقم وصول ڪندو هو جنهن جو وڏو حصو ڪراچي ۾ سليپر نيٽورڪ قائم ڪرڻ تي خرچ ٿيندو هو امجد گهراڻ چيو ته هن ڪورنگي انڊسٽريل ايريا، ڪي پي ٽي ۽ ايئرپورٽ ڪارگو لين ۾ ڊرون/آءِ اي ڊي حملا پلان ڪيا ۽ بي ايل ايف ميڊيا ونگ کي فوٽيج مهيا ڪئي پڇا ڳاڇا دوران هن واضح ڪيو ته بي ايل ايف جا ڪجهه ڌڙا بلوچستان ۾ بي ايل اي ۽ غير ملڪي ايجنٽن سان گڏجي جوائنٽ آپريشن سيل قائم ڪرڻ جو ارادو رکن ٿا.

بقايا 22 | ٽرمپ

ڳالهين لاءِ تيار آهي ٽرمپ چيو ته آبناءِ هرمز بابت 7 ملڪن سان رابطي ۾ آهيون ۽ انهن کان آبناءِ هرمز جي حفاظت ۾ مدد جو مطالبو ڪيو آهي جڏهن ته اسرائيل به آبناءِ هرمز کي محفوظ بڻائڻ لاءِ آمريڪا سان گڏ ڪم ڪري رهيو آهي. برطانوي اخبار موجب، ٽرمپ خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن نيٽو آبناءِ هرمز کولڻ ۾ مدد نه ڪئي ته نيٽو جو مستقبل تمام خراب ٿيندو صدر ٽرمپ اهو به چيو ته هلندڙ مهيني جي آخر ۾ چيني صدر سان طئي ٿيل ملاقات ملتوي ٿي سگهي ٿي

بقايا 23 | ايراني پرڏيهي وزير

عراقچي آمريڪا ۽ اسرائيل جي جارحيت خلاف حمايت ڪرڻ تي پاڪستان جا ٿورا مڃيا آهن عباس عراقچي ايڪس تي اردو ٻوليءَ ۾ جاري ڪيل پيغام ۾ چيو ته مان پاڪستاني حڪومت ۽ عوام جو دل جي گهراين سان ٿورائتو آهيان جن آمريڪا ۽ صهيوني حڪومت جي اڳرائيءَ جي مقابلي ۾ اسلامي جمهوريه ايران جي عوام ۽ حڪومت سان پنهنجي ايڪي جو اظهار ڪيو

بقايا 24 | ملاقات

الامور زيڪري هرڪزائيڊر سان ملاقات ڪئي. ڪالهه سومر ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب ملاقات دوران پاڪستان ۽ آمريڪا جي ٻطرفي لاڳاپن ۽ خطي جي صورتحال جي حوالي سان جاري اڳيرائي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سفارتي رابطن جي اهميت تي زور ڏنو ۽ خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي فروغ جي فوري ضرورت کي اجاگر ڪيو

بقايا 25 | اڏامون معطل

اختيارين جو چوڻ آهي ته ايئرپورٽ تي ڊرون حملي دوران ٻارڻ واري ٽينڪ کي نشانو بڻايو ويو جڏهن ته واقعي ۾ ڪو به ماڻهو زخمي ناهي ٿيو. دبئي سول ايويئيشن اٿارٽي احتياطي اپاءَ طور دبئي انٽرنيشنل ايئرپورٽ تان عارضي طور اڏامون معطل ڪري ڇڏيون ۽ مسافرن کي لاڳاپيل ايئر لائنز سان رابطو ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي

بقايا 26 | دعويٰ

روڪي ڇڏيو آهي وزارت دفاع موجب، سمورا ڊرون ملڪ جي اوڀر وارن علائقن ۾ روڪيا ويا. ٻئي پاسي اختيارين جو چوڻ آهي ته دبئي انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي لڳل باهه تي ضابطو آندو ويو آهي ۽ ڊرون جي ٻارڻ واري ٽينڪ سان ٽڪرائڻ باوجود ڪو جاني نقصان ناهي ٿيو

بقايا 27 | صدر ٽرمپ

انڪار ڪري ڇڏيو آهي آسٽريليا جي وزير ٽرانسپورٽ ڪيٿرين ڪنگ چيو آهي ته سندن ملڪ آبناءِ هرمز ۾ جنگي جهاز موڪلڻ جو ارادو نٿو رکي جاپان جي بجاءِ واري وزير شنجيرو ڪوئيزومي پارليامينٽ کي ٻڌايو آهي ته ايران جي موجوده صورتحال کي نظر ۾ رکندي جپان ميرٽائم سيڪيورٽي آپريشن شروع ڪرڻ جو ڪو ارادو نٿو رکي واضح رهي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ نيٽو ۽ اتحادي ملڪن کي چيو هو ته هو آبناءِ هرمز جي سڪيورٽي لاءِ پنهنجا ساموندي جنگي جهاز موڪلين برطانيا جي ورڪس ۽ پينشن معاملن واري وزير پيٽ مڪ فيڊن چيو آهي ته ايران تي آمريڪا ۽ اسرائيل جا حملا نيٽو جي جنگ ناهن هن چيو ته نيٽو دفاعي اتحاد اهڙي صورتحال کي ذهن ۾ رکي نه ٺاهيو هو جهڙي صورتحال هن وقت وچ اوڀر ۾ نظر اچي پئي واضح رهي ته نيٽو 1949 ۾ آمريڪا ۽ برطانيا سميت 12 ملڪن گڏجي قائم ڪيو هو ۽ ان جو هڪ اهم اصول آرٽيڪل پنج آهي جنهن موجب هڪ ملڪ تي حملو سمورن ملڪن تي حملو تصور ڪيو ويندو آهي ان کان اڳ برطانيا جي اڳوڻي چيف آف ڊفينس اسٽاف جنرل سرنڪ ڪارٽر چيو هو ته نيٽو اهڙو اتحاد ناهي جنهن ۾ اتحادين مان ڪو هڪ پنهنجي مرضيءَ سان جنگ شروع ڪري ۽ پوءِ ٻين سمورن ميمبرن کي ان ۾ شامل ٿيڻ تي مجبور ڪيو وڃي جڏهن مڪ فيڊن کان پڇيو ويو ته ڇا هو سر نڪ ڪارٽر سان اتفاق ڪري ٿو؟ جنهن جواب ۾ هن چيو ته " جنرل ڪارٽر صحيح پيو چئي هن موجودا تڪرار کي نيٽو جي جنگ نه پر آمريڪي ۽ اسرائيلي ڪارروائي قرار ڏنو آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ آبنائي هرمز جي بندش سبب پيدا ٿيل بحران کي حل ڪرڻ لاءِ ٻين ملڪن کان حمايت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ۽ هن چيو ته آمريڪي اتحادي آبنائي هرمز جي بحران ۾ اسان جي مدد ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا ته نيٽو کي تمام گهڻي خراب مستقبل کي منهن ڏيڻو پوندو برطانوي ميڊيا مطابق هن ان سلسلي ۾ چين تي زور ڀريو ته هو آبنائي هرمز ۾ رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ڪري . هن چيو ته هو هن مهيني جي آخر ۾ چين جي صدر شي جن پنگ سان ملاقات کان اڳ چين جو موقف معلوم ڪرڻ پسند ڪندو آمريڪي صدر چيو ته آبنائي هرمز کي محفوظ بڻائڻ ۾ مدد لاءِ رابطن بعد آمريڪا کي ڪجهه هاڪاري جواب مليو آهي پر ڪجهه ملڪن چيو آهي ته ان ۾ هو شامل نه ٿيندا پر آمريڪي صدر انهن ملڪن جو نالو ٻڌائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو جن سان سندس انتظاميه ان حوالي سان رابطو ڪيو هو آمريڪي صدر خبردار ڪيو ته جيڪڏهن اسان جا اتحادي آبنائي هرمز جي بحران ۾ اسان جي مدد ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا ته نيٽو کي تمام وڏي خراب مستقبل کي منهن ڏيڻو پوندو مناسب اهو ئي آهي ته اهي ماڻهو جيڪي آبنائي هرمز مان فائدو کڻي رهيا آهن ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ ۾ مدد ڪن ته اتي ڪجهه خراب نه ٿئي هن چيو ته جيڪڏهن سندس ڳالهه جو ڪو جواب نٿو اچي يا جيڪڏهن اهو منفي رد عمل آهي ته منهنجي خيال ۾ اهو نيٽو جي مستقبل لاءِ گهڻو خراب ٿيندو آمريڪي صدر چيو ته آمريڪا ۽ اسرائيل جي ايران سان جنگ ۾ منهنجي خيال ۾ اسان جا هڪجهڙا مقصد آهن پر ٿورا مختلف به ٿي سگهن ٿا. هن ٻنهي ملڪن جي فوج وچ ۾ ويجهن رابطن تي به زور ڀريو جاپان جي وزيراعظم سنائي تاڪائچي پارليامينٽ جي خطاب ۾ چيو ته جاپان في الحال آبنائي هرمز ۾ ساموندي جهاز اماڻڻ ڪو فيصلو ناهي ڪيو. اسان في الحال ان ڳالهه جو جائزو وٺي رهيا آهيون ته جاپان پنهنجي قانوني فريم ورڪ اندر آزاداڻي طور تي ڇا ڪري سگهي ٿو . آسٽريلوي ٽرانسپورٽ واري وزير ڪيٿرين ڪنگ چيو ته آسٽريليا پنهنجا بحري جهاز آبنائي هرمز نه موڪليندو. ڏکڻ ڪوريا جي اختيارين جو چوڻ آهي ته هو آمريڪي صدر جي درخواست جو غور سان جائزو وٺندا . برطانيه جي توانائي واري وزير ايڊملي بينڊ چيو ته برطانيه آبنائي هرمز کي محفوظ بڻائڻ ۾ مدد لاءِ ڪنهن آپشن جي ڳولا ڪري رهيو آهي . هن چيو ته مختلف طريقا آهن جن سان اسان پنهنجو حصو وجهي سگهون ٿا ۽ اهو ته انهن اختيارن تي اتحادين سان ڳالهيون ڪيون پيون وڃن . آمريڪا ۾ چين جي سفارتخاني جي ترجمان اهو ناهي ٻڌايو ته سندس ملڪ خطي ۾ ساموندي اڏائن جي مقرري جو منصوبو ٺاهي رهيو آهي يا نه پر هن جنگ کي فوري طور تي روڪڻ جي مطالبي جو ورجاءُ ڪندي چيو ته سمورين ڌرين جي ذميواري آهي ته هو مستحڪم ۽ بنا رڪاوٽ توانائي جي فراهمي کي يقيني بڻائين

بقايا 28 | قرار

صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ٻنهي اڳواڻن ايراني حملن کي عرب خودمختياري ۽ عالمي قانونن جي ڀڃڪڙي قرار ڏيندي فوجي چڪتاڻ ترت بند ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ٻنهي اڳواڻن مسئلن جي حل لاءِ سنجيده ڳالهين ۽ سفارتي ذريعن کي ترجيح ڏيڻ تي زور ڏنو

بقايا 29 | شهري شهيد

حملو ڪيو آهي، جنهن نتيجي ۾ شروعاتي اطلاع موجب 15 ڄڻا شهيد ٿي ويا آهن. آبناءِ هرمز جي سيڪيورٽي، علائقائي سفارتڪاري ۽ ٽون سيڪيورٽي واقعن بابت اهم اڳيرائيون سامهون اچي رهيون آهن. جتي جپان ۽ آسٽريليا آبناءِ هرمز لاءِ جنگي جهاز موڪلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي اتي آمريڪا چين سميت ڪيترن ئي ملڪن سان ساموندي لنگهه جي تحفظ بابت رابطا ڪري رهيو آهي ساڳئي وقت ايران سان ڳالهين ڪانپوءِ ڀارتي جهازن کي آبناءِ هرمز مان گذرڻ جي اجازت ملي آهي جڏهن ته دبئي ايئرپورٽ تي ڊرون حملي ڪانپوءِ اڏامون عارضي طور معطل ڪرڻ ڪانپوءِ هاڻي فلائيٽ آپريشن هوريان هوريان بحال ڪيو پيو وڃي

بقايا 30 | پاسداران انقلاب

استعمال نه ڪيا آهن جيڪي جون 2025 ڪانپوءِ تيار ڪيا ويا آهن پاسداران انقلاب ايران جي ترجمان چيو آهي ته ٽرمپ چيو هو ته آمريڪا ايراني ساموندي تباهه ڪري ڇڏي آهي، جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ همت ڪري ۽ آمريڪي بحريه کي ايراني نار ڏانهن موڪلي

بقايا 31 | دعويٰ

جو اعلان هلندڙهفتي جي شروعات ۾ متوقع آهي. رپورٽ موجب ڪيترن ئي ملڪن آبناءِ هرمز سان گذرندڙ جهازن کي سيڪيورٽي ڏيڻ لاءِ اتحاد ٺاهڻ تي اتفاق ڪيو آهي

بقايا 32 | وفاقي حڪومت

پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي اها ڳالهه هن ڪالهه سومر ڏينهن سينيئر صحافي حاجي نواز رضا جي قيادت ۾ ملاقات جي لاءِ آيل نيشنل پريس ڪلب جي نئين چونڊيل صدر عبدالرزاق سيال ۽ سيڪريٽري ڊاڪٽر فرقان راؤ سان ڳالهائيندي چئي اطلاعات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ نيشنل پريس ڪلب جي چونڊن ۾ ڪامياب ٿيندڙ ٻنهي گروپن ڊيموڪريٽس ۽ جرنلسٽ پينل جي عهديدارن کي مبارڪباد ڏني ۽ نئين چونڊيل ايگزيڪيوٽو باڊي جي ميمبرن جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ملاقات ۾ صحافي برادري کي درپيش معاملن سميت ٻين اهم معاملن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ٿي ان موقعي تي ڳالهائيندي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته نيشنل پريس ڪلب صحافين جو مضبوط آواز آهي جيڪو صحافي برادري جي مسئلن جي حل ۽ پيشيواراڻي قدرن جي فروغ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. هن چيو ته حڪومت صحافين جي ڀلائي ۽ ميڊيا جي مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن تعاون جاري رکندي وفاقي وزير چيو ته صحافي برادري جي مسئلن جي حل لاءِ اطلاعات واري وزارت پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي، لاڳاپيل معاملن جي حل لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا. وفد جي ميمبرن اطلاعات واري وفاقي وزير کي نيشنل پريس ڪلب جي نئين چونڊيل عهديدارن جي حلف برداري جي تقريب ۾ شرڪت جي دعوت ڏني جيڪا عيدالفطر کانپوءِ منعقد ٿيندي. وفاقي وزير حلف برداري جي تقريب ۾ شرڪت جي دعوت قبول ڪري ورتي ان موقعي تي وزيراعظم جو ميڊيا بابت ڪوآرڊينيٽر بدر شهباز وڙائچ اطلاعات وارو وفاقي سيڪريٽري اشفاق احمد خليل ۽ پرنسپل انفارميشن آفيسر مبشر حسن پڻ موجود هئا

بقايا 33 | گرفتار

الله جي قبضي مان هڪ هينڊ گرينيڊ برآمد ڪيو ويو ابتدائي جاچ موجب ڪالعدم تنظيم ٽي ٽي پي جا رابطا پاڙيسري ملڪ سان جڙيل آهن جاچ دوران احسان الله ڪجهه اهم انڪشافات ڪيا، جنهن ۾ چيو ويو ته هينڊ گرينيڊ ڪيس طالبان ڪمانڊر طرفان ڏنو ويو هو ۽ ڪراچي ۾ فورسز تي حملو ڪرڻ لاءِ ٽاسڪ پڻ ڏنو ويو هو گرفتار دهشتگرد خلاف ايڪسپلوسو ايڪٽ تحت ڪيس درج ڪيو ويو آهي تفتيش دوران وڌيڪ اهم انڪشاف امڪاني طور سامهون اچڻ جي توقع آهي

بقايا 34 | شڪار

باهه لڳڻ سبب 10 ڄڻا فوت ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا آهن پرڏيهي ميڊيا موجب مقامي پوليس ٻڌايو ته باهه گذريل رات ڪٽڪ ضلعي ۾ واقع ايس سي بي ميڊيڪل ڪاليج اينڊ اسپتال جي انتهائي نگهداشت واري يونٽ (آئي سي يو) ۾ لڳي. ٻڌايو ويو آهي ته باهه سبب زخمين مان پنجن جي حالت گنڀير هئي جوڳي آهي فوت ٿيلن ۾ وڌيڪ اهي مريض شامل آهن جيڪي آئي سي يو ۾ علاج هيٺ هيا. شروعاتي رپورٽ موجب باهه لڳڻ جو سبب شارٽ سرڪٽ ٻڌايو پيو وڃي

بقايا 35 | نوٽيفڪيشن جاري

عملدرآمد جي نگراني لاءِ آءِ بي کي ذميواري سونپي ويئي. ان ٽس ۾ جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب، آءِ بي وفاقي کاتن ڊويزن ۽ خودمختيار ادارن ۾ ڪفايت شعاري مهم تي عملدرآمد جي نگراني ڪندي نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ سيڪريٽريٽ ۾ به ڪفايت شعاري مهم تي عملدرآمد جي نگراني جو ٽاسڪ آءِ بي کي ڏنو ويو آهي. نوٽيفڪيشن موجب، آءِ بي حڪومتي ڪفايت شعاري مهم تي عملدرآمد بابت هفتيوار رپورٽ وزيراعظم ۽ لاڳاپيل ڪميٽي کي پيش ڪندي، وزيراعظم قومي ڪفايت شعاري مهم تي 100 سيڪڙو عملدرآمد جون هدايتون جاري ڪيون آهن. ان کان اڳ عوامي ريليف لاءِ کنيل قدمن جي جائزي وٺڻ لاءِ ٿيل اجلاس ۾ وزيراعظم شهباز شريف چيو ته معاشي استحڪام ۽ عوام کي ريليف فراهم ڪرڻ حڪومت جي بهرين ترجيح آهي. وزيراعظم چيو ته حڪومت جي وقتائتن فيصلن سبب هن وقت ملڪ ۾ پيٽروليم شين جي مناسب مقدار موجود آهي ۽ قومي سطح تي ڪفايت شعاري ۽ بچت لاءِ پاليسي لاڳو ٿي چڪي ۽ وڌيڪ قدمن تي ڪم جاري آهي

بقايا 36 | عام موڪل

موڪل جو اعلان ڪري ڇڏيو سروسز جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو نوٽيفڪيشن موجب صوبي جي سمورن سرڪاري ادارن، آفيسن ۽ ماتحت کاتن ۾ 27 رمضان المبارڪ تي عام موڪل هوندي شب قدر جي مذهبي اهميت نظر ۾ رکندي عوام کي عبادت لاءِ سهولت فراهم ڪرڻ خاطر موڪل ڏني وئي آهي.

بقايا 37 | برطرف

خردبرد ڪندڙ گريڊ 12 جو آفيسر انچارج پي آر سي فوڊ انسپيڪٽر ڪشمور محمد يوسف ملڪ کي نوڪري تان برطرف ڪيو ويو خوراڪ کاتي جي آفيسر کي ڪيترائي ڀيرا شوڪاز نوٽيس جاري ڪيا. يوسف ملڪ شوڪاز نوٽيس جو ڪو به جواب نه ڏنو ۽ حاضري تي پڻ پيش نه ٿيو سيڪريٽري خوراڪ کاتي پاران وضاحت طلب ڪئي جواب نه ڏنو کاتي محمد يوسف ملڪ معاڻ اختيارن جو ناجائز استعمال ۽ سرڪاري خزاني کي پڻ نقصان پهچائڻ جو الزام لڳائي ڪيس فارغ ڪيو

پلاننگ، ڊولپمينٽ، مانيٽرنگ اينڊ امپليمينٽيشن سيل
ڪلچر، ٽوئرزم، اينٽي ڪئٽيز اينڊ آرڪائيوز ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ
رومي قبرستان جي پويان، نادرن باءِ پاس تي گرڊ اسٽيشن ڪراچي جي ويجهو

No. XEN/PDM&I-CELL/CTA&AD/NIT-LL/2025-26/286 Dated: 16 March 2026

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس (NIT)

PDM&I سيل پاران اي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) ذريعي سڀني دلچسپي رکندڙ ڪانٽريڪٽرن/فرمن/ڪمپنين کان معياري آڇ دستاويزن جي فارمن تي هيٺين ڪمن جي خريداري لاءِ اي-آڇون طلب ڪيون وڃن ٿيون. هي عمل SPPRA رولز 2010 (ترميم ٿيل) جي رول (2)46 تحت _ هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار تحت جي مطابق هوندو.

سيريل نمبر	ڪم جو اسڪوپ	لاڳت (ملين ۾)	فڪسڊ 5٪ بڊ سيڪيورٽي (ملين ۾)	لازمي PEC ڪيٽيگري ۽ اسپيشلائيزيشن ڪوڊز	مڪمل ڪرڻ جو مدو
01	لياقت ميموريل لائبريري ڪراچي جي ترقي / اپ گريڊيشن	72.307	3.615	C4 ۽ ان کان مٿي (CE-01, CE-09, CE-10, EE-02, EE-04)	18 مهينا

1. قابليت جو معيار (لازمي):

الف) تفصيلي قابليت جو معيار/شرطن واڪ دستاويزن سان گڏ شامل/موجود آهن.

ب) لاڳاپيل ڪيٽيگري ۽ اسپيشلائيزيشن ڪوڊز ۾ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) سان معتبر رجسٽريشن، انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ (NTN) سان معتبر رجسٽريشن، سنڌ روينيو بورڊ (SRB) جو معتبر سرٽيفڪيٽ ۽ معتبر اليڪٽريڪل لائسنس (تمام گهربل رجسٽريشنون جتي لاڳو هجن). ٽيڪيدارن جو نالو FBR ۽ SRB جي ايڪٽو ٽيڪس پيئر لسٽ ۾ هجڻ لازمي آهي.

ج) ساڳئي نوعيت جي ڪم ۾ گهٽ ۾ گهٽ (05) پنجن سالن جو تجربو آڇ ڏيندڙ ذريل پنجن سالن دوران سرڪاري شعبي ۾ مڪمل ڪيل ساڳئي قيمت ۽ نوعيت جا گهٽ ۾ گهٽ ٽي (03) ڪم پيش ڪري. جن سان گڏ تسلي بخش مڪمل ٿيڻ جا سرٽيفڪيٽ (ورڪ آرڊر / ڪانٽريڪٽ معاهدا ۽ پروجيڪٽ ڪمپليشن سرٽيفڪيٽ) دستاويزي ثبوت طور موجود هجن

د) گذريل (05) پنجن سالن دوران سراسري ساليانو مالي ٽرن اوور اسڪيم /پروجيڪٽ جي برابر قيمت کان گهٽ نه هجي. جيڪو FBR ۾ جمع ڪرايل آن لائن ساليانو رٽرن جي مطابق هجي. واڪ ڏيندڙ کي هيٺيان دستاويز مهيا ڪرڻ گهرجن:
- گذريل (05) پنجن سالن جي بينڪ اسٽيٽمينٽ (مالي سال جي حساب سان).
- گذريل (05) پنجن سالن جا ساليانو ٽيڪس رٽرن.
- رجسٽرڊ چارٽرڊ اڪائونٽنٽ کان تصديق ٿيل گذريل (05) پنجن سالن جي آڊٽ ٿيل مالي رپورٽ (ICAP جي رجسٽرڊ آڊٽ فارم کان علاوه ٻي ڪا به آڊٽ رپورٽ قبول نه ڪئي ويندي).

ه) واڪ ڏيندڙ جي ملڪيت يا ليز/مسواڙ تي ورتل سامان، مشينري ۽ ٽرانسپورٽ جي لسٽ جيڪا ڪم جي نوعيت جي مطابق هجي. دستاويزي ثبوتن سان گڏ.

و) فرم سان گڏ ڪم ڪندڙ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جو بائيو ۽ تصديق ٿيل سي وي.

ز) ٺيڪيدارن/فرمن/ڪمپنين جو سنڌ ۾ مستقل آفيس هجڻ لازمي آهي (دستاويزي ثبوت: مسواڙ نامو، مالڪي جو دستاويز، يا يوٽيلٽي بل).

2. واڪ/ٽينڊر دستاويز (جاري ڪرڻ، کلڻ ۽ جمع ڪرائڻ):

دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙ SPPRA اي پيڊس جي ويب سائيٽ https://portalsindh.eprocure.gov.pk تان 16-03-2026 کان 03-04-2026 تائين واڪ دستاويز حاصل/ڊائون لوڊ ڪري سگهن ٿا. دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن کي گذارش آهي ته اي-بڊ جمع ڪرائڻ لاءِ EPADS جي ويب سائيٽ تي پنهنجي فرم /ڪمپني رجسٽر ڪرائين.

الف) آڇون، هر پاسي کان مڪمل ۽ مجاز شخص پاران صحيح ٿيل، EPADS ذريعي 03-04-2026 تي صبح 11:30 وڳي تائين جمع ڪرائڻيون پونديون. ٽيڪنيڪل آڇون ساڳئي ڏينهن (03-04-2026 تي منجهند 12:30 وڳي) ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي آفيس، PDM&I سيل، رومي قبرستان جي پويان، نادرن باءِ پاس ڪراچي، گرڊ اسٽيشن جي ويجهو کولي وينديون. هٿرادو يا مشروط آڇون قبول نه ڪيون وينديون.

ب) واڪ ڏيندڙن کي بڊ سيڪيورٽي ڪال آن ڊپازٽ، پي آرڊر يا ڊمانڊ ڊرافٽ يا بينڪ گارنٽي جي صورت ۾ "DDO, PDM&I Cell CTA&AD, Government of Sindh" جي نالي جمع ڪرائڻي پوندي. (جيڪا فرم /واڪ ڏيندڙ جي پنهنجي بينڪ اڪائونٽ مان ڪٽي وڃي ۽ جنهن تي فرم جو نالو ۽ ٽائيٽل واضح طور لکيل هجي). بڊ سيڪيورٽي ۽ ٽينڊر فيءَ جي دستاويز جي ڪاپي آن لائن E-PAD سسٽم تي جمع ڪرائڻي پوندي ۽ ٽينڊر فيءَ (-/3,000 روپيا) جو اصل دستاويز ۽ مٿي ذڪر ڪيل بڊ سيڪيورٽي، ايگزيڪيوٽو انجنيئر، PDM&I سيل جي آفيس ۾ ٽينڊر کلڻ کان اڳ يا ان وقت تائين پهچڻ گهرجي. بڊ سيڪيورٽي آڇ جي معتبر هجڻ جي مدت کان پوءِ 28 ڏينهن تائين ڪارآمد هجڻ گهرجي. جيڪي واڪ ڏيندڙ بڊ سيڪيورٽي ۽ ٽينڊر فيءَ جو اصل دستاويز مقرر وقت کان اڳ جمع ڪرائڻ ۾ ناڪام رهيا، انهن جي آڇ رد ڪئي ويندي. آڇون 90 ڏينهن جي مدت لاءِ ڪارآمد هجڻ گهرجن.

3. شرط ۽ ضابطا:

الف) ٽيڪنيڪل پروپوزل جي قابليت لاءِ معيار (لازمي ضرورت) YES/NO يا PASS/FAIL تي ٻڌل آهن. جيڪڏهن ڪو واڪ ڏيندڙ ڪنهن به معيار ۾ ناڪام ٿئي ٿو ته هو نااهل نه هوندو.

ب) جوائنٽ وينچرز تي تڏهن غور ڪيو ويندو جڏهن نوٽرائيزڊ معاهدو مهيا ڪيو وڃي ۽ ٻنهي پارٽنرز وٽ پنهنجو ڪارآمد NTN ۽ SRB هجي ۽ هر پارٽنر وٽ الڳ الڳ ڪارآمد PEC رجسٽريشن ۽ ٽيڪس تعميل سرٽيفڪيٽ هجن.

ج) ٽينڊر/واڪ دستاويزن جو هر صفحو ۽ ٻيا تمام دستاويز فرم /واڪ ڏيندڙ پاران صحيح ۽ اسٽيمپ ٿيل هجن.

د) قابليت جي معيار ۾ گهربل سپورٽنگ دستاويزن کان سواءِ مليل آڇ Non-responsive قرار ڏني ويندي. پروڪيورنگ ايجنسي وٽ اهو حق محفوظ آهي ته اها فراهم ڪيل معلومات جي تصديق ڪري.

ه) -/100 روپين جي ايفيڊيوٽ تي بيان ته فرم بليڪ لسٽ ٿيل ناهي. ڪنهن قانوني ڪارروائي ۾ شامل ناهي. ڪنهن به کاتي ۾ ڪو ڪم اڌ ۾ ناهي ڇڏيو ۽ فراهم ڪيل معلومات/دستاويز درست آهن.

و) فرم جي صورت ۾، ڊائريڪٽرن/مالڪن جا مڪمل تفصيل پاور آف اٽارني سان گڏ. سول پروپرائيٽر شپ جي صورت ۾ ايفيڊيوٽ تي بيان ڏنو وڃي.

ز) نمائندي جي صورت ۾، مالڪ پاران اسٽامپ پيپر يا فرم جي ليٽر هيڊ تي اختيار نامو هجڻ گهرجي جنهن ۾ مالڪ جا تفصيل ۽ CNIC شامل هجي.

ح) موڪل يا ڪنهن اڻ ڏٺي صورتحال جي سبب جمع ڪرائڻ ۽ کلڻ جو شيڊيول ايندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي هوندو. پروڪيورنگ ايجنسي ڪنهن به يا سڀني آڇن کي رد ڪري سگهي ٿي ۽ SPPRA رولز 2010 جي لاڳاپيل شق تحت واڪ جي عمل کي رد ڪري سگهي ٿي.

ط) PTCL جي لينڊ لائن نمبر جي عدم دستيابي سبب، وڌيڪ معلومات لاءِ مهرباني ڪري آفيس جي وقت دوران ايگزيڪيوٽو انجنيئر سان موبائل نمبر 0331-3263107 تي رابطو ڪريو.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
PDM&I Cell, CTA & AD
سنڌ حڪومت
رومي قبرستان جي پويان، نادرن باءِ پاس تي
گرڊ اسٽيشن ڪراچي جي ويجهو

I WORK FOR SINDH | INF/KRY/1113/2026

Oil & Gas Development Company Limited
ogdcl the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-ARIBA Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules;

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-RM-315855232-2026	INSPECTION OF OGDCL RIG N-5 & N-6 EQUIPMENT	21.04.2026 1030 Hrs
2.	OGDCL-SCM-FB-CB-PEFD-31548537-2026	SPARE PARTS OF DANIEL GC 500 AND 700 SERIES	21.04.2026 1100 Hrs

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **14-02-2026** and **26-02-2026**, it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NO	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-SYSTEM=60-3640-313980348-2026	POLICY AND PROCEDURES DEVELOPMENT BASED ON ISO27001 2022	01.04.2026 1030 HRS
2.	OGDCL-SCM-FC-CB-PNP-JM-312342260-2026	SPARES FOR AMINE CIRCULATION PUMPS	16.04.2026 1100 HRS

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
5. Tender Notice/detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDCL reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue,
Blue Area Islamabad-Pakistan.
Ph: +92 (51) 92002 3652 / 3780

ogdcl.com
No. 118/39

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION | WE EXPLORE PROSPERITY

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
وچ اوڀر ۾ وڌندڙ جنگ ۽ عالمي امن لاءِ خطرا
صفحو 4

مير اعظم علي ٽالپر
ڏهل وڄي دوسُونچي کان ناني نچڻي تائين!
صفحو 4

راجا زاهد اختر خانزاده
ايران جي جنگ ۾ آمريڪا مان اُٿندڙ سوال، اسان آخر ڪنهن جي جنگ وڙهي رهيا آهيون؟
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن - 17 مارچ
صفحو 4

زرعي يونيورسٽي جي لطيف فارم ۾ ڪڻڪ ۽ سرنهن جو معياري ٻج حاصل ڪرڻ پوکيل فصل پچي تيار

وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال ڪڻڪ جي لاباري ۽ سرنهن جي ٿريشنگ واري عمل جو افتتاح ڪيو

سنڌ زرعي يونيورسٽي خوراڪ جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهي آهي: ڊاڪٽر الطاف علي سيال

لطيف تجرباتي فارم جي زرعي زمين ۾ ڪڻڪ جي ٻج لاءِ مختص ڪيل 13 کان وڌيڪ جنسن جي پوکائي ڪئي وئي: ڊاڪٽر محمد مٺل لنڊ

ٽنڊوڄام (ن ع) سنڌ زرعي يونيورسٽي جي تجرباتي لطيف فارم ۾ معياري ٻج حاصل ڪرڻ لاءِ پوکيل ڪڻڪ ۽ سرنهن جو فصل پچي تيار ٿي ويو، وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال ڪڻڪ جي لاباري ۽ سرنهن جي ٿريشنگ واري عمل جو افتتاح ڪيو. انهي موقعي تي ڳالهائيندي وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال چيو ته موسمي تبديلي زرعي پيداوار تي اثر انداز ٿي رهي آهي، فصل جي پوکائي وقت پاڻي جي کوٽ، غير تصديق شده ٻج ۽ اڻ مناسب برسات ۽ ٻيا ڪيترن ئي چيلينجز کي منهن ڏيڻ بعد آبادگار کي وڌيڪ لاڀ حاصل نه ٿو ٿئي، جنهن لاءِ سنڌ جي آبادگارن کي روائتي زرعي نظام کي تبديل ڪرڻو پوندو، وائيس چانسلر چيو ته سنڌ زرعي يونيورسٽي خوراڪ جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهي آهي ان سلسلي ۾ سيڊ پراڊڪشن ڊولپمينٽ سينٽر (ايس پي ڊي سي) وسيلي سنڌ جي آبادگارن کي تصديق شده بيسڪ ۽ پري بيسڪ ٻج جي فراهمي، آبادگارن، زرعي ماهرن ۽ زراعت جي شاگردن کي سکيا لاءِ تربيتي ورڪشاپ منعقد ڪرايا پيا وڃن. انهي موقعي تي آگاهي ڏيندي زرعي يونيورسٽي جي ڊائريڪٽر فارمز ڊاڪٽر محمد مٺل لنڊ ٻڌايو ته لطيف تجرباتي فارم جي زرعي زمين ۾ ڪڻڪ جي ٻج لاءِ مختص ڪيل 13 کان وڌيڪ جنسن جي پوکائي ڪئي وئي جڏهن ته مختلف تجربن بعد ان جي بهترين پيداوار حاصل ٿي آهي. هن ٻڌايو ته بيسڪ توڙي پري بيسڪ ٻج سنڌ جي آبادگارن کي ڪڻڪ جي فصل جي پوکائي وقت مهيا ڪيو ويندو جنهن سان هو وڌيڪ پيداوار حاصل ڪري سگهندا. هن چيو ته سرنهن جي معياري ٻج لاءِ ڪينولا ۽ سنڌ رايا جنسون پوکيون ويون جن جي پڻ وڌيڪ پيداوار حاصل ٿي آهي. ڪراپ پراڊڪشن فئڪلٽي جو ڊين ڊاڪٽر عنايت الله راڄپر، ڊاڪٽر منظور علي ابڙو، ڊاڪٽر شاهنواز مري، ڊاڪٽر فرمان علي چانڊيو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

ٽنڊوڄام: سنڌ زرعي يونيورسٽي جو وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال سرنهن جي ڇڙائي جو افتتاح ڪري رهيو آهي

چين 08 نوان سيٽلائيٽس لانچ ڪري ڇڏيا

بيجنگ (اي پي پي) چين ڪوائي ژو - 11 واءِ 7 راڪيٽ ذريعي 08 نوان سيٽلائيٽس لانچ ڪري ڇڏيا آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق نوان سيٽلائيٽس اتر اولهه چين ۾ واقع جيوچوان سيٽلائيٽ سينٽر تان ڪوائي ژو - 11 واءِ 7 راڪيٽ ذريعي مقرر مدار ۾ اماڻيا ويا. راڪيٽ بيجنگ جي مقامي وقت موجب منجهند جو 12 لڳي 12 منٽن تي لانچ سائيٽ تان روانا ڪيا ويا.

گهوٽڪي ۾ تعليمي ماهر مولوي محمود پيٽو جي ستين ورسي

عبدالحئي پيٽو ۽ ٻين مولوي محمود پيٽو جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي دعا گهري

مولوي محمود پيٽو پنهنجي دور جو وڏو عالم دين اسڪالر اديب ۽ سماج سڌارڪ هو: اڳواڻ

گهوٽڪي (ن ع) سنڌ جي تاريخي ماڳ ماٿيلو موسل جي ماڙي ۾ سنڌ جي نامور عالم دين، دانشور، محقق، اديب، سماج سڌارڪ ۽ تعليمي ماهر مولوي محمود پيٽو جي ستين ورسي جي موقعي تي مولوي محمود پيٽو اڪيڊمي سنڌ پاران سندس مزار تي گلن جي چادر چاڙهڻ جي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ علائقائي عالمن، اديبن استادن ۽ سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ مرحوم کي خراج عقيدت پيش ڪيو ان موقعي تي مولوي محمود پيٽو اڪيڊمي سنڌ جي چيئرمين عبدالحئي پيٽو سنڌي ادبي سنگت شاخ ماٿيلو موسل جي ماڙي جي سيڪريٽري علي حسن منگي ۽ ٻين شرڪت ڪندڙن مولوي محمود پيٽو جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي دعا گهري تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته مولوي محمود پيٽو پنهنجي دور جو وڏو عالم دين اسڪالر اديب ۽ سماج سڌارڪ هو جنهن سڄي حياتي علم ادب ۽ دين جي خدمت ۾ گذاري هن هزارين شاگردن جي علمي ادبي ۽ اخلاقي تربيت ڪري سماج کي ڪارائتا فرد فراهم ڪيا. هنن چيو ته مولوي محمود پيٽو ماٿيلو موسل جي ماڙي ۾ علم ۽ ادب جي جيڪا لاٽ روشن ڪئي اها هميشه جاري رهندي ان موقعي تي عبدالحئي پيٽو اعلان ڪيو ته مولوي محمود پيٽو جي نالي سان هڪ لائبريري قائم ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ مرحوم جا ڇڏيل هزارين سنڌي اردو عربي ۽ فارسي جا ناياب علمي ادبي ۽ ديني ڪتاب محفوظ ڪيا ويا آهن جڏهن ته سندس شخصيت ۽ خدمتن تي ٻڌل ڪتاب "علم جو پيڪر مولوي محمود پيٽو" جلد شايع ڪيو ويندو. تقريب جي آخر ۾ شرڪت ڪندڙن مطالبو ڪيو ته ماٿيلو موسل جي ماڙي ۾ قائم ميوزيم ۾ مولوي محمود پيٽو جي نالي سان هڪ خاص ڪارنر قائم ڪيو وڃي جتي سندس يادگار شيون رکجن ته جيئن ايندڙ نسلن تائين سندس علمي ۽ ادبي خدمتن بابت ڄاڻ پهچي سگهي

مورو سانحي جي بيگناهه قيدين جي آزادي لاءِ ٻئي ڏينهن به احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو

پورهيت، هاري ۽ ڪاروباري ماڻهو گرفتار ڪري دهشتگردي جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪري جيل ۾ واڙيا ويا آهن: مظاهرين

ٻار ۽ گهر ڀاتي پنهنجن پيارن جي جدائي ۾ روئي چون ٿا اسان جا پيارا ڪوڙن ڪيسن ۾ قيد آهن انهن کان سواءِ عيد جون خوشيون ختم ٿيل آهن

مورو (ن ع) مورو سانحي جي بيگناهه قيدين جي آزادي لاءِ وارثن ٻارڙن نياڻين ۽ سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن جي اڳواڻن ڪارڪنن شهرين سميت هر مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن اڄ 2ڏينهن به مورو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو،علامتي بک هڙتال ڪئي جنهن جي اڳواڻي ايس ٽي پي جي اصغر بليدي، عبدالحميد پنهور، داؤد عمراڻي، عباس ڪوڪ، مياںداد لنڊ، محمود اعوان، گل حسن ڪوسو، ايس يو پي اڳواڻ ياسين سومرو، اسلم ڪوريجو، پي ٽي آئي جي عباس حب، قيدين جي وارثن علي دوست رند، محسن علي رستماڻي، ايڊووڪيٽ اسرار احمد پٺاڻ، ايڊووڪيٽ نصير احمد ڪوڪ، نواز علي ڪلهوڙو، حسين بخش ڪوڪر ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. هنن چيو ته گوٺ لغاري بجراڻي ۽ شهر مورو جا مزدور پورهيت هاري ۽ ڪاروباري ماڻهن کي گرفتار ڪري دهشتگردي جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪري جيل ۾ واڙيا ويا آهن. 10 مهينا گذري ويا آهن ڊسٽرڪٽ جيل ۾ مغوي ٿيل آهن انهن جو ڪيس به نه هلايو وڃي ۽ ضمانتون به ڪرڻ نه ٿيون ڏنيون وڃن ملاقاتون به بند آهن ۽ انهن بيگناهه قيدين جو ڏوهه ڪهڙو آهي جو هو ڏهن مهينن کان قيد آهن حڪمران جبر بربريت ڏاڍ ڪري رهيا آهن قيدين جي گهرن ۾ ڪهرام مچل آهي ٻار ٻچا بيماري سبب تڙپي رهيا آهن بي سهارو بڻيل آهن هن ظلم ۽ ڏاڍ تي سڀ خاموش آهن. عيد اچڻ واري آهي انهن اسيرن جي ٻارن کي ڪپڙا ڪير وٺي ڏيندو ٻار ۽ گهر ڀاتي پنهنجن پيارن جي جدائي ۾ روئي چون ٿا اسان جا پيارا ڪوڙن ڪيسن ۾ قيد آهن انهن کان سواءِ عيد جون خوشيون ختم ٿيل آهن. هڪ غريب پيرسن علي دوست رند پاڪ ڪتاب کڻي حڪمرانن کي پٽون پارائتا ڏيندي چيو ته منهنجو پٽ ممتاز رند ڪڏهن ڪاڏو هلائيندو هو جيڪو ڏهن مهينن کان بي گناهه قيد آهي ان کان علاوه ڪيترائي مسڪين پورهيت عذاب هيٺ آهن ۽ اسان وارث پڻ تڪليفن ۾ آهيون هنن سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ڏيهي توڙي پرڏيهي انساني حقن جي تنظيمن ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته مورو ۾ حڪمرانن جو ظلم بند ڪرايو وڃي بيگناهه قيدين تان ڪوڙا ڪيس ختم ڪري انهن کي آزاد ڪيو وڃي محاصرا ختم ڪرائي انصاف ڪيو وڃي. هنن چيو ته قيدين جي آزادي تائين اسان جو احتجاج جاري رهندو ۽ عيد واري ڏينهن پڻ مورو پريس ڪلب آڏو عورتن معصوم ٻارڙن سميت ڌرڻو هنيو ويندو.

مورو: سانحي جي بيگناهه قيدين جي آزادي لاءِ ٻئي ڏينهن به احتجاجي مظاهرو ڌرڻو

ڀارت جي سرڪاري اسپتال ۾ باهه لڳڻ سبب 10 ڄڻا اجل جو شڪار

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارت جي اوڙيسا رياست اڙيسه ۾ واقع سرڪاري اسپتال ۾ باهه لڳڻ سبب 10 ڄڻا فوت ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا آهن پرڏيهي ميڊيا موجب مقامي پوليس ٻڌايو ته باهه گذريل رات ڪٽڪ ضلعي ۾ واقع ايس سي بي ميڊيڪل ڪاليج اينڊ اسپتال جي انتهائي نگهداشت واري يونٽ (آئي سي يو) ۾ لڳي ٻڌايو ويو آهي ته باهه سبب زخمين مان پنجن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي فوت ٿيلن ۾ وڌيڪ اهي مريض شامل آهن جيڪي آئي سي يو ۾ علاج هيٺ هيا.

مسو ڀرڳڙي ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ بدامني ۽ منشيات جي وڪري خلاف احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

جسقم بشير خان قريشي، پورهيت مزاحمت ڪميٽي ۽ شهري ايڪشن ڪميٽي پاران مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

پوليس چلگري ٿاڻي جي حد ۾ منشيات فروشن ۽ اسمگلرن کي منشيات هلائڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي: اڳواڻ

هلندڙ منشيات جو نوٽيس وٺي مسو ڀرڳڙي لنڪ روڊ تي پوليس پڪٽ قائم ڪرائي شهر ۽ ڀرپاسي ۾ امن امان بحال ڪرايو وڃي

مسو ڀرڳڙي (ن ع) منشيات جي ڪارخانن ۽ ڦرن جي وڌندڙ واقعن خلاف مسو ڀرڳڙي ۾ پورهيت مزاحمت تحريڪ،جسقم شهيد بشير خان گروپ، مسو ڀرڳڙي شهري ايڪشن ڪميٽي پاران پريس ڪلب مسو ڀرڳڙي تي احتجاجي ڌرڻو هڻي نعريبازي ڪئي وئي، ڌرڻي جي اڳواڻي جسقم اڳواڻ داؤد آرائين، پورهيت مزاحمت ڪميٽي اڳواڻ ڪامريڊ گلزار، مسو ڀرڳڙي ايڪشن ڪميٽي اڳواڻ محب لغاري سجاد علي وگهيو بلاول وسير، آفتاب وسير ۽ ٻين ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن جو چوڻ هو ته مسو ڀرڳڙي لنڪ روڊ تي وارداتون روز جو معمول بڻيل آهن ڪجهه ڏينهن اڳ مسو ڀرڳڙي لنڪ روڊ جي ڙيون حالي جو فائدو وٺندي نامعلوم ڌاڙيلن پاران هٿيارن جي زور تي اسان کان هزارين رپيا روڪ رقم ۽ ٽي موبائل ڦري ويا هئا جن کي ڪيترائي ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس رڪوري ناهي ڪرائي سگهي ۽ نڪي ڏوهه جي ڌاڙيلن کي گرفتار ڪري سگهي آهي جڏهن ته هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته پوليس انتظاميا صرف چلگري ٿاڻي جي حد ۾ منشيات فروشن ۽ اسمگلرن کي منشيات هلائڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي ۽ پوليس شهر ۾ منشيات فروشن کي رمضان شريف جي پلاڙي مهيني ۾ شهر توڙي ڀرپاسي ۾ منشيات هلائڻ جي کلي ڇوٽ ڏئي ڇڏي آهي هنن ڊي آئي جي حيدرآباد، ايس ايس پي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو ته مسو ڀرڳڙي شهر ۾ هلندڙ منشيات جو نوٽيس وٺي مسو ڀرڳڙي لنڪ روڊ تي پوليس پڪٽ قائم ڪرائي شهر ۽ ڀرپاسي ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻايو وڃي هنن چيو ته اسان کان ڦر ٿيل روڪ رقم موبائل فونو ۽ ٻيو سامان برآمد ڪرائي انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ تحريڪ ۾ اڃا تيزي آندي ويندي احتجاجي ڌرڻي ۾ ارشد آزاد وگهيو،ڪامريڊ مبارڪ لغاري،عبدالرزاق وگهيو،شاهزيب ڪانڙيو فرحان وگهيو پرويز وگهيو امداد ڪانڙيو ضمير وسير ۽ ٻين شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

****

حيدرآباد جي وڪيلن پاران عدالت جون 2 وڌيڪ موڪلون ڪرڻ وارو فيصلو واپس وٺڻ جو مطالبو

عدالتن ۾ جاري انرجي ڪرائيسز کي منهن ڏيڻ خاطر عدالت جون 2 وڌيڪ موڪلون ڪرڻ سمجهه کان ٻاهر آهي: اسلم جاويد

موڪلن سان عدالتن ۾ هلندڙ ڪيس وڌيڪ وقت وٺندا ۽ عوام وڌيڪ تڪليفن سان منهن ڏيڻ تي مجبور ٿي ويندي

ڪ ڀهريائين مهانگائي کي منهن ڏئي رهيو آهي ويتر عدالتون 2 وڌيڪ ڏينهن بند ڪرڻ سان انصاف وڌيڪ مهانگو ٿي ويندو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي وڪيلن اسلم جاويد، احمد علي زبير ابڙو ۽ ٻين ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ملڪ ۾ جاري انرجي ڪرائيسز کي منهن ڏيڻ خاطر عدالت جون 2 وڌيڪ موڪلون ڪري انصاف جي حصول کي ڏکيو ڪري ڇڏيو آهي جنهن سان عدالتن ۾ هلندڙ ڪيس وڌيڪ وقت وٺندي ۽ عوام وڌيڪ تڪليفن سان منهن ڏيڻ تي مجبور ٿي ويندي. هنن چيو ته جنگي جنگ هلي رهي آهي اتان جون عدالتون معمول موجب ڪم ڪري رهيون آهن جڏهن ته پاڪستان ۾ انرجي ڪرائيسز جو جواز ڄاڻائي عدالتن جو وقت گهٽايو ويو آهي.هنن چيو ته ملڪ ڀهريائين مهانگائي کي منهن ڏئي رهيو آهي ويتر عدالتون 2 وڌيڪ ڏينهن بند ڪرڻ سان انصاف وڌيڪ مهانگو ٿي ويندو. هنن مطالبو ڪيو ته عدالتن جي 2 ڏينهن وڌيڪ بند ڪرڻ وارو فيصلو جلد واپس ورتو وڃي

حيدرآباد ۾ هالا ناڪ خورشيد ٽائون جي رهواسين جو احتجاج

خورشيد ٽائون جي رهواسين عورت وڪيل جي مبينا زيادتين خلاف دانهيو

غزالا پنهور علائقي جي رهواسين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي هالا ناڪ خورشيد ٽائون جي رهواسين عورت وڪيل جي مبينا زيادتين خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون انور زيب پٺاڻ شاهه فيصل شاهد آرائين ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري نعري بازي ڪئي وئي. ان موقعي تي هنن الزام هڻندي چيو ته خورشيد ٽائون واسي عورت وڪيل غزالا پنهور علائقي جي رهواسين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي علائقي واسين خلاف مبينا ڪوڙا ڪيس ڪري رهي ۽ وڌيڪ ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏيندي رهي ٿي. هنن چيو ته علائقي ۾ اڪثريت وچولي ۽ غريب طبقي جي آهي جيڪي ڪنهن سان جهيڙي ڪرڻ بدران پنهنجي روزي روٽي جي بندوبست تي توجه ڏيندي آهي انهن وٽ عدالتن ۾ ڪيس وڙهڻ لاءِ نه ٽائم آهي ۽ نه وري پيسو آهي. هنن چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ، سنڌ بار ڪائونسل کي اپيل ڪئي عورت وڪيل جي ناجائزين جو جلد نوٽس وٺي ماهري جي جاچ ڪرائي علائقي واسين کي تحفظ ڏنو وڃي

حيدرآباد - خورشيد ٽائون جا رهواسي پنهنجن مطالبن جي حمايت ۾ پريس ڪلب تي احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر شهر ۾ ٽريفڪ جي رواني برقرار رکڻ ۽ شهرين کي تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ پوليس سرگرم

ڪوئنس روڊ تي ٽريفڪ جي رواني بهتر ڪرڻ لاءِ ٽريفڪ جي ايس اي آءِ لالا ممتاز پاران اچانڪ دورو

روڊ جي ڪنارن تي بي ترتيب پارڪ ٿيل گاڏيون هٽايون ويون ته جيئن ٽريفڪ جي آمدورفت ۾ رڪاوٽ نه ٿئي

مقرر ٿيل اهلڪار شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ پنهنجون ذميواريون ڀرپور انداز ۾ ادا ڪن: لالا ممتاز

سکر (بيورو رپورٽ) ايس ايس پي سکر اظهر خان جي خاص هدايتن تي شهر ۾ ٽريفڪ جي رواني برقرار رکڻ ۽ شهرين کي تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ سکر ڊسٽرڪٽ پوليس ۽ ٽريفڪ پوليس گڏيل ڪوششون جاري رکيا آهن. هن سلسلي ۾ گذريل ڏينهن سکر جي ڪوئنس روڊ تي ٽريفڪ جي رواني بهتر ڪرڻ لاءِ ٽريفڪ سارجنٽ عبدالستار انصاري ڊسٽرڪٽ پوليس جي ايس اي آءِ لالا ممتاز سان گڏ دورو ڪيو. دورو دوران روڊ جي ڪنارن تي بي ترتيب پارڪ ٿيل گاڏيون هٽايون ويون ته جيئن ٽريفڪ جي آمدورفت ۾ رڪاوٽ نه ٿئي ۽ رستا ڪشادا ڪيا وڃن. دوران دورو ايس اي آءِ لالا ممتاز پنهنجي ٽيم سان گڏ ڪوئنس روڊ جي مختلف هنڌن تي شهرين لاءِ حفاظتي انتظامات جو جائزو ورتو ۽ موقعي تي تعينات پوليس اهلڪارن کي هدايتون ڏنيون ته هو شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ پنهنجون ذميواريون ڀرپور انداز ۾ ادا ڪن. شهر ۾ ٽريفڪ جي رواني برقرار رکڻ ۽ شهرين جي تحفظ لاءِ سکر ڊسٽرڪٽ پوليس ۽ ٽريفڪ پوليس جي گڏيل ڪوشش کي تاجربرادري طرفان ساراهيو ويو جنهن ايس ايس پي سکر سميت پوليس اهلڪارن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته اهڙيون ڪوششون مستقبل ۾ به جاري رهنديون.

ريتي لائين سکر ۾ نائيٽ ڪرڪيٽ ٽورنامنٽ جي پڇاڙي

رانديگرن جي حوصلي افزائي لاءِ هر ممڪن قدم کڻنداسين: محمد جاويد راجپوت

ٽورنامنٽ جي فاتح ٽيم مجيد سولنگي ۽ رنر اپ ٽيم جاذب خان ٽرافي پنهنجي نالي ڪئي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي علائقي ريتي لائين ۾ ليڊنگ نائيٽ ڪرڪيٽ ٽورنامنٽ اختتام پذير ٿي ويو. ٽورنامنٽ جي فاتح ٽيم مجيد سولنگي ۽ رنر اپ ٽيم جاذب خان ٽرافي پنهنجي نالي ڪئي. جڏهن ته محمد حبيب راجپوت کي جنيد ڪيش اوارڊ سان نوازيو ويو.اختتامي تقريب جي مهمان گرامي ۾ محمد جاويد راجپوت، غلام قادر سولنگي سميت علائقي جا معززين شامل هئا. تقريب سان خطاب ڪندي مهمان گرامي چيو ته رانديڪن جي فروغ سان صحت مند معاشري جو قيام عمل ۾ ايندو آهي رانديگرن جي حوصلي افزائي لاءِ هر ممڪن قدم کڻنداسين.مهمان گرامي ٻنهي ٽيمن کي حوصلي افزائي ۽ ڪيش اوارڊ ورهايا ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو.

سکر: ريتي لائين سکر ۾ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جي اختتامي تقريب ۾ معزز مهمان شرڪت ڪري رهيا آهن

حيدرآباد لوڪل گورنمينٽ جي رٽائرڊ ملازمن جو پينشن جي بندش خلاف ٽيرهين ڏينهن به احتجاج

رٽائرڊ ملازمن جي پينشن جي بندش کي پنج مهينا ٿي ويا، احتجاج باوجود انتظاميه جي ڪن تي جون به نه سري

لاڳيتي احتجاج باوجود سرڪار اڃا تائين ڪو به نوٽيس نه ورتو آهي، ميئر حيدرآباد ڪاشف شورو ڪجهه ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي: مظاهرين

رٽائرڊ ملازمن جي پينشن بنا جواز بند ڪرڻ جي معاملي جي جاچ ڪري ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

ٽنڊوڄام (ت ر) حيدرآباد لوڪل گورنمينٽ جي رٽائرڊ ملازمن جي پينشن جي بندش کي پنج مهينا ٿي ويا. پينشن جي بندش خلاف متاثرن جو ٽيرهين ڏينهن به احتجاج، انتظاميه جي ڪن تي جون به نه سري، خبر موجب حيدرآباد جي لوڪل گورنمينٽ جي 700 کان وڌيڪ رٽائرڊ ملازمن جي پينشن جي بندش کي پنج ٿي ويا. پينشن جي بندش خلاف متاثر پينشنرن ٽيرهين ڏينهن به احتجاج جاري رکيو رٽائرڊ مرد ۽ عورت ملازمن اڄ ڪاتيان شرافت راجپوت، عنايت ميمڻ، پروين مسيح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٽنڊوڄام پريس ڪلب آڏو ٽيرهين ڏينهن به احتجاجي مظاهرو ڪري، ميئر حيدرآباد ۽ ميونسپل ڪمشنر خلاف سخت نعريبازي ڪئي. لاڳيتي احتجاج باوجود سرڪار اڃا تائين ڪو به نوٽيس نه ورتو آهي. احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته ميئر حيدرآباد ڪاشف شورو ۽ چيف ڪمشنر ساز باز ڪري حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن جي 700 کان وڌيڪ پينشنرن جي پينشن بند ڪري ڇڏي آهي جنهن سبب سخت بدحالي جو شڪار آهيون هنن صدر پاڪستان آصف علي زرداري، بلاول ڀٽو زرداري، وزيراعليٰ مراد علي شاهه سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ مڪاني ادارن جي وزير ناصر شاهه کي اپيل ڪئي آهي ته رٽائرڊ ملازمن جي پينشن بنا جواز بند ڪرڻ جي معاملي جي جاچ ڪري ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ سندن پينشن فوري جاري ڪئي وڃي.

حيدرآباد: لوڪل گورنمينٽ جي رٽائرڊ ملازمن جو پينشن جي بندش خلاف ٽيرهين ڏينهن به احتجاج

سنڌ ۾ پرائمري تعليم کي بهتر بڻائڻ لاءِ 21 هزار 500 استادن کي تربيت ڏني وئي

اسلام آباد (اي پي پي) سنڌ حڪومت پرائمري سطح تي تدريس جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ پنهنجي اهم تعليمي سڌارڻ واري پروگرام تحت 21 هزار 500 استادن کي تربيت فراهم ڪئي آهي اهو قدم سنڌ ارلي لرننگ انهانسمينٽ ٿرو ڪلاس روم ٽرانسفارميشن(سليڪٽ) منصوبي جو حصو آهي اهو تعليم جي شعبي ۾ هڪ وڏو پروگرام آهي ۽ ان جو مقصد پرائمري ۾ پڙهندڙ شاگردن ۾ بنيادي خواندگي ۽ رياضي جي مهارتن کي مضبوط بڻائڻ آهي سرڪاري دستاويزن مطابق ان منصوبي جي مجموعي لاڳت 167.21 ملين ڊالرز آهي ۽ ان کي اپريل 2026ع تائين مڪمل ٿيڻو هو پر هاڻي ان جو مدو وڌائي اپريل 2027ع تائين ڪرڻ جي درخواست به ڏئي ڇڏي آهي ان پروگرام تحت استادن ڪنٽينيوئيس پروفيشنل ڊولپمينٽ (سي پي ڊي) جا مختلف تربيتي مرحلا مڪمل ڪيا جن ۾ جديد تدريسي طريقا، ڪلاس روم ۾ شاگردن جي بهتر شموليت ۽ ننڍي عمر جي شاگردن جي تعليمي نتيجن کي بهتر بڻائڻ تي ڌيان ڏنو ويو آهي هي منصوبو سنڌ جي 12 ضلعن ۾ لاڳو ڪيو ويو جنهن ۾ ڳوٺن ۽ شهري علائقن جا پرائمري اسڪول شامل آهن تربيت دوران استادن ۾ تربيتي مواد پڻ ورهايو ويو منصوبي جي دستاويزن موجب هاڻي تائين 10 هزار 993 اسڪولن تائين رسائي ملي چڪي آهي جڏهن ته هدف وارن ضلعن ۾ اٽڪل 7 لک 41 هزار 591 شاگرد ان مان فائدو کڻي سگهندا. استادن جي تربيت ۽ تعليمي مواد سان گڏوگڏ تعليمي بنيادي ڍانچي جي بهتري به شامل آهي جنهن تحت 295 پرائمري اسڪولن کي اپگريڊ ڪري ايليمينٽري ۽ سيڪنڊري سطح تائين آندو پيو وڃي اميد آهي ته اهو منصوبو اپريل 2026ع تائين تڪميل طرف وڌندي پرائمري تعليم کي مضبوط بڻائيندو ۽ ان سان اسڪولن مان اسڪول ڇڏي ويندڙ شاگردن جي شرح گهٽ ڪرڻ ۾ مدد ملندي

دُبئي جي واپاري شخصيت گلاب پريمي پاران آجياڻي جو اهتمام

سڪرنڊ (س ر) دُبئي جي واپاري شخصيت گلاب پريمي پاران شهري اتحاد سڪرنڊ جي ٻن اڳواڻن صدرن سيد احسان علي شاهه ۽ قاضي جاويد سنائي جي مان ۾ ڪائنات جي پاڪ سر زمين ۽ حسين شهر مديني پاڪ ۾ شاندار آجياڻي جو اهتمام ڪيو جنهن ۾ قمرالدين چانڊيو مهمان خاص طور شرڪت ڪئي جڏهن ته ڀارت مان محمد عابد بهاري ۽ سنڌ مان ساجد علي ڊوگر اعزازي مهمان طور شريڪ ٿيا آجياڻي ۾ ميزبان پاران مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ تحفي طور پيش ڪئي وئي ان موقعي تي سيد احسان علي شاهه ۽ قاضي جاويد سنائي الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته اسين ٿورائتا آهيون ڀاءُ گلاب پريمي جا جنهن پرديس ۾ هيترو مان ڏنو آهي هنن چيو ته ڪي ڪي ماڻهو پنهنجن نالن جو ڀرم رکندا آهن بلڪل ائين گلاب پريمي پڻ سندس نالي جو ڀرم رکيو آهي هن وٽان گلاب جي گل جيان خوشبوءِ ۽ پريمي جيان پريم مليو آهي سندس پاران مليل مان وهين دائين ياد رهندو ان کان اڳ ميزبان گلاب پريمي ڳالهائيندي چيو ته منهنجي جنم ڀومي سڪرنڊ آهي ان شهر جون ٻئي اهم شخصيتون سيد احسان علي شاهه ۽ قاضي جاويد سنائي جن شهري اتحاد جي پليٽ فارم تان جيڪا خدمت ڪئي سا تاريخ جو هڪ باب بڻجي چڪي آهي اسان به جڏهن ڏيهه ايندا آهيون ته هنن وٽان محبتن جون جهوليون ۽ پيار جا پاڪر ملندا آهن جنهن جي موٽ ۾ اڄ ڪين مان ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي

چوهڙجمالي ۾ پان وڪرو ڪندڙ ڪئبن وارن جو احتجاج

پان ۾ استعمال ٿيندڙ مٽيريل بليڪ تي ملڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

شين جا اگهه هڪرادو بليڪ ڪري پان جي صنعت کي تباهه ڪيو پيو وڃي: مظاهرين

چوهڙجمالي (ن ع) چوهڙجمالي ۾ پان وڪرو ڪندڙ ڪئبن وارن تالابندي ڪري پان ۾ استعمال ٿيندڙ مٽيريل بليڪ تي ملڻ خلاف ڪائون آفيس کان احتجاجي ريلي ڪڍي چوهڙ جمالي پريس ڪلب اڳيان سخت احتجاج ڪيو ان موقعي تي پان ڪئبن ايسوسي ايشن چوهڙجمالي جي صدر عبدالغفور پٽي، نائب صدر قادر پٽي، عبدالعزيز چانڊيو، غفار آخوند ۽ ٻين پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته پان ۾ استعمال ٿيندڙ سوپاري، رحسڪرڊ پٽي، ڪاٿو ۽ ڪاغذ سميت ٻين شين جا اگهه هڪرادو بليڪ ڪري پان جي صنعت کي تباهه ڪيو پيو وڃي. اسان ڪئبن وارن جا ٻئي هٿ مٽي تي اچي ويا آهن مجبورن ڪئبنون بند ڪري هڙتال ڪئي آهي، جيستائين اسان جو مسئلو حل نه ٿيو تيستائين هڙتال جاري رهندي، هنن چيو ته هڪ ته پان مهانگو ملي رهيو آهي ته ٻئي طرف پان ۾ استعمال ٿيندڙ مٽيريل گٽڪي جي آڙ ۾ بليڪ تي وڪرو ڪيو پيو وڃي اها هڪ سازش آهي تنهن ڪري ڪئبنون بند ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا آهيون هنن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي سجاول کان گهر ڪئي آهي ته پان مٽيريل تان پابندي ختم ڪري اسان جي ٻچن کي بک مرڻ ۽ سوين غريب ماڻهن کي بيروزگاري کان بچايو وڃي.

چوهڙجمالي: پان ۾ استعمال ٿيندڙ مٽيريل بليڪ تي ملڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

ڊگهڙي ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم شيخ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ مظاهرو

ڊپٽي ايم ايس ڊاڪٽر محمد امين خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

مٺي جي سرڪاري اسپتال ۾ پيش آيل واقعي کي قتل سمجهون ٿا: مظاهرين

ڊگهڙي (ن ع) تعلقه اسپتال ڊگهڙي جي عملي طرفان مٺي جي سرڪاري اسپتال جي ڊاڪٽر عبدالڪريم شيخ جي مبينا قتل ۽ قاتلن جي گرفتاري لاءِ اسپتال ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي ڊپٽي ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ ڊاڪٽر محمد امين خاصخيلي، ڊاڪٽر مجاهد جروار، ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ چانهيو، ڊاڪٽر اعظم قائمخاني، ڊاڪٽر پيشم ڪمار، ڊاڪٽر اسد علي مهر، ايوب ڪلوئي ۽ ٻين واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو ته مٺي جي سرڪاري اسپتال ۾ پيش آيل واقعي کي هو قتل سمجهن ٿا. هنن چيو ته اسپتال ۾ ڊاڪٽرن ۽ ٻين عملي جي روپ ۾ موجود ڪجهه ڪارين روپن ڊاڪٽر عبدالڪريم شيخ کي خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪيو جڏهن ته هنن سوال اٿاريو ته موت کان اڳ ڊاڪٽر عبدالڪريم کهڙي اذيت مان گذريو هوندو. مظاهرين سنڌ حڪومت، صوبائي وزير صحت، ڊي جي هيلٿ ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ڊاڪٽر عبدالڪريم شيخ جي قتل ۾ ملوث ظاهر ۽ لڪل سڀني عنصرن کي بي نقاب ڪري گرفتار ڪيو وڃي ۽ مقتول ڊاڪٽر جي خاندان سان انصاف ڪيو وڃي.

ڊگهڙي: ڊپٽي ايم ايس ڊاڪٽر محمد امين خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

لاڙڪاڻو پوليس پاران مبينا مقابلي ۾ 03 ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار، هٿيار، ڦريل موٽر سائيڪل ۽ موبائل فون هٿ

لاڙڪاڻو (اي پي پي) لاڙڪاڻو پوليس مبينا مقابلي ۾ 03 ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري هٿيار ڦريل موٽر سائيڪل ۽ موبائل فون هٿ ڪري ورتي آهي تفصيل مطابق وليد ٿاڻي جي حد ۾ آريجا ڦيڙهو روڊ واري علائقي ۾ گشت تي موجود پوليس ۽ 03 ڦورو آمهون سامهون ٿي ويا. ٻنهي طرفن کان فائرنگ جي نتيجي ۾ 03 ڦورن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جن وٽان 03 پسٽل، ڦر ڪيل موٽر سائيڪل ۽ موبائل فون هٿ ڪئي وئي، آهي ايس ايس پي لاڙڪاڻو موجب زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيل ڦورن جي سڃاڻپ رفيق چنجڻي، نادر عرف اڄي ڪلهوڙو ۽ ارسلان ڪلهوڙو جي نالن سان ٿي آهي. ايس ايس پي لاڙڪاڻو جي شروعاتي ڄاڻ موجب ڄاڻايل ڦورو شهر اندر ٿيل وارداتن/ سنگين نوعيت جي ڪيسن ۾ ملوث آهن. ڄاڻايل ڦورن جو وليد ٿاڻي جي حد اندر انڊسٽريل ايريا ۾ شهري اشرف سانگي کي ڌاڙي دوران زخمي ڪرڻ واري واردات، ميروخان چوڪ واري علائقي مان ڌاڙي جي واردات، نيو بس ٽرمينل جاويد جنرل اسٽور واري واردات، شيخ زيد واري علائقي مان

آسرا خلق ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران ٻارڙن لاءِ آرٽ سرگرمي

پرائمري اسڪول سيد بچل شاهه ۾ ٻارڙن کي آرٽ ۽ ڊيزائن جي بابت سکيا

سرگرمين جو مقصد غريب ۽ بي پهچ ٻارن جي منهن تي مرڪ آڻي سگهجي: اڳواڻ

ٽنڊوڄام (ت ر) ٽنڊوڄام جي يوسف سانوڻ خان گوپانگ ڪان اسڪول سيد بچل شاهه ۾ نوجوانن جي سماجي تنظيم آسرا خلق ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران ٻارڙن لاءِ آرٽ سرگرمي جو منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ اسڪولي ٻارڙن کي آرٽ ۽ ڊيزائن جي بابت سکيا ڏني وئي جڏهن ته ٻارڙن ۾ اسڪولي بوٽ، ڪاپيون ۽ ٻيو سامان پڻ ورهايو ويو انهي موقعي تي رابعه چانڊيو، سينگار چانڊيو، ڪائنات منگي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان نوجوان پنهنجي مدد پاڻ تحت اسڪولي ٻارڙن ۾ ضرورت شيون ورهائڻ جو سلسلو شروع ڪيو آهي جنهن جو مقصد غريب ۽ بي پهچ ٻارن جي منهن تي مرڪ آڻي سگهجي. هنن چيو ته سرندي وارا ماڻهو اهڙين سرگرمين ۾ حصو وٺن ته جيئن وڌ کان وڌ غريب ٻارڙن جي مدد ڪري سگهجي

ڪراچي کان راولپنڊي ويندڙ مسافر ريل گاڏي پٽڙي تان لهي وئي

ريلوي پوليس محرابپور ۽ مقامي ريلوي عملو واقعي واري هنڌ تي پهچي ويو

واقعي سبب ريل گاڏي ۾ سوار عورتن ۽ ٻارڙن تڪليف ۽ پريشاني جو منهن ڏٺو

محرابپور (ت ر) محرابپور ۾ ڪراچي کان راولپنڊي ويندڙ مسافر ريل گاڏي پاڪستان ... کان محرابپور لاءِ رواني ٿي چڪي آهي واقعي سبب ريل گاڏي ۾ سوار عورتن

سنجر چانگ ۾ شيعه علماءِ ڪائونسل جي احتجاجي ريلي

آيت الله خامنائي کي شهيد ڪرڻ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

امام حسين عليه السلام يزيد جي بيعت نه ڪئي پنهنجو سر ڪٽائي ڇڏيو پر سر نه جهڪايو: اڳواڻ

سنجرچانگ (ن ع) سنجر چانگ ۾ شيعه علماءِ ڪائونسل جي اڳواڻن سهراب علي سولنگي شوڪت علي خاصخيلي شير محمد رند عزيز الله ڊيشڪ معاذن علي رند عبداللطيف رند محمد شريف رند جي اڳواڻي ۾ ايران تي حملا ڪرڻ ۽ ايراني سپريم ليڊر آيت الله خامنائي کي شهيد ڪرڻ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي سخت نعريبازي ريلي بعد نماز جمعه مرڪزي امام بارگاهه سنجرچانگ کان شهر مان ٿيندي مين چوڪ چمبڙ ناڪي تائين ڪڍي وئي، امريڪا ۽ اسرائيل خلاف سخت نعريبازي ڪري لعنتون ڏنيون ويون جڏهن ته ايران زنده باد زنده باد جا نعرا هنيا ويا، ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته پاڪستان ۾ حسينيت زنده آهي حسيني به زنده آهن امام حسين عليه السلام يزيد جي بيعت نه ڪئي پنهنجو سر ڪٽائي ڇڏيو پر سر نه جهڪايو اسان به حسيني آهيون پنهنجا سر ڪٽائي ڇڏيندا سون پر ڪافرن اڳيان پنهنجو سر نه جهڪائيندا سين اسان اڄ به ايران سان گڏ آهيون

سنجر چانگ: آيت الله خامنائي کي شهيد ڪرڻ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

ڏکي انسانيت جي خدمت ڪرڻ سان قلبي سڪون ملندو آهي: جلال الدين پٽي

غريب ۽ نادار خاندانن جي مالي مدد ۽ ڇوڪرين کي جهيز جي فراهمي لاءِ ڪم ڪيو پيو وڃي

رمضان المبارڪ جي ڏينهن ۾ مستحق خاندانن ۾ راشن بيگ ۽ عيد جا تحفا پڻ ورهايا پيا وڃن

سکر (بيورو رپورٽ) جونا ڳوٺ يونائيٽڊ جماعت پاڪستان سکر جي صدر جلال الدين پٽي چيو آهي ته ڏکي انسانيت جي خدمت ڪرڻ سان قلبي سڪون ملندو آهي ۽ الله تعاليٰ جي رضا حاصل ٿيندي آهي. جونا ڳوٺ يونائيٽڊ جماعت سکر پاران مستحق ماڻهن جي فلاح ۽ ڀلائي سميت غريب ۽ نادار خاندانن جي مالي مدد ۽ ڇوڪرين کي جهيز جي فراهمي لاءِ ڪم ڪيو پيو وڃي.هن خيالن جو اظهار هن ڳالهه ڪندي ڪيو ته گذريل ڏينهن جونا ڳوٺ يونائيٽڊ جماعت پاران بن مستحق ڇوڪرين جي شاديءَ لاءِ جهيز ورڇ تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو تقريب ۾ جونا ڳوٺ يونائيٽڊ جماعت سکر جي ملڪ، پريس ترجمان نذير خان، فنانس سيڪريٽري اشفاق ملڪ سميت ٻيا ميمبر ۽ معزز شهري موجود هئا.تقريب جي شرڪت ڪندڙن ڇوڪرين جي پيءُ کي جهيز ڏيندي دعا ڪئي ته الله پاڪ ڇوڪرين جي نصيب کي سلو ڪري. جونا ڳوٺ يونائيٽڊ جماعت پاڪستان سکهر جي صدر جلال الدين پٽي وڌيڪ چيو ته جماعت پاران رمضان المبارڪ جي ڏينهن ۾ مستحق خاندانن ۾ راشن بيگ ۽ عيد جا تحفا پڻ ورهايا پيا وڃن. جڏهن ته شهر جي تجارتي مرڪز ۾ اجتماعي ڏهه ڏينهن واري افطاريءَ جو هر سال انتظام ڪيو ويندو آهي.هن جو چوڻ هو ته اسان هميشه ڏکي انسانيت جي خدمت ڪئي آهي ۽

سنڌ يونيورسٽيءَ جي بيورو آف اسٽئگس طرفان شاگردن کي دعوت

ڄامشورو (پ ر) سنڌ يونيورسٽيءَ جي بيورو آف اسٽئگس طرفان شاگردن کي ڇهين انٽرنيشنل اسٽوڊنٽ ڪنوينشن اينڊ ايڪسپو 2026ع ۾ شرڪت جي دعوت ڏني وئي آهي جيڪو 3 کان 6 مئي 2026ع تائين اسلام آباد ۾ منعقد ٿيندو ان سلسلي ۾ بيورو آف اسٽئگس پاران جاري ڪيل سرڪيولر موجب پاڪستان جي مختلف يونيورسٽين جا شاگرد هن عالمي سطح جي تقريب ۾ پنهنجي قابليت، تخليقيت، جدت ۽ علمي مهارتن جو مظاهرو ڪندا. شاگردن لاءِ مختلف مقابلا پڻ منعقد ڪيا ويندا. يونيورسٽي انتظاميا سمورن شعبن ۽ ادارن کي هدايت ڪئي آهي ته هو شاگردن تائين اها ڄاڻ پهچائين نوٽيس بورڊن ۽ سرڪاري سوشل ميڊيا چئنلن ذريعي سرڪيولر جاري ڪن ۽ دلچسپي رکندڙ شاگردن کي آن لائين رجسٽريشن لاءِ همٿائين ان سلسلي ۾ وڌيڪ ڄاڻ لاءِ شاگرد آن لائين رجسٽريشن ڪري سگهن ٿا، جڏهن ته لاڳاپيل شعبن کي پڻ هدايت ڪئي وئي آهي

ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ جي حڪمن تي پوليس جون ڪامياب ڪارروايون جاري،ڦر ٿيل موٽر سائيڪل ۽ موبائل فون هٿ

لاڙڪاڻو/قمبر شهدادڪوٽ (اي پي پي) ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ حسن رضا احمد خان نيازي جي حڪمن تي قمبر سٽي ٿاڻي جي پوليس جون ڪامياب ڪارروايون جاري آهن ان سلسلي ۾ ڪالهه پوليس تازي ڪارروائي ۾ ڦر ٿيل موٽر سائيڪل ۽ موبائل فون هٿ ڪري اصل مالڪن حوالي ڪيون ويون ايس ايڇ او ٿاڻو قمبر سٽي انسپيڪٽر انور علي ابڙو ۽ ساٿين ڇاپا مار ڪارروائي ۾ شهري نجيب الرحمان بروهي جي چوري ٿيل موٽر سائيڪل هٿ ڪري مالڪ حوالي ڪري ڇڏي آهي

پ پ اڳواڻ رئيس لکي محمد رند عمره جي سعادت ماڻي ڏيهه پهتو

ڪراچي ايئرپورٽ پهچڻ تي شاندار استقبال ڪري گلن جا هار پارايا ويا

هر سال الله جي گهر جو ديدار نصيب ٿئي ٿو اها وڏي نعمت آهي: رئيس لکي محمد رند

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) پ پ ضلع ٽنڊوالهيار رئيس لکي محمد رند عمره جي سعادت ماڻڻ بعد ڏيهه پهچي ويو آهي، رئيس لکي محمد رند، سندس فرزند علي محمد رند ۽ ٻين جي ڪراچي ايئرپورٽ پهچڻ تي شاندار استقبال ڪري گلن جا هار پارائي پٽيون نڇاور ڪيون ويون. ان موقعي تي رئيس لکي محمد رند چيو ته هر سال الله جي گهر جو ديدار نصيب ٿئي ٿو اها وڏي نعمت آهي، منهنجي دعا آهي ته هر مومن کي الله جي گهر ۽ ملي محمد صه جي در جو ديدار نصيب ٿئي آمين.

حيدرآباد رئيس لکي محمد رند کي عمره جي سعادت ماڻڻ تي هار پارايا پيا وڃن

پاڪستان ريلوي پريم يونين جا اڳواڻ شهيد ملازمن جي وارثن وٽ پهتا

غريب ملازمن کي ڪيستائين پنهنجن سائين جون لاشون ڪنڌي رهڻو پوندو!: خير محمد تنيو

اڪثر اهو چئي دامن ڇڏائي ڇڏيو آهي ته هو "ڪچو ملازم" هو ۽ ادارو سندس مدد نٿو ڪري سگهي

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان ريلوي پريم يونين (سي بي اي) جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل خير محمد تنيو پريم يونين سکر ڊويزنل صدر اختر علي عباسي ۽ ٻين پريم يونين سکر ڊويزن جي ذميوارن سان گڏ گذريل ڏينهن شاليمار ايڪسپريس حادثي ۾ ريلوي ملازم ۽ مزدور ٻانهن نذير شاهه جيڪو شهيد ٿي ويو هو ان جي لواحقين سان ملاقات ڪئي ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي پريم يونين جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل خير محمد تنيو چيو ته لاڪا روڊ جي ويجهو پيش آيل 27 اپ شاليمار ايڪسپريس جي حادثي ۾ پاڪستان ريلوي جي ٽريڪ مشين جو معاون نذير شاهه فوت ٿي ويو. مرحوم ان وقت ڊيوٽي تي موجود هو ۽ اطلاع موجب سامان کڻي واپس اچي رهيو هو ته حادثو پيش آيو. ٻڌايو پيو وڃي ته گاڏي لوپ لائن ۾ بيٺل هئي ته پوئتي کان ايندڙ شاليمار ايڪسپريس جي ٽڪر جي نتيجي ۾ هي افسوسناڪ واقعو پيش آيو

رسي ڪرڻ وارو ڪو به ڳوڙها ڳاڙيندڙ ناهي اهي ڏوپ، برسات ۽ خطرناڪ حالتن ۾ به پنهنجا فرض نڀائيندا آهن پر جڏهن ڪو حادثو ٿئي ٿو ته اڪثر اهو چئي دامن ڇڏائي ڇڏيو آهي ته هو "ڪچو ملازم" هو ۽ ادارو سندس مدد نٿو ڪري سگهي.ڪانٽريڪٽ ملازم جي حادثاتي موت يا بيماريءَ ۾ پرائيويٽ ڪمپنيون به داد رسي ۽ مالي امداد ڪنديون آهن. شهيد نذير شاهه 15 سالن کان خدمتون سرانجام ڏئي رهيو هو سندس حق آهي ته شهيد جي مالي امداد ٿيڻ گهرجي. مان وزيراعظم پاڪستان، وفاقي وزير ريلوي، چيئرمين ريلوي، سي اي او ريلوي کان پرزور مطالبو ڪريان ٿو ته اهڙن محنت ڪندڙن کي اڪيلو نه ڇڏيو جيڪي ماڻهو ادارن جي خدمت ڪندي پنهنجي جان وڃائي ويهندا آهن انهن جي خاندانن جي ڪفالت رياست ۽ ادارو ٻنهي جي اخلاقي ۽ انساني ذميواري آهي. سندس بيوه ۽ ٻارن لاءِ تاحيات رهائش جو بندوبست ڪيو وڃي ۽ سندس

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هيءَ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پبلوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڏيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اڱارو 17 مارچ 2026ع

وچ اوڀر ۾ وڌندڙ جنگ ۽ عالمي امن لاءِ خطرا

آمريڪا ۽ اسرائيل طرفان ايران خلاف جاري فوجي ڪارروايون نه رڳو علائقي جي صورتحال کي ڳنڀير بڻائي ڇڏيو آهي، پر ان جا اثر عالمي سياست، معيشت ۽ توانائيءَ جي منڊي تائين پهچڻ لڳا آهن. جنگ جي سترهين ڏينهن جي صورتحال اها آهي جو ايران، اسرائيل، لبنان، عراق ۽ ٻار وارن ملڪن تائين ڇڪتاڻ جو دائرو وڌي ويو آهي. جيڪڏهن هن تڪرار کي فوري طور تي روڪڻ لاءِ سنجيده سفارتي ڪوششون نه ڪيون ويون ته اهو بحران هڪ وڏي علائقائي جنگ ۾ تبديل ٿي سگهي ٿو. تازين رپورٽن موجب اسرائيل طرفان ايران جي گاديءَ واري شهر تهران تي ٻيهر فضائي حملن جي لهر شروع ڪئي وئي آهي، جنهن ڪان پوءِ ايراني فضائي دفاعي نظام به متحرڪ ٿي ويو ۽ مبينا دشمن هدفن کي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ايران اڳ ئي آمريڪا ۽ اسرائيل جي ڪارروائين کي جارحيت قرار ڏيندي خبردار ڪري چڪو آهي ته جيڪڏهن حملا جاري رهيا ته ان جا جواب به سخت هوندا. اهڙي صورتحال ۾ خطي جي امن بابت خدشا وڌيڪ وڌي رهيا آهن.

هيءَ ڇڪتاڻ رڳو ايران ۽ اسرائيل تائين محدود نه رهي آهي پر خليجي ملڪن تائين به پکڙجڻ لڳي آهي. دبئي ايئرپورٽ ڀرسان ڊرون سان لاڳاپيل واقعي کان پوءِ فيول ٽينڪ وٽ باهه لڳڻ ۽ فجيره جي صنعتي علائقي ۾ ڊرون حملي جون خبرون ظاهر ڪن ٿيون ته خليجي خطو به هن بحران جي اثرن کان محفوظ ناهي رهيو. خليج دنيا جي توانائي فراهميءَ جو اهم مرڪز آهي، تنهنڪري هتي ڪنهن به قسم جي افراتفري عالمي معيشت تي سڌو اثر وجهي سگهي ٿي. ٻئي طرف آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پڻ صورتحال کي وڌيڪ سنجيده بڻائيندڙ بيان ڏنا آهن. هن چيو آهي ته جيڪڏهن اتحادي ملڪ آبنائي هرمز کي کليل ۽ محفوظ رکڻ لاءِ آمريڪا جي مدد نه ڪندا ته نيٽو اتحاد جو مستقبل خطري ۾ پئجي سگهي ٿو. سندس بيان واضح ڪري ٿو ته آمريڪا هن بحران کي صرف علائقائي مسئلو نه پر عالمي معاملي طور پيش ڪري رهيو آهي. آبنائي هرمز دنيا جي سڀ کان اهم سامونڊي واپاري گذرگاهن مان هڪ آهي، جتان عالمي تيل جو وڏو حصو مختلف ملڪن تائين پهچي ٿو جنهن کي ايران امريڪا ۽ ان جي اتحادي ملڪن لاءِ مڪمل طور بند ڪري ڇڏيو آهي. ٽرمپ طرفان مختلف ملڪن جهڙوڪ ڏکڻ ڪوريا، جاپان، برطانيا، فرانس ۽ چين کي اپيل ڪئي وئي آهي ته هو پنهنجا جنگي ٻيڙا هن علائقي ۾ موڪلين، جيئن تيل جي رسد کي محفوظ بڻائي سگهجي. بهرحال هن اپيل کي عالمي سطح تي گهڻو مثبت ردعمل نه مليو آهي. اطلاعن موجب فرانس، برطانيا، جاپان ۽ آسٽريليا هن درخواست کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي. انهيءَ محتاط ردعمل مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڪيترائي ملڪ هن تڪرار ۾ سڌيءَ طرح شامل ٿيڻ کان پاسو ڪرڻ چاهين ٿا. انهيءَ دوران آمريڪا لاءِ به هي جنگ مالي لحاظ کان ڳري ثابت ٿيڻ لڳي آهي. وائٽ هائوس جي نيشنل اڪنامڪ ڪائونسل جي ڊائريڪٽر موجب ايران خلاف جاري فوجي ڪارروائين تي هيستائين لڳ ڀڳ ٻارهن ارب ڊالر خرچ ٿي چڪا آهن. جنگ جي شروعاتي هفتي ۾ ئي پنج ارب ڊالر کان وڌيڪ خرچ ٿيڻ جو انڪشاف ڪيو ويو آهي. اهڙي وڏي فوجي خرچ سان آمريڪا اندر به بحث شروع ٿي ويو آهي ته ڇا هيءَ جنگ ڊگهي عرصي تائين جاري رکڻ ممڪن هوندي. ساڳئي وقت لبنان ۾ به صورتحال انتهائي ڳنڀير ٿي وئي آهي، جتي اسرائيلي فوج حزب الله خلاف محدود زميني ڪارروايون شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. ڏکڻ لبنان جي اهم شهر خيام ۽ ان جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ شديد ويڙهه جون خبرون اچي رهيون آهن. عرب ميڊيا مطابق اسرائيلي جهازن شهر تي ڪيترائي فضائي حملا ڪيا آهن، جڏهن ته ٻين ڪيترن ئي علائقن کي به نشانو بڻايو ويو آهي. هن تڪرار جي نتيجي ۾ وڏي پيماني تي آباديءَ جي لڏپلاڻ جاري آهي ۽ لڳ ڀڳ اٺ لک ماڻهو پنهنجا گهر ڇڏڻ تي مجبور ٿي چڪا آهن لبنان ۾ جاري حملي سبب جاني نقصان به وڌي رهيو آهي رپورٽن مطابق هن وقت تائين گهٽ ۾ گهٽ 850 ماڻهو حياتيون وڃائي چڪا آهن جن ۾ عورتون ۽ ٻار به شامل آهن. اهڙي انساني الميي سبب عالمي برادريءَ تي اخلاقي ذميواري عائد ٿئي ٿي ته اها تڪڙن بنيادن تي جنگ بندي لاءِ ڪردار ادا ڪري. اسين سمجهون ٿا امن ۽ استحڪام جو واحد رستو ڳالهين ۽ سفارتڪاري مان گذري ٿو جنگ هميشه تباهي، انساني الميي ۽ معاشي بحرانن کي جنم ڏيندي آهي، جڏهن ته ڳالهين ذريعي مسئلن جو حل پائيدار ۽ فائديمند ثابت ٿيندو آهي. تنهنڪري عالمي برادريءَ کي گهرجي ته وچ اوڀر ۾ وڌندڙ هن خطرناڪ تڪرار کي روڪڻ لاءِ گڏيل ۽ سنجيده ڪوششون ڪري جيئن خطي کي وڌيڪ تباهيءَ کان بچائي سگهجي.

Echoes of History

ڪجهه لمحا، ڪجهه تصويرون هڪ پوري دور جو عڪس هونديون آهن. هيءَ تصوير پڻ ماضيءَ جي اُن شاندار سياسي وابستگيءَ جو ثبوت آهي جيڪا عوامي دلين تي راڄ ڪندڙ ذوالفقار علي ڀٽو جي وساڻ هائوس جي دوري دوران ورتي وئي هئي، جنهن ۾ ڪي بي غلام محمد وساڻ خاندان جي ناميارن سياسي شخصيت مرحوم رئيس حاجي غلام علي خان وساڻ نظر اچي رهيا آهن. تصوير ۾ سنڌ جو اڳوڻو وڏو وزير جام صادق علي خان پڻ بيٺل آهي، هيءَ تصوير علائقي جي سياسي تاريخ جو هڪ اهم لمحو ظاهر ڪري ٿي جيڪو وساڻ خاندان ۽ پاڪستان جي سياسي قيادت جي وچ ۾ ويجهي لاڳاپي کي اجاگر ڪري ٿو. مرحوم رئيس حاجي غلام علي خان وساڻ جون سياسي ۽ سماجي خدمتون هميشه عزت، احترام ۽ قدر جي نگاهه سان ياد ڪيون وينديون.

زبيده ڪاليج جي زبيله

ورهاڱي کان پوءِ حيدرآباد شهر ۾ نياڻين جي تعليم لاءِ ڌار ڪاليج جي سخت ضرورت محسوس ٿيڻ لڳي. هندستان ۽ پاڪستان جي ورهاڱي کان پوءِ شهر جي آباديءَ ۾ تيزي سان واڌ ٿي، جنهن سبب شاگردن ۽ خاص ڪري شاگرديائين جو انگ به وڌي ويو. ان صورتحال کي نظر ۾ رکندي سنڌ جي صوبائي حڪومت حيدرآباد ۾ نياڻين لاءِ هڪ الڳ ڪاليج قائم ڪرڻ جي منظوري ڏني. هن ڪاليج جو سنگ بنياد سنڌ جي ان وقت جي گورنر حبيب ابراهيم تولا جي دور ۾ رکيو ويو، جيڪو 12 ڊسمبر 1953ع کان 23 جون 1954ع تائين سنڌ جو گورنر رهيو. ڪاليج جي پيڙهه جو پٿر سندس گهرواري محترمه زبيده بيگم کان رکرايو ويو ۽ ڪاليج جو نالو به سندس نالي سان منسوب ڪيو ويو. هن ڪاليج ۾ 1955ع کان باقاعدي تعليم جو سلسلو شروع ٿيو. وڌيڪ معلومات لاءِ ٻڌائڻ ضروري آهي ته هي ڪاليج هڪ خوبصورت ٽڪريءَ تي تعمير ٿيل آهي، جتان اوڀر پاسي جو دلڪش منظر ڏسڻ وٽان هوندو هو. تاريخي طور تي هتي ان کان اڳ جنرل جان جيڪب (1812ع - 1858ع) جو ٺهرايل به منزلو بنگلو موجود هو، جيڪو هن 1852ع ڌاري تعمير ڪرايو هو. جنرل جان جيڪب جي وفات کان پوءِ اهو بنگلو ڪجهه وقت خالي رهيو، بعد ۾ مير نور محمد خان ٽالپر جي خاص وزير ۽ صلاحڪار مرزا ٻڍل بيگ اهو بنگلو خريد ڪيو، پر پوءِ مير نور محمد خان ٽالپر مرزا صاحب لاءِ ٽنڊي ۾ الڳ بنگلو تعمير ڪرائي ڏنو ان کان پوءِ پاڪستان حڪومت اهو پلاٽ حاصل ڪري هتي هڪ عاليشان تعليمي اداري جي تعمير ڪرائي وقت سان گڏ هن ڪاليج کي وڌيڪ ترقي ملي ۽ هاڻي هتي پوسٽ گريجوئيٽ ڪلاسون پڻ هلن ٿيون. هي ڪاليج نياڻين لاءِ هڪ اهم تعليمي مرڪز جي حيثيت رکي ٿو. (الطاف صديقي)

ايران جي جنگ ۽ آمريڪا مان اُٿندڙ سوال، اسان آخر ڪنهن جي جنگ وڙهي رهيا آهيون؟

راجا زاهد اختر خانزاده

مارچ جي هن ٻي چين فضا ۾ واشنگٽن، تهران ۽ تل ابيب جي وچ ۾ رڳو ميزائيلن ۽ جنگي جهازن جو آواز ئي نٿو گونجي. هاڻي لڳي ٿو ته جنگ صرف ٽينڪن ۽ ميزائيلن تائين محدود نه رهي آهي لفظ به بارود بڻجي ويا آهن ۽ بيان گولين وانگر فضا ۾ گردش ڪري رهيا آهن خبر پاڻ هڪ محاذ بڻجي وئي آهي، جتي سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾ نئين جنگ وڙهي پئي وڃي اڄ جي جنگ صرف ميدانن ۾ نه پر سچ جي معنائن کي بدلائڻ به وڙهي پئي وڃي دنيا گهڻي عرصي تائين آمريڪا کي هڪ اهڙي رياست طور ڏسندي رهي آهي جتي طاقتور کان طاقتور صدر به آئين جي دروازي تي اچي بيهي رهندو آهي جتي صحافت رڳو پيشو نه پر هڪ آئينو آهي اهڙو آئينو جنهن ۾ رياست پاڻ کي ڏسي ٿي.

پر ايران خلاف جاري هن جنگ ان تصوير ۾ هڪ عجيب بي چيني پيدا ڪري ڇڏي آهي اهڙي بي چيني جيئن ڪا طاقتور رياست پاڻ پنهنجي ئي عڪس کان گهٻرائجي وئي هجي شايد هيءَ پهريون ڀيرو آهي جو آمريڪا مان ايران خلاف جاري جنگ بابت اهڙا آواز بلند ٿي رهيا آهن جيڪي صاف لفظن ۾ چئي رهيون آهن ته هيءَ اصل ۾ آمريڪا جي جنگ ناهي پر اسرائيل جي جنگ آهي ۽ اسرائيل هن تڪرار ۾ آمريڪا کي استعمال ڪري رهيو آهي ليڪن جو جوڳ آهي ته هن ڀيري آمريڪي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ "America First" جو نعرو پوئتي هٽي ويو آهي ۽ ان جي جاءِ تي "Israel First" جو تاثر اڀرندو نظر اچي رهيو آهي ٻئي طرف تهران جو موقف به واضح آهي ايراني اختيارين جو چوڻ آهي ته آمريڪا هڪ طرف ڳالهين جي دعوت ڏيندو رهيو ۽ ٻئي طرف ساڳئي وقت حملن جو سلسلو جاري رکيو انهن جي مطابق هيءَ پهريون ڀيرو ناهي جو سفارتڪاري ۽ بمباري هڪ ئي وقت هلندي رهي آهي ايران جو چوڻ آهي ته ان جي جنگ آمريڪي عوام سان ناهي، بلڪ هو صرف پنهنجي دفاعي موقف تي قائم آهي ۽ ان موقف تان پوئتي هٽڻ جو ڪو ارادو نٿو رکي پر جنگ جي هن شور ۽ الزام لڳائڻ واري سلسلي جي هجوم ۾ هڪ ٻيو آواز به سامهون آيو آهي ۽ اهو آهي آمريڪي سياسي مبصر ۽ صحافي ٽڪر ڪارلسن جو.

ڪارلسن هڪ وڊيو بيان جاري ڪيو آهي، جنهن واشنگٽن جي سياسي ماحول ۾ هلچل پيدا ڪري ڇڏي آهي هن چيو آهي ته اسرائيل جو سڀ کان وڏو شهر تل ابيب سخت حملن جي ضد ۾ آهي ۽ جيڪڏهن جنگ ائين ئي وڌندي رهي ته حلتون اهڙي مقام تي پهچي سگهن ٿيون جتي اسرائيل پاڻ کي ايران خلاف ايٽمي هٿيار استعمال ڪرڻ جي ڪناري تي محسوس ڪري سگهي ٿو هيءَ رڳو فوجي خدشو نه هو پر انساني تاريخ جي سڀ کان وڏي خوف جو ذڪر هو ايٽمي جنگ رڳو هڪ ڌماڪي جو نالو ناهي هيءَ زمين جي زرخيز ٿيڻ جي خاتمي جو نالو آهي ايندڙ نسلن جي نصيب ۾ لکيل زخم جو نالو آهي جڏهن تابڪاري فضا ۾ پکڙجي ٿي ته سرحدون بي معنيٰ ٿيو وڃن هوا جي رُخ سان زهر هڪ شهر کان ٻئي شهر تائين پهچي ٿو انسان جي جمڙي، ڦڦڙن، اکيون ۽ رت سڀ ان زهر جي اثر هيٺ اچي وڃن ٿا اهو ئي منظر آهي جنهن جو تصور به انسانيت کي ڏڪائي ڇڏي ٿو پر هيءَ جنگ رڳو جنگ جي ميدان تي نه پر آمريڪا جي اندر فڪري ۽ صحافتي محاذ کي به لوڏي ڇڏيو آهي دلچسپ ڳالهه اها آهي ته اختلافن تي ٻڌل اهو آواز صرف هڪ سياسي ڌڙي تائين محدود ناهي رهيو آمريڪي صحافت جي مختلف نظرياتي حلقن مان هڪ ئي وقت سوال اڀرڻ لڳا آهن ڪجهه آواز لبرل ميڊيا مان اچي رهيا آهن ۽ ڪجهه اهي آهن جيڪي ڪڏهن صدر ٽرمپ جي ويجهو سمجهيا ويندا هئا اهي اختلاف اصل ۾ هڪ وڏي سوال جي علامت آهن: ڇا اها جنگ واقعي آمريڪا جي ضرورت آهي يا اهو اهڙو تڪرار آهي، جنهن ۾ واشنگٽن ڪنهن ٻئي جي جيوپوليٽيڪل خوابن جو بار کڻي رهيو آهي؟ انهن آوازن مان سڀ کان نمايان نالو ٽڪر ڪارلسن جو آهي، جيڪو فاڪس نيوز جو اڳوڻو ميزبان رهيو آهي ۽ هاڻي پنهنجي ڊجيٽل پليٽ فارم تي تبصرا ڪندو رهي ٿو هن چيو ته آمريڪا کي هڪ نئين وچ اوڀر جي جنگ ۾ ڌڪيو پيو وڃي، جنهن جا نتيجا نه صرف خطي پر سڄي دنيا لاءِ خطرناڪ ٿي سگهن ٿا.

ساڳي طرح آمريڪي صحافي ميگن ڪيلي، جيڪا فاڪس نيوز ۽ اين بي سي نيوز جي اڳوڻي سينيئر اينڪر رهي چڪي آهي، سوال اٿاريو ته ڇا آمريڪي فوجين کي ڪنهن ٻئي ملڪ جي مفادن لاءِ خطري ۾ وجهڻ دانشمندي آهي؟ قدامت پسند مبصر ميٽ والش به هن جنگ جي جواز تي سوال اٿاريا ڇڏيا آهن تحقيقي صحافي گلن گرين والڊ خبردار ڪيو ته جنگ جي ماحول ۾ حڪومتون معلومات تي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن ۽ اهو ئي صحافت جي اصل امتحان جو وقت هوندو آهي برطانوي ڄائي آمريڪي صحافي مهدي حسن مغربي ميڊيا جي ٻٽي معيار تي مسلسل سوال اٿاري رهيا آهن ايم ايس اين بي سي جي اينڪر ڪرس هيس هن جنگ کي اهڙو جيوپوليٽيڪل ٽڪر قرار ڏئي ٿو، جيڪو آمريڪا کي نئين دلدل ۾ ڌڪي سگهي ٿو.

سي اين اين جي عالمي معاملن جي تجزيا نگار فريد ذڪريا خبردار ڪري ٿو ته ايران سان سڌي جنگ عالمي طاقتن جي توازن کي متاثر ڪري سگهي ٿي ايم ايس اين بي سي جي ميزبان ريچل ميڊو جو چوڻ آهي ته جنگ جي ماحول ۾ ميڊيا کي خاموش ڪرائڻ جي هر ڪوشش جمهوريت لاءِ خطرو آهي سي اين اين جو سينئر اينڪر اينڊرسن ڪوپر هن جنگ جي انساني اثرن تي مسلسل رپورٽنگ ڪري رهيو آهي ۽ ٿامس ايل فريڊمين نيويارڪ ٽائيمز جو سينئر ڪالم نگار خبردار ڪري ٿو ته وچ اوڀر جي نئين جنگ عالمي نظام کي لوڏي سگهي ٿي اهي سڀ ئي آواز مختلف نظرياتي پسمنظر رکن ٿا پر انهن سڀني وچ ۾ هڪ گڏيل سوال موجود آهي ته: جنگ جي هن شور ۾ آمريڪا جي اصل ترجيح ڇا آهي؟ ان دوران آمريڪي ميڊيا جي وڏي اداري سي اين اين هڪ دلچسپ رپورٽ شايع ڪئي، جنهن جو عنوان هو: "Seven Reasons Why Trump Hasn't Won the Iran War."

هن رپورٽ ۾ ست نقطا پيش ڪيا ويا. پهريون نقطو اهو ته فوري فتح جو تصور غلط ثابت ٿيو واشنگٽن کي اميد هئي ته ايران جي قيادت ڪمزور ٿي ويندي پر ائين نه ٿي سگهيو آهي ٻيو نقطو آبناءِ هرمز جو بحران آهي جيڪڏهن دنيا جي سڀ کان اهم توانائي گذرگاهه غير محفوظ ٿي وڃي ته فتح جي دعويٰ بي معنيٰ ٿي وڃي ٿي ٽيون نقطو ايران ۾ قيادت جي تبديلي نه ٿيڻ جو ٿون نقطو آمريڪا ۽ اسرائيل جي مقصدن ۾ فرق پنجون نقطو عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن ۾ ٿيندڙ واڌ ڇهون نقطو ايران جي جوهري پروگرام جو مڪمل خاتمو نه ٿيڻ ۽ ستون نقطو شايد سڀ کان اهم هو واضح فتح جو بيانيو موجود ناهي

ان دوران عالمي معيشت به هن جنگ سبب لڏي وئي آهي تيل جون قيمتون وڌي رهيون آهن. اسٽاڪ مارڪيٽن ۾ ارڀين ڊالرن جو قدر گهٽجي چڪو آهي ايران اهو اشارو به ڏنو آهي ته شايد تيل جي واپار ڊالر بدران چيني ڪرنسي يوآن ۾ ڪئي وڃي جيڪڏهن ائين ٿيو ته اهو عالمي مالي نظام لاءِ وڏو ڌڪ ٿي سگهي ٿو آمريڪا جا اسٽريٽجڪ آئل ذخيرا به ڪيترن ڏهاڪن جي گهٽ ترين سطح تي پهچڻ جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن ۽ جنگ کي صرف ٻه هفتا ٿي ٿيا آهن هوڏانهن ٽرمپ انتظاميه جنگ تي تنقيدي رپورٽنگ ڪندڙ ميڊيا ادارن کي خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن انهن مبينه طور غلط معلومات نشر ڪئي ته سندن نشرياتي لائسنس معطل ٿي سگهن ٿا. صدر ٽرمپ پنهنجي اتحادي ملڪن چين، فرانس، جاپان، ڏکڻ ڪوريا ۽ برطانيا کان خطي ۾ جنگي ٻيڙا موڪلڻ جي اپيل ڪئي پر جواب ٿڌو هو چين جنگ بندي جو مطالبو ڪيو فرانس انڪار ڪيو جاپان خاموش رهيو ڏکڻ ڪوريا ڪو واعدو نه ڪيو ۽ سوئٽزرلينڊ ته غيرجانبداريءَ جي قانون جو حوالو ڏئي آمريڪي فوجي پروازن کي پنهنجي فضائي حدون استعمال ڪرڻ کان به روڪي ڇڏيو اهو سڀ ڪجهه انهيءَ ڳالهه جي نشاني آهي ته جنگ صرف ميدان ۾ نه پر سفارتي تنهائي جي ميدان ۾ به وڙهي پئي وڃي تاريخ اسان کي ٻڌائي ٿي ته جنگيون صرف بندوقن سان نه کٽيون وينديون آهن

جنگيون رڳو هٿيارن سان نه کٽيون وينديون آهن اهي بيانئي سان کٽيون وينديون آهن اهي معيشت جي طاقت سان کٽيون وينديون آهن ۽ سڀ کان وڌ عوام جي اعتماد سان کٽيون وينديون آهن پر جڏهن جنگ ڪندڙ رياست مان ئي ماڻهو سوال اٿارڻ لڳن، جڏهن عوام جي اڪثريت جنگ جي جواز کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏي، جڏهن اهو سوال گهٽين پارليامينٽن ۽ ميڊيا جي اسٽوڊيوز ۾ گونجڻ لڳي ته آخر اها جنگ ڪنهن جي آهي ۽ ان جي قيمت ڪير ڀريندو؟ تڏهن سمجهي وٺو ته مسئلو صرف سرحدن تائين محدود نه رهيو آهي تڏهن بحران رياست جي روح ۾ داخل ٿي چڪو هوندو آهي ۽ شايد اڄ آمريڪا به اهڙي ئي موڙ تي بيٺل آهي ايران سان اهو ٽڪر هاڻي اهڙي مقام تي پهچي ويو آهي جتي فتح جا نعرا ڏنڌلا ٿي وڃن ٿا ۽ رستا ڏنڊ ۾ گم ٿي وڃن ٿا. شايد اهي ئي لمحا آهن جڏهن تاريخ خاموش بيهي ڏسي ٿي ته طاقتور رياست به ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ئي ناهيل جنگين ۾ پنهنجو رستو وڃائي ويهندي آهي ۽ پوءِ هڪ سوال بار بار ذهنن ۾ اڀري ٿو: اسان آخر ڪنهن جي جنگ وڙهي رهيا آهيون؟ جڏهن ڪنهن رياست مان اهو سوال اڀرڻ لڳي ته بحران رڳو سرحدن تائين محدود نه رهندو، اهو رياست جي روح ۾ لهي ويندو.

ڍُهل وڄي دوسُو نچي ڪان ناني نچڻي تائين!

مير اعظم علي ٽالپر

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي مثال ۽ چوڻيون آهن جيڪي سمجهڻ واري لاءِ بطور هڪ اشارو آهن ۽ اُن ڪانپوءِ اهو سمجهدار آهي ڀهاڪا، چوڻيون ۽ مثال پڙهي ۽ ٻڌي ڳالهه کي سمجهي ويندو آهي. روزانو ڪنهن اخبار لاءِ ڪالم لکڻ ۽ لکڻ سان وري انصاف ڪري لکڻ انتهائي مشڪل ڪم آهي. اُن ڪانسواءِ هفتيوار ڪالم لکڻ به وڏو ڏجو آهي. اِها ته خبر هوندي اُن کي جيڪو لکڻ لاءِ پين هٿ ۾ کڻي اچي ته ڪارولکي ٿو. حالانڪ اڄڪلهه ڪاغذ ۽ پين جي ميلاپ واري تحرير جو زمانو موڪلائي ويو آهي ۽ جيڪو به ڪجهه لکڻ وارا لکن ٿا اهو سڀ ڪجهه ڪمپيوٽر جي اسڪرين تي لکن ٿا. البته ڪي چند باقي بچي ويل راقم جهڙا پين ۽ پني جي سهاري ڪاغذي گهوڙا ڊوڙائين ٿا. البته اِها خبر نه آهي ته اِهي باقي ٿورا رهجي ويل پين ۽ ڪاغذ جا محتاج ڪيستائين ائين لکندا رهندا؟ دنيا ۾ ڪجهه ماڻهو گهڻ عقل وارا هوندا آهن. جيڪي نوڪرين جي اشتهار ۾ ڏنل آساميءَ لاءِ ڪلارڪ ڪم ٽائيپسٽ لکيل هوندو آهي. اُن وانگر درويش ڪم جريا هوندا آهن. پر ڪنهن ڪي عقل جي ڪمزوري هوندي به اُن کي اخلاقي طرح سان درويش چيو ويندو آهي. هڪ اهڙوئي همراهه هو جيڪو اصل ۾ مال جو واپاري هو ۽ هُو پوري زندگي ٻڪر وڪڻندو ۽ وڪڻندو هو پر هڪ ڏينهن اتفاق سان اخبار ۾ ڪڏهن جو اشتهار ڏسي جيائين ته هاڻ آئون ٻڪر نه وڪڻندس، اهو نوڪر ٻڌي چيو ته چو سائين؟ مالڪ چيو اُن ۾ هاڻ اڳ وارو منافعو نه رهيو آهي. بس رڳو هڪ مقرر حساب جا پئسا ملن ٿا. اُنهن مان ڇا ٿيندو؟ ڇمار گذري وئي آهي، هتان وٽ هتان ڏي لڳي پئي آهي. هن جو خيال هو ته ڪڏهن جو ڪاروبار ڪندڙ ترقي ڪري ويا آهن ۽ سٺو فائدو آهي. سو سچو گهر ڪڏهن سان ڀري ڇڏيائين. جتان ڏينهن رت ڪڏهن جي هينگڻ جو آواز هينگ هينگان ٻڌڻ ۾ ايندو هو. آخرڪار ڪڏهن مان به همراهه کي فائدو نه پيو ته ڪنهن عقل جي اڪابر ڪيس مفت مشورو ڏنو ته تون تيل جو واپار ڪر ۽ اُن لاءِ پنهنجو گهاڻو لڳائي اُن کي اٽ يا ڏڳي جون اکيون ٻڌي هلائي ۽ گهڻو ڪمائيندين. چو ته تيل مٺو، تيل ڪڙو جام وڪائي ٿو هن همراهه نيٺ تيل ڪيڻ لاءِ گهاڻو لڳايو ۽ اُن ۾ اٺ کي ٻڌي واهڻ لڳو ۽ تيل به وڪامڻ لڳو پر سرنهن نه ملڻ تان عيد جي ڏينهن ۾ تيل نه نڪتو ۽ ڪنهن هن کان پڇيو ته ڀائو ڏي خبر تو وارو گهاڻو ڪيئن پيو هلي، جيائين ادا ڪهڙيون ٿو خبرون پڇين. اصل 'عيد ئي تيل ٿي وئي' مطلب سوال ڪرڻ واري پڇيو هن جواب ۾ چيو ته سرنهن اڻ لڀ ٿيڻ ڪري گهاڻو منهنجو تيل ڪڍي رهيو هو.

بهرحال اِها ته هڪ ڳالهه هئي پر دراصل هن سال گهڻن جي عيد تيل جي ڪري تيل ٿي وئي آهي. سنڌي ۾ عام ڀهاڪو آهي ته 'چڱو ڏيءَ کي ته نُنهن کي ڪري' مطلب ته ڪجهه ڏيءَ کي چئُو ته پٽ جي زال نُنهن ڳالهه سمجهي وڃي. حالانڪ نُنهن کي سنئُون سڌو چوڻ جيڪو مناسب نه هوندو آهي. اهو ڌيءَ جي معرفت نُنهن تائين پيغام پهچائيو آهي. ڪجهه ڏينهن کان وٺي اسرائيل، ايران وايا امريڪا ٽيڪنيڪل جنگ ميزائلن واري هلندڙ آهي ۽ اُن جو وڏي ۾ وڏو اثر دنيا جي تيل واري گهاڻي تي پئجي ويو آهي. جنهن ملڪن جو خود تيل ڪڍي ڇڏيو آهي جنگ شروع ٿيڻ بغل وڄڻ شرط دنيا جي ٻئي ڪنهن ملڪ تيل جي ڪوٽ هٿڻ جي ڏانهن ۽ ڪوڪ نه ڪئي ۽ نه ئي وري ڪو اڳهه چاڙهيو. ايتري قدر ڏکڻ ايشيا جي ملڪن هندستان، بنگلاديش به تيل جي بحران جو نه ٻڌايو ۽ نه اگهه وڌايو پر پاڪستان سرڪار جي وزيراعظم تيل جي بحران، ذخيره اندوزي ۽ پمپ بند ٿيڻ کان بچڻ جي لاءِ ملڪ ۽ قوم جي مفاد خاطر تيل جو اگهه في ليٽر 55 روپيا چاڙهي ڇڏيو. ملڪ ۾ تيل جو اگهه في ليٽر 55 روپيا چڙهڻ سان گڏوگڏ وزيراعظم شهباز شريف درس بچت واري شاندار تقرير ارشاد فرمائي ۽ بچت جا سهٽا سُخن ٻڌايا. پر عين اُن وقت سندس پائيٽي ۽ وزيراعليٰ پنجاب مائي مريم لاءِ خريد ڪيل اربين وارو جهاز هتان ڪان لکين روپين جو تيل ٻري سندس پٽ جي ٻي شادي ڪرڻ ڪانپوءِ ڪنوار کي آسٽريا جي شهر ويانا هتي مون ملهائڻ لاءِ وٺي ويو آهي. ويانا شهر خوبصورت شهرن ۾ شمار ٿئي ٿو هڪ طرف ايران، اسرائيل ۽ آمريڪا جي جنگ جو پير تي ڏونڪو لڳڻ شرط پاڪستان ۾ تيل ائين مهانگو ڪيو ويو، جڻ خدا نخواسته جنگ پاڪستان سان ئي رهي هجي. هاڻ تيل نه تيل، پر ترن مان به تيل ڪيڻ وارو حال ٿي ويو آهي. زماني جي اُن بادشاهه وارو ڪم ٿي رهيو آهي، جيڪو مڙدن جا رڳو ڪفن لاهيندو هو پر پوءِ به عزت سان دفن ڪندو هو. پر جڏهن سندس پٽ تخت سنڀاليو ته هن ميت جو ڪفن لاهڻ سان گڏوگڏ ان کي وڌيڪ ذليل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. هن ته اهو به چيو ته ميت جا وار به لاهي ڇڏيو. ته جيئن ورن گهٽ ٿئي ۽ ڪلهوڙئي ڪڻ ۾ آساني ٿئي. هاڻ خبر ناهي ته ميت جا وار لاهڻ ڪانپوءِ مُڙدي جو وزن آخر ڪيترو گهٽ ٿيندو؟

پر تازو مٿان شاهي فرمان تحت سرڪاري ملازمن جي پگهارن مان جنگ جي ڪٽوتي ڪرڻ جو به اعلان ڪيو ويو آهي، خبر نه آهي ته اُن سان ملڪ ۽ قوم کي ڪهڙو فائدو ٿيندو. هڪ طرف تيل جو اگهه وڌڻ ۽ ٻئي طرف ملازمن جي پگهار مان ڪٽوتي ڪرڻ، اهڙو لڳي ٿو جڻ عوام کي جند ۾ پيڙهڻ يا گهاڻي ۾ وجهي عوام جو تيل ڪڍيو وڃي. خبر نه آهي اهڙا فيصلا ڪرڻ لاءِ ڪير ٿو مشورا ڏئي. جنهن سان عوام جو رت سخت چوسجي وڃي. اُن جي باوجود ڪجهه نه ٿيندو. اڄ اتفاق سان ڳالهه نڪتي هئي درويش ڪم جريو جي. امريڪا جو صدر ٽرمپ ڪهڙي ڪاٽي ۾ اچي ٿو اُن جي ڪا خبر نه آهي، پر سندس فيصلا به عجيب آهن. جيئن ڪجهه وقت اڳ هن روس کان تيل وٺڻ کان سخت منع ڪئي هئي، چو ته هو يوڪرين سان ويڙهه ڪري رهيو هو ۽ وري امريڪا يوڪرين جي حمايت ڪندڙ هو پر تازي صورتحال ۾ هاڻي امريڪا دنيا وارن کي روس کان تيل وٺڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي. جڏهن ته امريڪا کي اِها به خبر آهي ته روس موجوده لڙائي ۾ ايران جو حامي آهي. اُن سلسلي ۾ صدر ٽرمپ کان ڪنهن صحافي پُڇيو ته اِهو ڇا آهي؟ اُن تي ٽرمپ جواب ڏنو ته روس يوڪرين جو مخالف ۽ اُن سان جنگ ڪندڙ آهي ۽ اسان امريڪا وارا يوڪرين جا حامي آهيون ۽ ٻئي طرف اسان ايران جا مخالف ۽ اُن سان لڙائي ڪندڙ آهيون ته روس وري ايران جو حامي آهي. اُن سان حساب برابر آهي. هاڻ ٽرمپ عقل جو اڪابر آهي يا درويش ڪم جريو. ڪير فيصلو ڪري. البته ٽرمپ کي امن جو انعام نه مليو سو ته نه مليو پر هاڻ ڪيس عقل جي اڪابر هئڻ جو انعام ملڻ گهرجي. بهرحال موجوده حالتن ۾ گهڻن جي هاڻوڪي عيد تيل ٿيندي نظر اچي رهي آهي. البته، اجوڪي تحرير جو واسطو اڄڪلهه جي زماني واري ڪنهن به 'دَوسو' جي نچڻ سان نه آهي ۽ نه ئي ڪنهن جي ناني سان. پر جڏهن به ڪٿي 'دهل' جو آواز 'دوسو' نالي ٻڌندو هو، ته نچڻ شروع ٿي ويندو هو. اهڙي طرح ڪنهن ڳوٺ ۾ جهوني 'ناني' نالي هڪ ٻارڙي هئي، جيڪا به رڳو شل دهل وڄڻ جو ٺڪاءُ ٻڌي، ٻيهي نچندي هئي، چو ته ناني اڳ ۾ ئي نچندي هئي ۽ صرف دهل جو آواز ٻڌڻ سان ئي رقص شروع ٿي ويندو هو. تنهن ڪري چوندا آهن: دهل وڄي، دوسو نه نچي، ۽ ناني اڳ ئي نچڻي رڳو دهل ٻڌي.

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

معاشي استحڪام ۽ عوام کي ريليف:
حڪومت جا بروقت قدم

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ عالمي سطح تي جاري ڇڪتاڻ جي پيش نظر ملڪ جي معيشت ۽ عوامي ريليف لاءِ ٿيندڙ اجلاس مان واضح ٿيو آهي ته حڪومت ڪنهن به صورتحال کي مُنهن ڏيڻ لاءِ تيار آهي. اجلاس ۾ پاڪستان جي موجوده معاشي صورتحال، تيل جي ذخيرن درآمد ۽ عوام کي ريليف ڏيڻ لاءِ کنيل قدمن تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي، جيڪا ملڪ جي استحڪام لاءِ اهم قدم طور ڏٺي وڃي ٿي. وزيراعظم شهباز شريف جو موقف آهي ته عالمي مارڪيٽ ۾ بدلجندڙ حالتن جي باوجود عوام کي بروقت ريليف پهچائڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي. اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته موجوده حالتن ۾ ملڪ ۾ پيٽروليم مصنوعات جي مناسب مقدار موجود آهي، جيڪا حڪومتي فيصلن ۽ بروقت حڪمت عمليءَ جو نتيجو آهي. خاص طور تي تيل جي مسلسل فراهمي ۽ متعين قيمت تي فروخت کي يقيني بڻائڻ لاءِ 'پاڪ ايپ' ۾ نئون فيچر شامل ڪيو ويو آهي، جنهن ذريعي صارفين ڪنهن به جڳهه تي قيمتن يا فراهميءَ جي کوٽ بابت اطلاع ڏين ٿا، جن تي حڪومت ترت قدم کڻي ٿي. معاشي استحڪام لاءِ ڪفايت شعاري ۽ بچت جا قدم پڻ لاڳو ڪيا ويا آهن. جن جي عمل درآمد جي نگرانيءَ لاءِ ٿرڊ پارٽي آڊٽ کي به حڪم ڏنو ويو آهي. اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙ وزيرن ۽ آفيسرن بروقت فيصلن کي ساراهيو. جنهن ۾ خاص طور تي جمعي جي ڏينهن تيل جي قيمتن ۾ اضافو نه ڪرڻ جو فيصلو اهم سمجهيو ويو. وزيراعظم شهباز شريف جي هدايتن مطابق پيٽروليم ڪمپنين کي مقرر ڪيل قيمتن تي تيل وڪرو ڪرڻ ۽ شفافيت قائم رکڻ لازمي آهي، جيئن عوام کي ريليف پهچندي رهي ۽ معاشي استحڪام تي اثر نه پوي. حڪومت جا هي قدم نه رڳو موجوده بحران جو حل آهن، پر مستقبل ۾ معاشي استحڪام کي برقرار رکڻ جي ڪوشش پڻ آهن. اهو اجلاس ظاهر ڪري ٿو ته پاڪستان جي قيادت عالمي سطح تي بدلجندڙ صورتحال جو جائزو وٺندي عوام جي تحفظ ۽ معيشت جي مضبوط بنيادن لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي. بروقت فيصلن ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال سان حڪومت ملڪ ۾ پيٽروليم مصنوعات جي فراهمي ۽ قيمتن تي مڪمل ڪنٽرول قائم رکڻ ۾ ڪامياب ٿي رهي آهي. عوام لاءِ ريليف ۽ معاشي استحڪام جي حفاظت حڪومت جي پاليسيءَ جو مرڪزي مقصد بڻجي چڪي آهي.

فريد احمد

لطيفي لات — شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڏونگرا! تون ڏاڍو، ڏاڍا! ڏاڍايون ڪَرين:
مُون تَنَ اَندَرِ تيئَن وَهين، جِئَن وَڻُ وَڍي واڍو:
اِي ڪَرَمَ جو ڪاڍو، ناتَ پٿَرِ ڪيرَ پَنڌَ ڪَري؟

(سُر ڪوهياري)

اڄوڪو ڏينهن - 17 مارچ

ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن ناليواري ساهتڪار 10 ڊسمبر 1911ع تي حيدرآباد ۾ جنم ورتو. هن بي اي ۽ ايم اي جون سندون حاصل ڪيون ۽ ليڪچرار طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي. هن کي سنڌي، فارسي ۽ انگريزي ٻولين تي عبور حاصل هو. هن جا شروعاتي مضمون ۽ مقالا ڦليلي رسالي ۾ ڇپيا. هن لطيفي ٻاريءَ جي نالي سان هڪ رسالو پڻ جاري ڪيو هو. 1947ع واري ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ڇڏي هندستان هليو ويو جتي جئه هند ڪاليج ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. 1976ع ۾ انهي ئي ڪاليج مان انگريزيءَ ۽ فارسيءَ جي پروفيسر طور رٽائر ٿيو. سندس پهريون مشهور ڪتاب ڪاليداس جي ڊرامي شڪنتلا جو سنڌي ترجمو هو جيڪو 1946ع ۾ شايع ٿيو. هن ڀلاري ڀٽ ڌڻيءَ جو رسالو ترتيب ڏئي 1958ع ڌاري ڇپائي پڌرو ڪيو. جيڪو سندس وڏو ادبي ڪارنامون هو. هن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ، حضرت سچل سرمست ۽ ساميءَ جي زندگيءَ ۽ شاعريءَ تي سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ شاهڪار ڪتاب لکيا. هن ديوان محي الدين جو فارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو به ڪيو. هن هندستان جي ساهتيه اڪيڊميءَ جي سنڌي صلاحڪاري بورڊ جي ميمبر طور پڻ ڪم ڪيو. هن عظيم ساهتڪار 17 مارچ 1994ع تي هن فاني دنيا کان هميشه لاءِ موڪلايو.

ڪريم بخش خالد



اڄ مشهور ليکڪ ۽ انتظامي سربراهه ڪريم بخش خالد جي وفات جو ڏينهن آهي. هن 15 ڊسمبر 1928ع تي ڳوٺ ياسين ضلعي شڪارپور ۾ حاجي محمد عثمان ميمڻ جي گهر ۾ اکيون کوليون. هن 1945ع ڌاري سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو. هن 1952ع ۾ بي اي جي سند حاصل ڪئي. 1957ع ۾ صحافت ۾ ڊپلوما سرٽيفڪيٽ پڻ حاصل ڪيائين. اڳتي هلي 1969ع ۾ لنڊن مان سرڪاري ڪمن جي ايڊورٽائيزمينٽ ۾ ڊپلوما حاصل ڪيائين. هن اطلاعات کاتي ۾ مختلف عهدن تي ڪم ڪيو ۽ انهيءَ اداري جي ڊائريڪٽر جنرل طور رٽائر ٿيو. هو پنهنجي دور جو هڪ وڏو نثر نويس ۽ محقق هو. هو سنڌي ادبي سنگت، سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي ۽ پاڪستان رائٽرس گلڊ سان لاڳاپيل رهيو. هن جا ڪيترائي

مختيار اٽر

گذاريو ۽ اتي رهڻ دوران عربي ٻوليءَ تي عبور حاصل ڪري ورتو. ادبي حوالي سان هن جو وڏو ڪارنامون هيءُ هو ته هن شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ٽيهن سُرن جو عربيءَ ۾ ترجمو ڪيو. هن ڀٽائيءَ جي سوانح عمريءَ تي پڻ عربيءَ ۾ هڪ ڪتابڙو تحرير ڪيو. هن 17 مارچ 1986ع تي سعودي عرب ۾ وفات ڪئي. سندس مڙهه حيدرآباد ۾ آندو ويو، جتي ڪيس ڪنٽونمينٽ واري قبرستان ۾ دفنايو ويو.

پير تراب علي شاهه



هن نامور عالم ۽ فريڊم فائيٽر جي ولادت 2 نومبر 1857ع ۾ قمبر علي خان ۾ ٿي. هو انتهائي پرهيزگار ۽ نيڪ انسان هو. تر جا ڪيترائي ماڻهو سندس مريد هئا. گڏوگڏ هو هڪ علم دوست شخصيت جو مالڪ هو. هن جي ذاتي لائبريريءَ ۾ 21 سئو کان به وڌيڪ قيمتي ڪتابن جو ذخيرو موجود هو. سياسي طور تي هن خلافت تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو ۽ هند ۽ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ منعقد ٿيندڙ خلافت تحريڪ جي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪئي. هن هجرت تحريڪ ۾ به جان محمد جوڻيجي ۽ مولانا تاج محمد امروٽيءَ جي ڀرپور مدد ڪئي. هن 17 مارچ 1938ع تي راهه رباني ورتي.

ولايت علي شاهه جيلاني

اڄ صوفي شاعر ولايت علي شاهه جيلانيءَ جي ورسيءَ جو ڏهاڙو آهي. سندس ولادت تعلقي لکي ضلعي شڪارپور جي ڳوٺ انباهه ۾ 1911ع ڌاري ٿي. سندس والد سيد ٻگن شاهه به هڪ صوفي بزرگ هو. ننڍي هوندي کان ئي فقيريءَ طرف طبيعت مائل رهيس. پاڻ سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ شاعري ڪندو هو. سندس قلمي رسالو موجود آهي. پنهنجي ساٿي فقيرن سان گڏجي شاهه عنايت صوفي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، محمد فقير کٽياڻ ۽ ٻين صوفي

صفي الله فدا علوي

شڪارپور جي هن نامور شاعر ۽ نثر نويس جو جنم 17 مارچ 1890ع ۾ ٿيو. هن شڪارپور جي اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪري سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو ۽ پرائمري اسڪول جي استاد طور قوم جي نونهالن جي علم جي آبياري ڪئي. هن پنهنجي مامي محمد اسلم علويءَ کان متاثر ٿيندي ادبي دنيا ۾ پير پاتو. هن کي علم عروض جي قاعدن ۽ قانونن جي زبردست ڄاڻ حاصل هئي ۽ هو پنهنجي دور جو هڪ ڪهنه مشق شاعر هو. نثر ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ هو سندس اڪثر لکڻيون ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ رسالي "اخبار تعليم" ۾ ڇپيون. هن پهرين اپريل 1941ع تي وفات ڪئي.

ذوالفقار ڪورائي

پنهي عاقل سان واسطو رکندڙ هن پلوڙ شاعر جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1971ع ۾ ٿيو. هن ننڍي هوندي کان ئي شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. 1998ع کان سنڌي ادبي سنگت شاخ پنهي عاقل سان لاڳاپيل رهيو آهي. پاڻ سنڌي ادبي سنگت سکر ضلعي جو رابطہ سيڪريٽري پڻ رهي چڪو آهي. هن جي شاعريءَ ۾ مولود، نعتون، غزل، ۽ نظم وغيره شامل آهن. سندس شاعريءَ جو مجموعو "بهارن رنگ بدلايا" ڇپجي چڪو آهي.

گلشير ڪوريجو



هن ناميار ليکڪ ۽ استاد جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1973ع ۾ تعلقي دادوءَ جي ڳوٺ نورجا ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول مان حاصل ڪئي. ڇهين کان اٺين ڪلاس تائين گورنمينٽ مڊل اسڪول اميناڻيءَ ۾ پڙهيو ۽ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول خدآباد مان پاس ڪيائين. ٻارهين ڪلاس جو امتحان استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادوءَ مان پاس ڪيائين. هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان هيلٿ ۽ فزيڪل ايجوڪيشن واري شعبي مان گريجوئيشن ڪئي ۽ ساڳي يونيورسٽيءَ مان بين الاقوامي لاڳاپن واري شعبي ۾ ماسٽر ڊگري پڻ حاصل ڪيائين. ان کان علاوه بي ايڊ، ڪمپيوٽر سائنس ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلوما، ايم

سيڪريٽري، ڄامشوري ضلعي جو رابطہ سيڪريٽري ۽ مرڪزي آفيس سيڪريٽري رهي چڪو آهي. هن ستين ڪلاس کان لکڻ شروع ڪيو. سندس مضمون، گيت، غزل ۽ ٻيو مواد سنڌ جي ادبي رسالن ۽ اخبارن جي زينت بڻجندو رهيو آهي. هن پروفيسر محمد صديق جوڻيجي ۽ محمد موسيٰ لاکي سان گڏجي گڏيل ڪتاب "سڄڻ ماڪيءَ منڊ" ڇپرايو آهي. سنڌي ادبي دنيا ۾ پاڻ "گل سنڌي" نالي سان سڃاتو رکي ٿو.

نجمه بالادي

هن ناليواري شاعره ۽ ڪالم نگار جو جنم 17 مارچ 1977ع تي ڪنڊياري تعلقي جي ڳوٺ تڳيو بالاديءَ ۾ ٿيو. هن مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان زبيده گرلز ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيو. ان بعد سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪامرس ۾ ماسٽر ڊگري حاصل ڪيائين. هوءَ مختلف اسڪولن ۾ هڪ ٽيچر طور پڙهائيندي رهي آهي. هن نائين ڪلاس ۾ پڙهڻ دوران لکڻ شروع ڪيو. هن جا ڪالم "روزاني عبرت"، "عوامي آواز" ۽ "ڪاوش" سميت سنڌ جي مختلف اخبارن ۾ ڇپجندا رهيا آهن. سندس شاعريءَ کي به سنڌي ادبي حلقن ۾ چڱي مڃتا ملي آهي. نجمه بالادي مختلف سماجي تنظيمن سان پڻ لاڳاپيل آهي.

سونا خان بلوچ

اڄ مشهور راڳيءَ سونا خان بلوچ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هو 1910ع ڌاري نوشهري فيروز ضلعي جي ڳوٺ حاجي جان محمد مستوئيءَ ۾ ڄائو. راڳ جي سکيا استاد غلام قادر وسطڙي مولائيءَ کان ورتائين. 1956ع کان 1969ع تائين ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي مختلف پروگرامن ۾ پنهنجي آواز جو جادو جاڳائيندو رهيو. هن 17 مارچ 1982ع تي دم ڌڻيءَ جي حوالي ڪيو.

ڊاڪٽر فضل رحيم سومرو

ڊاڪٽر فضل رحيم سومرو عربي ٻوليءَ جو وڏو ماهر ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول /فيملي جج I ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 99 سال 2025

مسمات مريم مهر زال شاهد علي مهر رهاڪو گهر نمبر 218 پريا وليج ڄامشورو .پلينٽف..بخلاف.. شاهد علي ولد گلشير مهر رهاڪو عبدالرزاق پيٽرول پمپ لکي شاهه صدر تعلقو مانجهند ضلعو ڄامشورو. ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف Suit for Recovery of Maintenance and Enforcement of Matrimonial Stipulations لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 18-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول /فيملي جج I ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول /فيملي جج I ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات خاتون ڌيءُ گلڻ ذات حاجاڻو رهاڪو مشترڪ ڪالوني ٽنڊو محمد خان .پلينٽف..بخلاف سونو ولد عبداللطيف ذات حاجاڻو رهاڪو مشترڪ ڪالوني ٽي ايم خان . ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 17-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول /فيملي جج I ٽنڊو محمد خان

فوري طور تي سنڌس موبائل فون واپس ڪيو وڃي اسماعيل ڪوسو پنهنجي رشتيدارن صدام حسين ۽ رجب علي ڪوسو سان گڏ پريس ڪلب ٽنگريو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته جوابدار آزادانه طور گهمي ڦري رهيا آهن ۽ انهن کي سياسي شخصيتن جي پٺڀرائي حاصل آهي هن الزام لڳايو ته ٽنگريو پوليس اڳ ۾ يقين ڏياريو هو پر اڃا تائين موبائل فون جي واپسي عمل ۾ نه آئي آهي متاثر ڌيل

آهن ٻئي طرف جيڪو فصل لهي ٿو ان جو اڳهه ڪيرائي آبادگارن ۽ هارين جو معاشي قتل ڪيو وڃي ٿو اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ جي پاڻي تي هٿراڊو ڌاڙا هنيا پيا وڃن پيپلز پارٽي سنڌ جا وسيلا ڏئي اقتدار خريد ڪيو آهي وفاقي حڪومت سنڌ کي ڪرپشن جي ڪالوني بڻائي مڪمل لاتعلق بڻيل آهي اياز لطيف پليجي چيو ته هن وقت سنڌ ڪڻڪ جو فصل تيار آهي پر ڪٽي ٻه ڪڻڪ جي خريداري جا سرڪاري

جا ڪڪاوان گهر سڙي راک ٿي ويا، گهرن ۾ پيل الهه تلهه پڻ سڙي راک ٿي ويو ٽنگرپارڪر ٽائون ڪاميٽي جي فائربرگيڊ گاڏي پهچي باهه تي ڪنٽرول ڪيو ۽ ٻوڏيڪ گهر سڙڻ کان بچائي ورتا. باهه متاثر ڳوٺاڻن صحافين کي ٻڌايو ته باهه لڳڻ سبب اسان جي گهرن ۾ ڪا شيءِ ناهي بچي هنن چيو ته ڪاڏي پيٽي جو سامان برتن ڪپڙا بسترا ڪپڙا سونا گهر

سان تعلق رکندڙ ماڻهن شرڪت ڪئي جيڪو حڪومت ۽ سول سوسائٽي جي گڏيل سهڪار کي ظاهر ڪري ٿو اجلاس ۾ صحت واري وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو پلاننگ اينڊ ڊوليپمينٽ چيئرمين نجم شاهه ناڻي واري سيڪريٽري فياض جتوئي، شحت واري سيڪريٽري طاهر سانگي، سيڪريٽري ٽو سي ايم آصف جميل شيخ، سول اسپتال جو ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ ڊاڪٽر خالد بخاري ۽ ڊائريڪٽر

ڦيو ته ٺيڪ آهي نه ته احتجاج ڪيو ياد رهي ته 15 ڏينهن اڳ ۾ عارب شهيد جا وڻ وڍيا ويا هيا جيڪي پڻ لکين روپيه ماليت جا هيا ڳالهه وڍڻ ڪانپوءِ صرف سٺ هزار واپس ڪيا ويا جن بابت فقير ٻڌائن ٿا اوهي پئسه امانت رکيا ويا آهن سائين جي درگاهه جي مرمت لاءِ آهن ۽ هنن جوابدارن پيهر قبرستان ۾ بيٺل ڪروڙ روپين جي وڻن مان بيو پيرو به لک جا وڻ ڪٽرائي وڪرو ڪري ڇڏيا آهن جڏهن ته هيءَ

...

ادارک ته ٿو ڦٽي هنن چيو ته روز جي اهڙي روپي ڪان تنگ ٿي مجبور ٿي ڪري احتجاج ڪيو آهي هاڻي جيڪڏهن دڪاندارن کي تنگ ڪيو ويو ته نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويندو جنهن ذميواري ضلعي انتظاميا تي هوندي

فوري طور ڪم شروع ڪيو ويندو هي اهم منصوبو جنهن لاءِ صوبي جي حڪومت طرفان 50 ارب رپيا مختص ڪيا آهن اسپتال جي ايراضي کي بيٺي ڪرڻ سان گڏ ان جي تاريخي اهميت کي محفوظ رکڻ جو پڻ مقصد رکيو ويو آهي سي ايم هائوس ۾ ٿيل اجلاس ۾ مختلف شعبن

جالوري سخت احتجاج ڪندي چيو ته قبرستان ۽ امام بارگاهه کي موجوده سنڀاليندڙ عاشق سولنگي وڻ ڪپي وڪرو ڪيا آهن جيڪو چوري ٿو ته هو قبرستان مان وڏيل وڻن جي پيسن مان قبرستان جو ڪم ڪار چوديواري درگاهه جي ڪم سميت ٻيو ڪم ڪار ڪرائيندا اگر ڪم

جديد سهولتن سان گڏ نئين ايمرجنسي سسٽم انتظامي بلاڪ ۽ نرسن ۽ ڊاڪٽرن لاءِ هاسٽل پڻ تعمير ڪيا ويندا اجلاس ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته منصوبي تي عملدرآمد جي نگراني ۽ ان کي تيز ڪرڻ لاءِ سرڪاري ۽ نجي شعبي جي ماهرن تي ٻڌل هڪ بورڊ قائم ڪيو ويندو

PAKISTAN AIRPORTS AUTHORITY (PAA)

PAA
Pakistan Airports Authority

پاکستان ایئر پورٹس اتھارٹی

بولیوں کے لیے دعوت

Pakistan Airports Authority (PAA) درج ذیل کاموں کے لیے اہل کنسٹرکٹرز سے مہر بند بولیاں طلب کر رہی ہے:

نمبر شمار	کام	زر ضمانت	جمع کرانے کی تاریخ و وقت	کھولنے کی تاریخ و وقت
01	نواب شاہ ایئرپورٹ پر ایڈمن بلاک کی بحالی کا کام	200000/-	23-04-2026 صبح 11:00 بجے	23-04-2026 صبح 11:30 بجے

شرائط و ضوابط:

1. وہ لائسنس یافتہ کنسٹرکٹرز جو Pakistan Engineering Council (PEC) میں کیٹیگری C-6 یا اس سے بالا میں رجسٹرڈ ہوں اور جن کا NTN درست/فعال ہو، مذکورہ بالا کام کے ٹینڈر میں حصہ لینے کے اہل ہیں۔
2. بولیاں لازمی طور پر Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) کے E-PADS پورٹل http://eprocure.gov.pk پر الیکٹرانک طریقے سے جمع کرائی جائیں گی، جیسا کہ وقتاً فوقتاً PPRA کی جانب سے جاری کردہ شرائط و رہنما اصولوں کے مطابق۔ بڈنگ کا عمل پبلک پروکیورمنٹ رولز 2004، ای-پاک پروکیورمنٹ ریگولیشنز 2023 اور PPRA کی جانب سے وقتاً فوقتاً جاری کردہ کسی بھی ضوابط، ریگولیٹری گائیڈز، پروکیورمنٹ گائیڈلائنز یا ہدایات کے مطابق سنگل اسٹیج ون انویلپ طریقہ کار کے تحت منعقد کیا جائے گا اور یہ E-PADS میں رجسٹرڈ تمام ممکنہ اہل بولی دہندگان کے لیے کھلا ہے۔
3. بڈ سیکیورٹی کی اصل دستاویز بولیاں کھولنے کی تاریخ اور وقت پر جمع کرانا لازمی ہوگا جبکہ اس کی اسکین شدہ کاپی E-PADS پر جمع کرائی جانے والی بڈ کے ساتھ منسلک کرنا ضروری ہوگی۔ اگر بڈ سیکیورٹی پے آرڈر/بینک ڈرافٹ کی صورت میں بڈ کے ساتھ منسلک نہ ہو یا کوئی غلط معلومات/دستاویز فراہم کی جائے تو ایسی بڈ قابل غور نہیں ہوگی۔ بڈ سیکیورٹی **PAA DEVELOPMENT** کے حق میں ہوگی۔
4. مشروط ٹینڈرز قابل قبول نہیں ہوں گے۔ اگر بولی دہندہ بڈ کی درست شدہ/جانچ شدہ رقم قبول نہیں کرتا تو اس کی بڈ مسترد کر دی جائے گی اور بڈ سیکیورٹی ضبط کر لی جائے گی۔ PAA کو Public Procurement Regulatory Authority کے Rule33 کے مطابق کسی بھی یا تمام بولیوں کو مسترد کرنے کا حق حاصل ہوگا۔
5. **انتباہ:** 'بڈرز' اور 'کنٹریکٹرز' کی جانب سے بڈ سیکیورٹی اور بینک گارنٹی کے طور پر جمع کرائے گئے پے آرڈر/بینک ڈرافٹ یا کوئی بھی مالیاتی دستاویز اگر کسی بھی مرحلے (قبل از اں یا بعد ازاں) پر متعلقہ جاری کنندہ بینک/مالیاتی ادارے کی جانب سے جعلی یا ناقابل ادائیگی ثابت ہوئے تو ملکی قوانین کے مطابق بلیک لسٹنگ اور قانونی کارروائی عمل میں لائی جائے گی۔

ڈویژنل انجینئر ES (سول)
CATI ڈویژن، حیدرآباد
ایئرپورٹ، حیدرآباد | فون: 022-9260334

PID(K)3038/25

www.paa.gov.pk

پرگرام چيئرپرسن طرفان فوتي عورتن جي وارثن لاءِ 10-10، لک ۽ زخمين لاءِ ٽي ٽي لک رپيا امداد جو اعلان

صادق آباد ۾ عمارت جي ڇت ڪرڻ سبب بي آءِ ايس پي جي قسط وٺڻ آيل 8 عورتون دٻجي فوت

چڪ 125 پي ۾ امدادي رقم جي ورهاست دوران دڪان جي ڇت ڌماڪي سان پٽ پئجي وئي

اطلاع تي رسڪيو ٽيمن پهچي مبلي هٽيان 8 عورتن جا لاش ۽ 30 عورتن کي زخمي حالت ۾ ڪڍي ورتو

بي آءِ ايس پي چيئرپرسن روبينا خالد واقعي جو نوٽيس ورتو، جاچ ڪميٽي سميت واقعي واري هنڌ روانٿي

گهوٽڪي(رپورٽ: فرمان سومرو) پنجاب جي علائقي رحيم يار خان بي آءِ ايس پي جي قسط وٺڻ لاءِ آيل عورتن مٿان دڪان جي ڇت ڪرڻ سبب 8 عورتون فوت ۽ 30 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيون رحيم يار خان
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

دادو: جهيڙي قتل ٿي ويل جو لاش ٻي طرف زخمي اسپتال ۾ موجود آهن

دادو ويجهو زميني تڪرار تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو قتل، ٻه ڀائر زخمي

ڳوٺ فتح محمد ڪابورو ۾ جهيڙي دوران نور محمد پٽ مولابخش ڪابورو قتل ٿي ويو

سندس ٻه ڀائر خير محمد ۽ شيرل ڪابورو زخمي، ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سيوهڻ اسپتال منتقل

دادو (ڊ ر) دادو ويجهو شهيد مخدوم بلاول ٿاڻي جي حد ڳوٺ فتح محمد ڪابورو ۾ زمين جي تڪرار تان ڪابورو برادري ۾ جهيڙي نتيجي ۾ نور محمد پٽ مولابخش ڪابورو موقعي تي قتل ٿي ويو ۽ سندس ٻه ڀائر خير محمد ۽ شيرل ڪابورو زخمي ٿي پيا. مقتول جو لاش ۽ زخمين کي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال آندو ويو جتي مقتول جي ڀاءُ ميرل ڪابورو ٻڌايو ته غلام سرور ڪابورو غلام محمد ڪابورو غلام رسول ڪابورو ۽ ٻن نامعلوم ماڻهن ڏنڊا هٿين اسان جي روزيدار ڀاءُ نور محمد کي قتل ۽ ٻن ڀائرن خير محمد ڪابورو ۽ شيرل ڪابورو کي زخمي ڪري ڇڏيو آهي. هوڏانهن زخمين کي طبي امداد ڏيڻ بعد ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سيوهڻ اسپتال منتقل ڪيو ويو. فوتي جي وارثن ٻڌايو ته جهيڙي دوران بار بار
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

پنگريو ۾ ڳوٺاڻي جو موبائيل ڦر ڪندڙ جوابدار جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

پنگريو (ن ع) پنگريو پوليس اسٽيشن جي حدن ۾ ڳوٺ انور ڪوسو جي رهواسي اسماعيل ڪوسو اعليٰ پوليس اختيارين ڪان گهر ڪيو آهي ته نشاندهي جي باوجود سندس موبائل فون ڦرڪندڙ جوابدارن خلاف
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: عيد جي موقعي تي بازار مان هڪ ناري مصنوعي زيور پسند ڪري رهي آهي

ڪيرو ويجهو ڪچري کي ڏنل باهه سڄي ڳوٺ کي وڪوڙي وئي، 40 کان وڌيڪ گهر سڙي رک

ڳوٺ ميان پير محمد ۾ ڌارين پاران گند ڪچري کي ڏنل باهه ۾ ڪيريا ۽ ڪولهي ۽ ميگهواڙ برادري جي گهرن وڪوڙيو

باهه سبب گهرن ۾ پيل سامان نياڻين جو ڏاج، اناج، روڪ رقم سميت الهه تلهه رک ٿي ويو آهي، مدد ڪئي وڃي: متاثرين

ڪيرو (ن ع) ڪيرو ويجهو ڳوٺ ميان پير محمد ۾ ڌارين گند ڪچري کي ڏنل باهه سبب ڳوٺ باهه جي وڪڙ ۾ اچي ويو ڪيريا برادري ۽ ڪولهي برادري ميگهواڙ برادري جي گهرن کي
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي سيپڪو پاران بجلي چورن خلاف آپريشن، ڪيترائي ڪنڊا ڪنيڪشن ڪاٽا

لائين سپرنٽينڊنٽ خادم حسين ملڪ جي اڳواڻي ۾ مختلف علائقن ۾ ڇاپا هنيا

شهري بجلي چوري کان پاسو ڪن ۽ قانوني طريقي سان بجلي استعمال ڪن: خادم حسين

گهوٽڪي(ن ع) ايس ڊي او ڪو محمد نواز شريف ۽ رحموالي فيڊر تي نون مقرر ٿيل لائين سپرنٽينڊنٽ خادم حسين ملڪ جي اڳواڻي ۾ سيپڪو گهوٽڪي جي ٽيم بجلي چوري ۽ غير قانوني ڪنڊن خلاف ڪارروائي ڪندي مختلف علائقن ۾ ڇاپا هنيا ۽ ڪيترائي غير قانوني ڪنيڪشن ڪٽي ڇڏيا. ان موقعي تي ايس ڊي او ڪو محمد نواز شريف ۽ لائين سپرنٽينڊنٽ خادم حسين ملڪ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اها ڪارروائي سيپڪو چيف سڪر اعجاز احمد چنا، ايس اي گهوٽڪي ظهور احمد نوناري ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر فهيم احمد بلوچ جي هدايتن تي ڪئي وئي آهي هنن چيو ته بجلي چورن خلاف ڪارروائي وڌيڪ تيز ڪئي ويندي ۽ ڪنهن کي به بجلي چوري ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي هنن
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

وڳڻ پوليس پاران موٽرسائيڪل چور شڪ ۾ ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

وڳڻ (ن ع) وڳڻ پرسان ڳوٺ ٿرڙي هاشم ۾ ڳوٺاڻي ماجد خاصخيلي جي گهر اڳيان بيٺل موٽرسائيڪل چوري واري واقعي بعد پوليس شڪ ۾ ٻن ڄڻن سمير خاصخيلي ۽ ڪامران جتوئي کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪري ڏني آهي ان حوالي سان ڳوٺاڻي ماجد خاصخيلي جو چوڻ هو ته ڪلهه منهنجي موٽرسائيڪل گهر اڳيان
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

رانيپور جي روهڙي ڪئنال مان نوجوان جو لاش هٿ، سڃاڻپ بعد وارثن حوالي

مقامي ماڻهن جي اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍرائي اسپتال منتقل ڪيو

سڃاڻپ گمبٽ واسي نثار احمد ناريجو طور ٿيڻ تي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

راڻي پور(ن ع) راڻي پور جي روهڙي ڪئنال مان فاروقي محلا گمبٽ جي رهواسي نثار احمد ناريجو جو لاش مليو جيڪو مقامي ماڻهن پوليس ۽ ريسڪيو وارن لاش ڪڍرائي راڻي پور اسپتال آندو ويو جتي ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو ٻڌايو پيو وڃي ته نوجوان نثار ناريجو صبح جو گهران نڪتو ۽ هن وڃي گمبٽ مان روهڙي ڪئنال ۾ ٽپو ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏي هئي سندس لاش روهڙي ڪئنال جي ڀاڪيءَ ۾ لڙهي راڻيپور پهتو هو سندس جي وارثن پاران نوجوان جي لاش جي ڳولا جون ڪوشش ڪيون جيڪو لڙهندي راڻي پور روهڙي ڪئنال وٽان مليو لاش کي لڙهندو ڏسي مقامي ماڻهن راڻيپور پوليس کي اطلاع ڪيو جنهن ريسڪيو ۽ مقامي ڪوپن جي مدد سان لاش ڪڍرائي
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

راڌڻ جي قبرستان مان وڻن جي واڍي خلاف جانوري برادري جو احتجاج، انصاف جو مطالبو

راڌڻ (ن ع) عيد ويجهو ايندي راڌڻ جي قديمي قبرستان عارب شهيد جي قبرستان ۽ ان سان لڳ حسيني امام بارگاهه جو خدمتگار مرحوم عاشق جانوري پاران پوکيل ڪروڙ رپين جي وڻن مان لکين رپين جا وڻ لاپاڻين خلاف قبرستان جي خادم مرحوم عاشق جانوري جي ڀاءُ مجيد جانوري علي حسن جانوري ۽ فياض علي
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

راڌڻ: وڻن جي ڪٽائي ڪئي پئي وڃي

شهدادپور لڳ موٽرسائيڪل ۽ پوليس موبائيل ۾ ٽڪر، هڪ اهلڪار فوت، 6 ڄڻا زخمي

پوليس ٽريننگ ڪاليج وٽ ايس ايس پي نوابشاهه جي اسڪاٽ ۾ شامل پوليس موبائل ڪلٽي ٿي پئي

حادثي سبب پوليس اهلڪار سومر بروهي فوت ٿي ويو ۽ ظفر ابراهيم، ميان بخش مري ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا

لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتان لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

شهدادپور (رپورٽ مهدي حسين پنهور) ... ٽريننگ ڪاليج لڳ ايس ايس پي نوابشاهه جي اسڪاٽ ۾ شامل پوليس موبائل ...
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ شب قدر جي رات ۾ مسجدن، امام بارگاهن ۽ گهرن ۾ عبادت ڪئي وئي

ايس ايس پي سانگهڙ فرض ۾ ڪوتاهي الزام هيٺ شهدادپور ٿاڻي جي وڏي منشي کي ڪوارٽر گهاٽ ڪري ڇڏيو

... رحمان ملڪ کي بدلي ڪرڻ بعد ڪوارٽر گهاٽ ڪري سندس جاءِ تي غلام شبير سميجو کي وڏو منشي مقرر ڪري ڇڏيو جنهن چارج وٺي ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي

هنگورجا: فرحان چانگ جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڄامشورو لڳ مقابلو، زيادتي بعد ناري کي قتل ڪندڙ مک زخمي ڏوهاري سميت 8 جوابدار گرفتار

ڪيڙو ڪپائيندڙ ناري صابرو عرف صنبرين پٺاڻ کي اغوا بعد زيادتي ڪري بيدردي سان قتل ڪيو ويو هو

پوليس ٽيڪنيڪي صلاحيتن ذريعي پهچي مبينا مقابلو ڪري مک ڏوهاري معشوق ڪوسو کي زخمي حالت ۾ سوگهو ڪيو

ڪيس ۾ شامل وڌيڪ 7 جوابدارن کي پڻ گرفتار ڪيو ويو، وارثن کي انصاف ڏيارينداسين: ايس ايس پي

ڪوٽڙي (رپورٽ: حسين شورو/ نعيم سومرو) ڄامشورو پوليس ڪجهه ڏينهن اڳ ڪپهه واسڻ ڪپڙو ڪپائيندڙ ناري صابرو عرف صنبرين پٺاڻ کي اغوا بعد زيادتي جو شڪار بڻائي بي دردي سان قتل ڪيل
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ اڻڄاتل جوابدارن هڪ شخص کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو

سچل جمالي پل ويجهو موٽرسائيڪل تي سوار پيءُ پٽ مٿان هٿياربندن فائرنگ ڪئي

گولين لڳڻ سبب رحيم بخش قتل ٿي ويو، سندس پٽ معجزاتي طور بچي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي سچل جمالي پل ويجهو ٻن نامعلوم جوابدارن هڪ شخص کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو. پوليس موجب موٽرسائيڪل تي سوار پيءُ پٽ مٿان هٿياربندن فائرنگ ڪري رحيم بخش قتل ڪري ڇڏيو سندس پٽ معجزاتي طور بچي ويو. مقتول جو لاش ڪي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو. جڏهن ته مقتول جا مائٽ ٻه عباسي شهيد اسپتال پهتا. شروعاتي معلومات موجب مقتول رحيم بخش پيشي سان ڊرائيور هو جڏهن ته قتل جو سبب فوري طور تي ظاهر نه ٿي سگهيو آهي. پوليس دعويٰ ڪئي آهي ته جوابدارن ڪنهن به قسم جي ڦرلٽ نه ڪئي. مقتول جي موٽرسائيڪل، جڏهن ته مقتول ۽ سندس پٽ جا موبائل فون پڻ اتي موجود آهن.

ٽنڊوآدم جي موبائل مارڪيٽ ۾ جهيڙو، پوليس اهلڪار زخمي، جوابدار گرفتار

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي موبائل مارڪيٽ ۾ موبائل جي مسئلي تان همراهه موبائل دڪاندار وقار ملڪ جي دڪان تي هلان ڪري ڪيس تشدد جو نشانو بڻايو اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي ته جوابدار پوليس اهلڪار علي گل چانڊ کي ڌڪ هڻي زخمي ڪري وڌو جنهن بعد جوابدار آصف رند کي گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو

گوادر انتظاميا ايران ويندڙن لاءِ راهداري پرمٽ تي فوري طور پابندي مڙهي ڇڏي

ضلعي انتظاميه پاران جاري ٿيندڙ راهداري بابت حڪم تائين مڪمل طور تي معطل رهندي

ڪنهن به فرد کي ايران وڃڻ لاءِ نئين راهداري جاري نه ڪئي ويندي: نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گوادر جي ضلعي انتظاميا ايران وڃڻ جي خواهشمند شهرين لاءِ جاري ڪيل راهداري پرمٽ تي فوري طور مڪمل پابندي لاڳو ڪري ڇڏي آهي اسسٽنٽ ڪمشنر گوادر جي آفيس مان جاري ڪيل تازي نوٽيفڪيشن موجب، ضلعي انتظاميه پاران ايران وڃڻ لاءِ جاري
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

سيالڪوٽ: هڪ رضاڪار روزيدار ۾ افطاري ورهائي رهيو آهي

پشاور: مقامي اسڪول ۾ ٻارڙيون ٽيبلو پيش ڪري رهيون آهن

ڏگهڙي ويجهو شادي شده ناري پاڻ کي ڦاهي ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏي

ڳوٺ ناڳا ديهه 153 واسي ڏيلان زال مير خان ڀيل انتهائي قدم کنيو

پوليس لاش ڪٽائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي پرسان ڳوٺ ناڳا ديهه 153 ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو جتي 21 ورهين جي شادي شده عورت ڏيلان زال مير خان ڀيل مبينا طور پاڻ کي ڦاهي ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏي. ذريعن موجب عورت پنهنجي مڙس جي گهر جي ڪمري ۾ ڪاٺيءَ جي ڳاڏر سان رسي ٻڌي ڦاهو ڪاڙو جنهن سبب هوءَ موقعي تي ئي فوت ٿي وئي. فوتي عورت ٻن ٻارن جي ماءُ ٻڌائي وڃي ٿي. واقعي جي اطلاع ملڻ تي ڏگهڙي پوليس لاش کي تحويل ۾ وٺي تعلقه اسپتال ڏگهڙي منتقل ڪيو جتي ضروري قانوني ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. ڳوٺاڻن موجب ٻارن جي روئڻ جي آواز ٻڌي پاڙي وارن کي شڪ ٿيو جنهن بعد هنن عورت جي مڙس مير خان کي اطلاع ڏني، جيڪو ڳوٺ ۾ ئي ڪاٺين جي دڪان هلائي ٿو.

محرابپور پوليس پٺي پائڻ تي عدالتي حڪم باوجود ڪيس داخل نه ڪيو، احتجاج

شهري جي درخواست تي ايڊيشنل سيشن جج ڊي ايس پي سميت ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو

پوليس ايف آئي آر داخل ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي: درخواستگذار

محرابپور (ٽ-ر) محرابپور واسي عمير سهتو جي درخواست تي ايڊيشنل سيشن جج ڪو نوشهروفيروز جي عدالت محرابپور جي اڳوڻي ڊي ايس پي سرفراز منگي ايس ايڇ او محرابپور اشفاق شر وڏو منشي خليق الرحمان مهر ٺٽو منشي احمد سومرو اهلڪار خير محمد راڄپر نثار شر زاهد لاشاري شوڪت شر ۽ اسحاق شر خلاف ايف آئي آر داخل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو جڏهن ته محرابپور پوليس ايف آئي آر داخل ڪرڻ کان لاچاري ظاهر ڪري ڇڏي ٻئي پاسي محرابپور واسي نوجوان عمير سهتو پٽ مرحوم اعجاز سهتو پوليس جي زيادتين خلاف پڏائي پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته مذڪوره پوليس عملدارن ۽ اهلڪارن بلاجواز گهر ۾ داخل ٿي چادر چوڏيواري جو تقدس پائمال ڪندي
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

بدين پرسان اغوا ٿيل ٻن ٻارڙن جي ماءُ جي بازيابي لاءِ وارثن جو احتجاج

مغوي گل بانو جي مڙس شبير ملاح پنهنجي گهرڀاتين سميت احتجاج ڪيو

ڪوسا برادري جا ماڻهو هٿيارن جي زور تي زال کي اغوا ڪري ويا آهن، انصاف ڪيو وڃي

بدين (ڊ ر) بدين پرسان ٻن ٻارڙن جي ماءُ مبينا طور اغوا پوليس ۽ جوابدارن خلاف احتجاج سخت ڪارروائي جو مطالبو اغوا ٿي ويل گل بانو ملاح جي وارثن بدين پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪرڻ بعد پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته هڪ مهينو گذرڻ باوجود پوليس جوابدارن خلاف ڪا ڪارروائي ناهي ڪئي ان موقعي تي اغوا ٿي ويل نوجوان عورت گل بانو جي مڙس شبير ملاح پنهنجي پٽڙ ڪبير ۽ ضمير سس خستہ ملاح ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته لڳ ڀڳ هڪ مهينو اڳ سنڌن ڳوٺ ماسترحمن ملاح مان رات جي وقت جوابدار ڪريم ڪوسو صديق ڪوسو ڀائي ڪوسو منور ڪوسو ۽ ٻين هٿيارٻندن جي زور تي گل بانو کي اغوا ڪري ويا آهن هن چيو ته
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

مسوبرڳوڙي: قومپرست ڪارڪن مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

چيلهار ويجهو ناري پاڻ کي ڦاهو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو

ڳوٺ ڦليو واسي 28 ورهين جي اندران زال سترام انتهائي قدم کنيو

پوليس پهچي لاش ڪٽائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

چيلهار (ن ع) گذريل رات ڏير سان چيلهار پرسان ڳوٺ ڦليو جي 28 ورهين جي نوجوان ناري اندرا زال ستدرام گهر جي چونئري ۾ ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي جنهن جو اطلاع چيلهار پوليس کي ڏنو ويو ۽ پوليس جاءِ واردات تي پهچي لاش کي تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال نيو ويو.

چيلهار ۾ باهه لڳڻ سبب اٺ چونئرا سڙي رک، متاثرن پاران واهر جي اپيل

بجير پاڙي ۾ ٻڌر بجير، ملڪوڪ، ليمون ۽ ٻين جي گهرن کي باهه وڪوڙيو

باهه سبب گهرن ۾ پيل الهه تلهه سڙي رک ٿي ويو آهي، سهائتا ڪئي وڃي: متاثرين

چيلهار (ن ع) چيلهار شهر جي بجير پاڙي ۾ اوچتو باهه لڳي ويئي، باهه لڳڻ سبب ٻڌر بجير ملوڪ بجير ليمون بجير ۽ ٻين جا اٺ چونئرا هڪ موٽر سائيڪل ۽ هڪ ٻڪري سميت چونئرن ۾ پيل اناج ۽ گهريلو سامان سڙي رک ٿي ويا. باهه جو اطلاع ملڻ تي ٽائون ڪاميٽي چيلهار جي فائربرگيڊ موقعي تي پهچي پاڙي وارن جي مدد سان باهه وسائي. باهه متاثرين انتظاميا کان پرگهور لهڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته اسين سڀ پورهيت آهيون اسان جي سهائتا ڪئي وڃي.

شهدادپور: پوليس موبائيل ۽ موٽرسائيڪل جي ٽڪر ۾ زخمي ٿيل اهلڪار

ن ليگ، پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم ملڪي معيشت کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي: اياز لطيف پليجو

ڪرپشن، مهانگائي ۽ بيروزگاري سبب لکين خاندان ٻن ويلن جي ماني کان محروم ٿي ويا آهن

سنڌ ۾ ڪرپٽ ۽ خراب حڪمراني جي ڪري آبادگار، هاري ۽ پورهيت بدحالي جو شڪار آهن

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو آهي ته ن ليگ، پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم جي گڏيل حڪومت ملڪ جي معيشت کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي ڪرپشن، مهانگائي ۽ بيروزگاري سبب غربت ۾ اضافو ٿيو آهي لکين خاندان ٻن ويلن جي ماني کان محروم ٿي ويا آهن بيٺ گورنس جا ڏميوار هجڻ باوجود پيپلز پارٽي حڪومتي بينچن تي ويهي مخالفت جو ڪوڙو ڊرامو ڪري عوام کي دوکو ڏئي رهيا آهن ٿيل مهانگو ڪرڻ ڪري هر شئي مهانگي ٿي وئي آهي اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ ۾ ڪرپٽ ۽ خراب حڪمراني جي ڪري آبادگار، هاري ۽ پورهيت بدحالي جو شڪار آهن حڪومت وٽ زراعت جي بحالي ۽ بهتري جو ڪو به پروگرام ناهي
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ 9 مهينا اڳ قتل ٿيل نوجوان جا قاتل گرفتار نه ٿيا، احتجاج

بروهي چوڪ وٽ قتل ٿيل 3 ٻارڙن جي پيءُ عرفان گاڏيهڙو کي ٻارڙن کي به مارڻ جون ڌمڪيون ملڻ لڳيون

پوليس قاتل گرفتار نٿي ڪري، جوابدار ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن: مقتول جو والد

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ جي علائقي بروهي چوڪ وٽ 9 مهينا اڳ مبينا قتل ٿيل 3 ٻارڙن جي پيءُ عرفان گاڏيهڙو جا قاتل گرفتار نه ٿيا جوابدارن پاران مقتول جي ٻارڙن کي به مارڻ جون مبينا ڌمڪين خلاف وارثن سخت احتجاج ڪيو آهي ان سلسلي ۾ مقتول جي پيرسن پيءُ همت علي گاڏيهڙو معصوم ٻارڙن سميت ڪانفرنس ڪندي چيو ته 9 مهينا اڳ منهنجي 24 سالا پٽ عرفان کي جوابدار گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو هو جنهن جو ڪيس سائيٽ ٿاڻي تي داخل ڪرايو ان وقت جي ايس ايڇ او جوابدار ڌر کان پيسا وٺي مک جوابدارن جا نالا خارج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن جا ثبوت وسيلي نالا ڏناسين هن چيو ته هاڻ 9 مهينا گذري ويا آهن پوليس قاتل
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

بهاولپور: مقامي روڊ جو تعميراتي ڪم ٿي رهيو آهي

ڪراچي ۾ شب قدر جي موقعي تي پوليس پاران جامع سيڪيورٽي پلان تيار

شهر جي 2663 مسجدن، 134 امام بارگاهن ۽ 15 کليل هنڌن تي خاص سيڪيورٽي مقرر

حساس هنڌن، داخلي ۽ خارجي رستن ۽ عبادتگاهن تي سيڪيورٽي وڌيڪ موثر بڻائڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جي هدايتن تي ڪراچي پوليس 27 رمضان جي رات (شب قدر) تي شهر ۾ شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ هڪ جامع سيڪيورٽي پلان تيار ڪيو آهي تفصيلن موجب سيڪيورٽي پلان تحت ڪراچي رينج ۾ ڪل 6000 پوليس آفيسر ۽ اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن شهر جي 2663 مسجدن 134 امام بارگاهن ۽ 15 کليل هنڌن تي خاص سيڪيورٽي فراهم ڪئي وئي آهي سيني
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس مقابلا، 6 زخمين سميت 9 جوابدار گرفتار

عوامي ڪالوني، سکن، حيدري مارڪيٽ، تيموريه ۽ ڊيفنس پوليس جا مبينا مقابلا ٿيا

مقابلن ڪانپوءِ 9 جوابدارن کي گرفتار ڪري هٿيار ۽ ڦرو چوري ٿيل سامان هٿ ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عوامي ڪالوني، سکن، حيدري مارڪيٽ، تيموريه ۽ ڊيفنس پوليس مبينا مقابلي ڪان پوءِ 9 جوابدارن کي گرفتار ڪيو جن ۾ 6 زخمي ۽ شامل آهن ۽ هٿيار ۽ ڦرو چوري ٿيل سامان هٿ ڪيو ويو تفصيل موجب عوامي ڪالوني پوليس آچر ۽ سومر جي وچ واري رات ڪورنگي نمبر 5 سيڪٽر 36/سي رشيد اڪيڊمي ويجهو هڪ مبينا مقابلي ڪان پوءِ زخمين سميت 2 جوابدارن کي گرفتار ڪيو گرفتار ٿيل جوابدارن کان گولين سان گڏ هڪ پستول، 4 چوري ٿيل موبائل فون نقدي سان گڏ هڪ پرس ۽ هڪ
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ٺٽو: ايس ٽي پي چيئرمين قادر مگسي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

نوشهروفيروز ۾ ڊي سي ۽ اي سي جي مبينا زيادتين خلاف شهرين ۽ وڪيلن جو گڏيل احتجاج

مظاهرين ايڊووڪيٽ عبدالستار لهراٽي، ايڊووڪيٽ شوڪت علي ٻوهيو، نعيم لغاري ۽ ٻين احتجاج ڪيو

اي سي انڪروچمينٽ جو جواز ڄاڻائي وڪيل نعيم لغاري جي دڪانن تي روز جي بنياد تي پنج کان ڏهه هزار وٺي ٿو: مظاهرين

ڊائهن ڊي سي کي ڏني آهي پر ڪوبه تدارڪ نه ٿو ٿئي، نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي

نوشهروفيروز (رپورٽ: شاهد علي چنه) نوشهروفيروز ۾ ڊي سي ۽ اي سي جي مبينا زيادتين خلاف شهرين ۽ وڪيلن جو گڏيل احتجاج، مظاهرين الله واري چوڪ تي ڪائرن کي ٻاهيون ڏئي نعرا بازي ڪئي
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ٿرپارڪر ويجهو باهه سبب 6 پورهيتن جا گهر سڙي رک، متاثر کليل آسمان هيٺ ويٺل

ڳوٺ گهرڙياري ۾ لوجي ڪولهي، پرڀو ڪولهي، ڏيارام ڪولهي، گينو ڪولهي ۽ ٻين جي گهرن کي باهه وڪوڙيو

اطلاع تي فائر برگيڊ گاڏين پهچي باهه تي ڪنٽرول ڪري وڌيڪ گهرن کي سڙڻ کان بچائي ورتو

باهه سبب گهرن ۾ پيل الهه تلهه سڙي رک ٿي ويو آهي، ٻچا کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن، مدد ڪئي وڃي: متاثرين

ٿرپارڪر (ن ع) ٿرپارڪر ڪاٺون جي ڳوٺ گهرڙياري ۾ اوچتو باهه لڳڻ سبب 6 غريب پورهيتن لوجي ولد پورو ڪولهي، پرڀو ڪولهي ڏيارام ڪولهي گينو ڪولهي، مارجي ڪولهي ۽ لوجي ولد اميدو
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان پستول صاف ڪندي اوچتو گولي لڳڻ سبب نوجوان زخمي، اسپتال داخل

خيرپور(ڊر) خيرپور پرسان ڳوٺ منگهنواري جو رهواسي ۽ ڳوٺ پنڙي سان واسطو رکندڙ نوجوان مختيار جاگيراڻي پستل صاف ڪندي اوچتو گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو وارثن موجب نوجوان گهر ۾ پستول صاف ڪري رهيو هو ته اوچتو گولي هلي وئي جيڪا کيس لڳي وئي جنهن سبب هو زخمي ٿي پيو

ڪوٽڙي: ڊي سي ڄامشورو غضنفر علي قادري سان زمين جي رڪارڊ بابت ڳالهائي ڪئي پئي وڃي

زمينن جي رڪارڊ جي درستگي ۽ تصديق واري عمل کي بهتر بڻايو وڃي: ڊي سي ڄامشورو

رڪارڊ آف رائٽس جي بيهر لکت ۽ ان جي ڊجيٽلائيزيشن بابت هڪ اهم ابتدائي اجلاس منعقد ٿيو

لاڳاپيل آفيسرن کي پنهنجون ذميواريون ايمانداري، محنت ۽ ذميواري سان نڀائڻ جي هدايت

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو سنڌ جي هدايتن تي ضلعي ڄامشورو ۾ زمين جي رڪارڊ کي درست، شفاف ۽ جديد بڻائڻ لاءِ رڪارڊ آف رائٽس جي بيهر لکت ۽ ان جي ڊجيٽلائيزيشن بابت هڪ اهم ابتدائي اجلاس ڊپٽي ڪمشنر آفيس ڄامشورو ۾ منعقد ٿيو جنهن جي صدارت ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري ڪئي. اجلاس ۾
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي عدالت پاران ٻن جوابدارن کي منشيات جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي 7 سال قيد ۽ 50 هزار ڏنڊ جي سزا

خيرپور(ڊر)خيرپور جي ايڊيشنل سيشن جج لياقت علي ڪوسو جي عدالت ٻن جوابدارن علي نقي شاهه ۽ رابيل گل کهڙو تي منشيات رکڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي 7 سال قيد ۽ 50 هزار ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي ڪيس ۾ نامزد جوابدارن علي نقي شاهه ۽ رابيل گل کهڙو تي 2024 ۾ پڻگ جو ڪيس داخل ڪيو ويو هو پوليس گشت
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڳوٺ ويجهو بجليءَ جي تار مان ڪرنٽ لڳڻ سبب نوجوان فوت

ڳوٺ بالي شاهه واسي 17 ورهين جو رحمان ولد علي محمد سولنگي فوت ٿي ويو

ٽنڊو ڳوٺ(ن ع) ٽنڊو ڳوٺ ويجهو ڳوٺ بالي شاهه ۾ 11 هزار بجليءَ جي تار مان ڪرنٽ لڳڻ 17 ساله نوجوان نوجوان رحمان علي پٽ علي محمد سولنگي فوت ٿي ويو جنهن سبب گهر ۾ ڪهرام مچي ويو جڏهن ته وارثن ٻڌايو ته نوجوان ڪبوتر جو شوقين هو پنهنجي گهر جي ڇت تي ڪبوتر پڪڙڻ لاءِ چاڙهي ويو ته ڇت جي مٿان يارهن هزار بجليءَ جي تار ۾ هٿ لڳڻ سبب واقعو پيش آيو ۽ نينگر ڦٿڪي ٿي ئي فوت ٿي ويو جڏهن ته واقعي ڪاٿيو
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو ڳوٺ: فوت ٿيل نوجوان جو لاش سندس گهر ۾ پيل آهي

وڳڻ جي رهواسي نوجوان جو لاش ڪراچي مان هٿ آيو، وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو

وڳڻ (ن ع) وڳڻ پرسان ڳوٺ ٿرڙي هاشم جو رهواسي نوجوان سجاد علي پٽ مرحوم استاد عبدالواحد ٿنيو جو لاش ڪراچي جي طارق روڊ واري علائقي نوراني ڪباب وٽان هٿ آيو آهي واقعي جو اطلاع ملڻ بعد نوجوان جي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ان حوالي سان فوتي نوجوان جي ڀاءُ ذوالفقار ٿنيو ٻڌايو ته هو روزگار سانگي ڪراچي جي
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ ايس ٽي پي پاران احتجاجي مظاهرو

انڪم سپورٽ جي رقم مان ڪٽوتي خلاف مظاهرو ڪيو ويو

مستحق عورتن جي وظيفي مان غير قانوني طريقي سان ڪٽوتي ڪئي پئي وڃي: مظاهرين

مورو(ن ع) مورو ۾ ايس ٽي پي پاران بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي هلندڙ مستحقن جي پئسن مان ڪٽوتي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي اصغر بليدي، عبدالحميد پنهور، داٿود عمراڻي، عباس ڪوڪي محمود اعوان، مياداد لنڊ، ايس يو پي اڳواڻ ياسين سومرو، اسلم ڪوريجو عباس حب، گل حسن ڪوسو گلشير لاشاري، راڻو شير ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته مورو شهر ۾ هلندڙ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت مستحق عورتن جي وظيفي مان غير قانوني طريقي سان ڪٽوتي ڪئي پئي وڃي پر انهن خلاف انتظاميا ڪا ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي جنهن ڪري اهي ڊوائيز مافيا زبردستي مستحقين ڪان هڪ هزار ڪان 2 هزار رپين تائين ڪٽوتي
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران مختلف هنڌن تي ڪارروائين ۾ 9 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

گرفتار جوابدارن ۾ راشد، ديدارچانگ، شاهد جسڪاڻي، شير منگڻهار، طاهر منگڻهار، نعيم سمنگ ۽ ٻيا شامل: پوليس

جوابدارن وٽان چرس، ڀنگ، ڦر ٿيل رقم، چوري ٿيل موٽر سائيڪل ۽ هٿيار برآمد ڪيا آهن

منشيات فراهم ڪندڙ جوابدارن خلاف روزاني جي بنيادن تي ڪارروايون جاري رکيون وينديون: ايس ايس پي

خيرپور(عبدالمجيدپنهور)خيرپور پوليس ضلعي ڀر ۾ ڪامياب ڪارروايون ڪندي 9 جوابدار گرفتار ڪري انهن جي قبضي مان 6310 گرام چرس، 3700 گرام ڀنگ، ڦرلٽ ٿيل 65 هزار رپيا نقد، هڪ موٽر سائيڪل
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ناريون عيد جي خريداري ڪري رهيون آهن ٻي طرف ڪاريگر چوڙيون ٺاهي رهيا آهن

ڪراچيءَ سول اسپتال جي جديد معيارن مطابق ترقي لاءِ 100 ارب رپين جو جامع ماسٽر پلان منظور

وڏي وزير جي صدارت هيٺ ٿيل هڪ اعليٰ سطحي اجلاس ماسٽر پلان جي اصولي منظوري ڏني وئي

عبدالستار ايڌي ميڊيڪل ٽاور منصوبي ۾ سنڌ حڪومت طرفان 50 ارب رپين جي گرانٽ پڻ شامل

اسپتال جي ايراضي کي بيٺي ڪرڻ سميت عمارت کي جديد بڻائي تاريخي ڍانچن کي محفوظ رکيو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه هڪ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪئي سول اسپتال ڪراچيءَ جي ترقي ۽ ان کي جديد معيارن مطابق ڍالڻ لاءِ 100 ارب رپين جي جامع ماسٽر پلان جي اصولي منظوري ڏئي ڇڏي آهي هن منصوبي ۾ سنڌ حڪومت طرفان 50 ارب رپين جي گرانٽ پڻ شامل آهي جڏهن
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ پ پ شهيد پڏر اڳواڻ ڪاشف باغي جي قتل جي شروعاتي رپورٽ جاري

مقتول کي ساڄي اک جي پاسي کان گولي لڳي، جيڪا دماغ جي پٺيئين پاسي مان نڪري وئي: رپورٽ

قتل ۾ سندس ئي دوست وليد ۽ هڪ ٻيو ملوث آهن، گرفتاري کان پوءِ نالو ظاهر ڪيو ويندو: پوليس

حيدرآباد(رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد ۾ پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو جي مقامي اڳواڻ ڪاشف باغي جي قتل سان لاڳاپيل شروعاتي پوسٽ مارٽم رپورٽ جاري ڪئي وئي آهي، جنهن موجب سندس موت فائرنگ جي نتيجي ۾ ٿيو. رپورٽ موجب، ڪاشف باغي کي ساڄي اک جي پاسي کان گولي لڳي، جيڪا دماغ جي پٺيئين پاسي مان نڪري وئي. ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته گولي لڳڻ سان دماغ کي وڏو نقصان پهتو جيڪو سندس موت جو سڌو سبب بڻيو پوسٽ مارٽم دوران معلوم ٿيو ته ساڄي اک جي پاسي هڪ تقريباً 2 سينٽي ميٽر جو سوراخ موجود هو، جيڪو فائرنگ ذريعي قتل جي امڪان کي ظاهر
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

وڳڻ: فوتي شخص جو لاش گهر ۾ پيل آهي



هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.